عبدالهادي ٽيپو

# هندو ڏاها

## اسلام جي شاهراه تي

### جناب عبدالرحمٰن صاحب

### (اڳوڻو – رَگُهو بير سنگهہ)

احمد اواهہ: السلام عليڪم ورحمتہ الله وبرڪاتہ.

عبدالرحمن: وعليڪم السلام ورحمتہ الله وبرڪاتہ .

سوال: سائين عبدالرحمن صاحب! توهان خيريت سان آهيو! ارمغان رسالي لاءِ توهان سان بہ تي ڳالهيون ڪرڻيون آهن.

جواب: الحمدلله نيڪ آهيان. توهان بيشڪ فرمايو .

سوال: مهرباني ڪري توهان پنهنجو تعارف ڪرايو .

جواب: منهنجو اڳوڻو نالو رَگُهو بير سنگهہ آهي. آئون ڪتولي شهر جي هڪڙي ڪنڀار مزدور ڪٽنب سان تعلق رکان ٿو . گهر وارا مون کي رَگُهُو جي نالي سان ڪوٺيندا آهن. 1971ع ۾ الله سائين مون کي هدايت عطا فرمائي. ان وقت منهنجي عمر 21 سال کن مس هئي. منهنجو والد صاحب ديپ چند گذاري ويو آهي. هينئر ڪتولي شهر ۾ آئون جنرل مرچنٽ جو دڪان هلايان ٿو . وچ ۾ حجامڪو ڌنڌو بہ ڪيو هوم . پر ڪن شرعي ڳالهين جي ڪري اهو دڪان بند ڪري ڇڏيم.

سوال: پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ بابت ڪجهہ ٻڌايو؟

جواب: منهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو هڪڙو لطيفو آهي. ٿيو هيئن جو 19 سالن جي عمر ۾ منهنجي شادي ٿي وئي. گهر واري ڏاڍي سهڻي هئي. هن جو خاندان بہ اسان کان اوچو هو . گهر واريءَ جو والد صاحب بہ نيڪ انسان هو، ڪو ننڍو سنڍو ڪاروبار بہ ڪندو هو . شادي خير سان ٿي ۽ گهر واري اسان جي گهر آئي تہ صحيح، پر اسان جي گهر جي غريبي حالت ڏسي سندس دل ڪانہ لڳي. آئون ڏهين ڪلاس ۾ فيل ٿي ويس. هوءَ تعليم ۾ بہ مون کان مٿي هئي، انٽرميڊيئيٽ پاس هئي. مون کي بيحد وڻندي هئي، مون کي ساڻس ڏاڍي محبت ٿي وئي هئي. هڪڙي ڀيري سندس مائٽ کيس وٺڻ لاءِ آيا، هوءَ هلي وئي، مهيني اڌ ڪانپوءِ آئون کيس وٺڻ لاءِ ويس تہ هن اچڻ کان انڪار ڪيو، مون کي ڏاڍو صدمو پهتو. وري منهنجو پيءُ کيس وٺڻ لاءِ ويو تہ انهن هن سان بہ ان کي ڪونہ ڇڏيو، مون ٻين مائٽن ۾ وڏڙن کان سفارشون بہ ڪرايون پر هن اچڻ کان صاف انڪار ڪيو . هٽ پيير گهٽو ٿي هنيم پر سموريون ڪوششون بيڪار ثابت ٿيون. ظاهري ڪوشش مان ڪوبہ ڪڙتيل ڪونہ نڪتو، تہ پوءِ اسان تعويذ ٽوٽڪا ڪرائڻ شروع ڪيا، پر تڏهن بہ ڪم ٿيڻ جي ڪا صورت ڪانہ نڪتي. آئون، گهر واريءَ کي ڏاڍو ياد ڪندو هوس، ڪم ڪار تان دل ڪڃي وئي. اڌ چريو ٿي ويس. ڏاڍي بي آرامي پيدا ٿي پئي. بابا کي ڪنهن ٻڌايو تہ جمعي جي رات جو اڪبر خان واري مسجد ۾ وڏو اجتماع ٿيندو آهي، جيڪو ڇنڇر جي ڏينهن صبح تائين هلندو آهي، اتي گهڻا مولانا لوڪ ايندا آهن، توهين اتي وڃو . بابا ڇنڇر تي صبح جو اتي پهتو، ماڻهن کيس ٻڌايو تہ مسجد جي ٻاهران ميدان ۾ ويهي رهو، جڏهن پروگرام ختم ٿئي تہ ڪنهن مولانا صاحب سان توهان کي ملائي ڇڏبو . هڪڙو مولانا مسجد کان ٻاهر گاڏي تي پلاءُ جو ديڳڙو رکي وڪڻندو هو. بابا هن وٽ ويو ۽ هن سان پنهنجو سور سليائين. هن چيو تہ اسين ڪتوليءَ وارا سيني ڪمن لاءِ قُلت وارن وٽ ويندا آهيون. اهي ڏسڻ ۾ تہ مولوي ڪونہ ٿا لڳن، پر قلت جا آهن. ۽ قُلت وارا وڏا پهتل ماڻهو آهن. جڏهن اهي مسجد کان ٻاهر نڪرن تہ انهن کي چنبڙي پئجئين. هو گهٽو ٿي نہ نہ ڪندا پر تون انهن کي نہ ڇڏجئين. جي هنن ها، ڪئي تہ پڪ سان تنهنجو ڪم ٿي ويندو .

سوال: اهو ڦُلت وارو نوجوان ڪير صاحب هو؟

جواب: ٻڌايان ٿو ، تہ اهو توهان جو والد صاحب هو. هو ان وقت مشن اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ يارنهين ڪلاس ۾ پڙهندو هو . اسڪول جي ڊريس ۾ ئي هو جماعت ۾ شامل ٿيندو هو. جيتوڻيڪ هو جماعت ۾ شامل هوندو هو ۽ تقرير بہ ڌاڍي سٺي ڪندو هو پر ماڻهن جي ذهن ۾ ڪيس مولوي صاحب جي نالي سان سڏڻ جو خيال بہ ڪو نہ هو . هفتيوار اجتماع ۾ جوڙڻ واري ڳالهہ يا صبح جو ڇهن نمبرن واري ڳالهہ بہ اهو ڇوڪرو (توهان جو والد) ئي ڪندو هو . اشراق کان فارغ ٿي هو ٻاهر نڪتو، ڪتابن جو ٿيلهو ڪنڌ ۾ وجهي اسڪول ڏانهن وڃڻ لڳو تہ بابا سائين بہ سندس پويان سڏ ڪرڻ ۽ ڊوڙڻ لڳو. مولوي صاحب! مولوي صاحب! اهو ڇوڪرو مولوي صاحب هجي ها يا پاڻ کي مولوي سمجهي ها تہ سڏ ٻڌي بہ ها. منهنجي والد ڊوڙي وڃي سندس ڪنڌ تي هٿ رکيو ۽ چوڻ لڳو تہ ڇو منهنجي ڳالهہ ڪونہ ٿا ٻڌو. مون توهان کي ايڏا سڏ ڪيا، توهان ڪنڌ ورائي بہ ڪونہ ڏٺو .

توهان جي والد چيو تہ توهان تہ مولوي صاحب کي پئي سڏ ڪيا، آئون تہ مولوي صاحب ڪونہ آهيان؟ منهنجو پيءُ چوڻ لڳو تہ اها ڳالهہ تہ مون کي طاهري واري مولانا چڱي طرح سمجهائي ڇڏي هئي تہ ڦُلت وارا پاڻ کي لڪائيندا آهن، هاڻي مون کي پڪ ٿي ويئي آهي. توهان کي منهنجو ڪم ڪرڻو پوندو . هن پڇيو تہ توهان جو ڪهڙو ڪم آهي؟ منهنجي پيءُ چيو تہ پٽ جي زال گهر نٿي اچي، ڇورو مريو ٿو وڃي. نہ ڪم نہ ڌنڌو. چرين وانگر گهٽين ۾ پيو رلي، اهڙو ڪو تعويذ ڏيو جو منهنجي ننهن گهر اچي. توهان جو والد صاحب چوڻ لڳو تہ طاهري واري ملا جي توهان سان پوڳ ڪيو آهي، منهنجي تہ ڏاڏي پڙ ڏاڏي کي بہ تعويذ ناهڻ ڪونہ ايندا آهن. منهنجي پيءُ کي ملا جي ٻڌايو هو تہ اهي انڪار ڪندا، پر تون هرگز نہ ڇڏجئين. سو توهان جي والد صاحب جي انڪار ڪرڻ تي منهنجي پيءَ کي ويتر وڌيڪ پڪ ٿي وئي تہ هي لوڪ کان لڪندڙ ماڻهو آهن، هر ڪنهن جو ڪم ڪونہ



ڪندا آهن. تنهنڪري اجان بہ وڌيڪ منٿون ايلاز ڪري چوڻ لڳو تہ، اڄ مون کي توهين موٽائي نٿا سگهو ، جيستائين منهنجو ڪم نہ ڪندا آئون ڪونہ ويندس.

حضرت صاحب، پوءِ ٻڌايو تہ مون وس ڪيا، ڏاڍو سمجهايم، معافيون گهريم، پر هو ڪونہ مڙيو . جند ڇڏائڻ لاءِ چيم تہ اڳئين ڇنڇر تي اچجئين، ائين چئي جان بچايم. حضرت صاحب جو خيال هو تہ ڪنهن واقفڪار کان تعويذ ٺهرائي آڻي ڏيندس. ان زماني ۾ ڦُلت ۾ حضرت شيخ الحديث رحہ جو هڪڙو مريد حافظ عبداللطيف، مدرسي ۾ پڙهائيندو هو ، اهو ڪم ڄاڻندو هو . سو خيال ڪيم تہ ان کان تعويذ وٺي ڏيندس، اڳئين ڇنڇر جي ڳالهہ مولوي صاحب کان وسري وئي. ان ڏينهن تي صبح جو ڪيس ڇهن نمبرن تي تقرير ڪرڻي هئي.

مولوي صاحب ٻڌايو، تہ صبح جو جڏهن ڏينهن ٿورو مٿي ٿيو سوجهرو ٿيو تہ ، مسجد ۾ تقرير ڪندي جڏهن مون جوتن واري ورانڊي ڏانهن ڪنڌ ورايو تہ سندس نظر منهنجي پيءَ تي وڃي پئي. هو ينيرڪي مهل پهچي ويو هو ، ڪنيارن جو صبح بہ تہ جلدي ٿيندو آهي گذريل ڇنڇر جو واعدو ياد اچي ويو پر تعويذ آڻڻ ياد ڪونہ رهيو. ڳالهہ ڊاما ڊول ٿيڻ لڳي. پاڻ سنپاليم ۽ اشراق جي نيت ڪري نماز جوتي بيهي رهيس. ذهن ۾ حضرت شاهہ عبدالقادر رحہ جي طرفان ڪنهن خراب عورت کي سندس في ڏئي پنهنجي مصلي تي بيهاري هن لاءِ دعا گهرڻ جو واقعو بہ ياد آيو، تہ يا الله! مصلي تي تہ مون آڻي بهاريو آهي، باقي دلين کي ڦيرائڻ ڪم تنهنجو آهي.

انهن ڳالهين جي برڪت سان نماز ۾ پنهنجي جان ڇڏائڻ جي اٽڪل دماغ ۾ آئي. ٻہ رڪعتون پڙهي مولوي صاحب منهنجي پيءَ کي سڏيو ۽ چيائين تہ پنهنجي پٽ کي مسجد جي غسل خاني ۾ اشنان (غسل) ڪرڻ لاءِ چئو. غسل ڪانپوءِ هو مون کي مسجد کان ٻاهر واري حجري ۾ وٺي ويو ۽ ٽي دفعا ڪلمو پڙهايائين ۽ ان جي معنيٰ بہ ٻڌايائين. پوءِ چيائين تہ بس هڪڙو

مالڪ سڀ ڪجهه ڪرڻ وارو آهي. جيڪڏهن تو اهو ڪلمو دل ۾ وهاري ڇڏيو تہ مالڪ تنهنجي زال کي بنا سڏائڻ جي توهان جي گهر موڪلي ڇڏيندو. هن مون کي هڪڙي ڪاغذ ٽڪر تي هنديءَ زبان ۾ ڪلمو طيب لکي ڏنو ۽ چيائين ان کي جپيندو رهہ. ٻاهر اچي منهنجي پيءُ کي چيائين تہ مون هِن کي هڪڙو منتر ٻڌايو آهي. هي ان کي جپيندو رهندو تہ مالڪ ضرور توهان جي ٻڌندو.

مولانا صاحب پوءِ ٻڌايو تہ هن مسجد اندر وڃي ٻہ رڪعتون ٻيون نفل پڙهيون ۽ دل سان دعائون ڪيون تہ اي الله. زبان سان تہ مون ڪلمو هنن کان چورائي ڇڏيو آهي. تون ان کي هن جي دل ۾ بہ وهاري ڇڏ . پوءِ اسين ٻئي پيءُ پٽ. دلجاءِ ڪري گهر آيا سين. چوٿين ڏينهن منهنجو سهرو . منهنجي زال کي وٺي اسان جي گهر آيو ۽ خوشيءَ سان پنهنجي ڌيءَ کي اسان وٽ ڇڏي هليو ويو . پوءِ تہ مون کي ان منتر تي وڏو اعتقاد ٿي پيو. ۽ آئون ان جو تمام گهڻو جاپ ڪندو رهيس. ڪڏهن ڪڏهن وڏي آواز سان مزي ۾ پڙهڻ لڳندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن مزي ۾ وجد اچي ويندو هو . ٻئي چنڇر تي منهنجو پيءُ لڏون وٺي توهان جي والد صاحب وٽ ويو پر هو ان ڏينهن تي ڪونہ آيو هو . منهنجو پيءُ مايوس ٿي موٽي آيو . ٽئين ڏينهن چنڇر تي وري ويو اجتماع ڪان واندو ٿي توهان جو والد صاحب مسجد مان ٻاهر نڪتو تہ منهنجي پيءُ هن جا ڏاڍا ٿورا مڃيا ۽ لڏون پيش ڪيائين هن لڏون واپس ڪري ڇڏيا تہ منهنجو ان ۾ ڪجهه بہ ڪو نہ آهي اهو سڀ ڪم مالڪ ڪيو آهي. توهان جو عرض هن اونايو آهي. منهنجي پيءُ پڇيو تہ منهنجو ڇوڪرو توهان جو ڏنل منتر هر وقت پڙهندو رهندو آهي. ڪو نقصان تہ ڪو نہ ٿيندو؟ توهان جي والد صاحب چيو تہ اهو تہ اجان بہ ڀلو آهي. وڏي فائدي وارو آهي.

آئون هر وقت اهو ڪلمو پڙهندو رهندو هوس. هڪڙي ڏينهن مزي سان وڏي سڏ اهو ڪلمو پڙهندو پئي ويس تہ ڦُلت جو هڪڙو ملا جي جيڪو



واڍڪو ڪم ڪندو هو. سندس نالو غلام حسين هو ۽ اسان جي پاڙي ۾ در دريون ٺاهڻ ۽ مرمت ڪرڻ لاءِ ايندو هو. ان اهو منتر ٻڌي ورتو. هو اسان کي بہ چڱي طرح سڃاڻندو هو . هن جو اهو ٻڌو تہ ڇوهڻ لڳو. اڙي رگهُو! هي تون ڇا پيو پڙهين؟ مون چيو هي منتر آهي. ڦلت واري مولوي صاحب ڏنو. ان سان منهنجي زال گهر آئي آهي. هن چيو اهو تہ اسلام جو ڪلمو آهي. اهو ڪلمو پڙهي ماڻهو مسلمان ٿي ويندو آهي. مون چيو تہ . "ڇا آئون مسلمان ٿي ويو آهيان؟" هن چيو تہ جيڪڏهن سچي دل سان تو اهو پڙهيو. تہ تون مسلمان ٿي ٿي ويندين. مون چيو تہ آئون تہ سچي دل ۽ ايڏي وشواس سان پڙهان ٿو. جو توهين بہ اهڙي طرح ڪو نہ پڙهندا هوندا." هن چيو تہ پوءِ تہ تون مسلمان ٿي ويو آهين. مون چيو هاڻي مون کي ڇا ڪرڻو پوندو ؟ هن چيو تہ هاڻي توکي پنهنجو نئون مسلمانڪو نالو رکڻ گهرجي ۽ نماز ياد ڪري پنج وقتي نماز پڙهڻ گهرجي. مون پڇيو تہ ڪهڙو نالو رکان؟ هن چيو تہ عبدالرحمان نالو رکي ڇڏ. مون چيو . نماز مون کي ڪير سيکاريندو ؟ هن چيو تہ . آئون سيکاري ڇڏيندس. مون چيو تہ اهو تہ ڏاڍو ڀلو ٿيو . هو روز رات جو مون وٽ ايندو هو . سانجهيءَ جو اچي مون کي نماز سيکاريندو هو . پندرنهن ويهن ڏينهن ۾ مون کي نماز چڱي خاصي اچي وئي. هن مون کي هنديءَ ۾ هڪ بہ ڪتاب بہ آڻي ڏنا. "جنت جي ڪنجي" ۽ "دوزخ جو ڪٽڪو" اهي ڪتاب تہ اڄ ڏينهن تائين مون کي ياد آهن.

آئون لڪ ڇپ ۾ نماز پڙهڻ لڳس اهي ڪتاب مون پنهنجي زال کي بہ پڙهايا ۽ هن کي پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو بہ ٻڌايم. ۽ هن کي قسم ڏيئي چيم تہ سچي هندو زال. مڙس سان گڏ چتا ۾ سڙي مري ويندي آهي. توکي بہ منهنجي مذهب ۾ اچڻ گهرجي. هوءَ تيار ٿي وئي. ملا جي غلام حسين هن کي بہ ڪلمو پڙهارائي هن جو نالو فاطمه رکيو. هاڻي اسين ٻئي هڪٻئي جي پهريداري ڪندا هئا سين ۽ گهر ۾ بہ واري واري سان نماز پڙهندا هئا سين. هڪڙي ڏينهن منهنجي پيءُ مون کي نماز پڙهندي ڏسي ورتو. ۽ ڏاڍا دڙڪا

ڏنائين. مون کي بہ ڪاوڙ اچي وئي، مون صاف صاف چئي ڇڏيو تہ آئون مسلمان ٿي ويو آهيان، پوءِ تہ منهنجي پيءُ ۽ ڀائرن گڏجي مون کي ڏاڍي مار ڏني. جيئن ئي مون کي وجهہ مليو آئون گهران نڪري ڀڄي ويس.

سوال: پوءِ ڇا ٿيو؟

جواب: ان کان پوءِ ٽيهہ ڏينهن گهر کان ٻاهر رهيس. ۽ دهلي هليو ويس. خيال هو تہ اتي ڪو ننڍو سنڍو ڪم ڪري روزي پيٽ ڪمائيندس. هوڏانهن منهنجو پيءُ پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ ٻارڻ سان وٺي ڦلت پهتو ۽ توهان جي والد صاحب کان منهنجو ڏس پتو پڇڻ لڳو . هن چيو تہ مون کي تہ ڪا بہ خبر ڪانهي، پر هن کي يقين ڪو نہ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ توهان ڇوڪري تي جادو ڪري هن کي مسلمان ڪيو آهي، اسان جو ڇوڪرو توهان جي پيٽ (علم) ۾ آهي، جيڪڏهن ٽن ڏينهن اندر گهر موٽي نہ آيو تہ اسين ٿاڻي ۾ توهان تي رپورٽ داخل ڪرائيندا سين. توهان جو والد صاحب ڏاڍو پريشان ٿيو . ۽ منهنجي پيءُ کي گهڻو ئي سمجهايائين تہ منهنجي تہ هن سان ان کانپوءِ ڪڏهن ملاقات بہ ڪا نہ ٿي آهي. مون توهان سان ڇڱائي ڪئي، ان جو بدلو توهين مون کي اهو پيا ڏيو؟ مون کي تہ اها بہ خبر ڪانهي تہ هو ڪو مسلمان بہ ٿي ويو آهي. پر منهنجي پيءُ مولوي صاحب جي هڪڙي، ڪا نہ ٻُڌي. ۽ الٽو اڍنگائيءَ سان ڌمڪيون ڏئي هليو ويو .

سوال: پوءِ ڇا ٿيو؟

جواب: خبر ناهي تہ ڇو منهنجي دل دهليءَ ۾ گهبرائڻ لڳي. دل ۾ ڏاڍي ڇڪ پيدا ٿي تہ ڦلت وڃان،توهان جي والد صاحب سان مِلان، اٽڻ ايڏي تہ وڏي وئي جو رات گذارڻ ڏکي ٿي پئي، سو رات جو ئي مجبور ٿي آئون اسٽيشن تي پهتس. رات جو هڪڙي گاڏي کتولي ويندي هئي، ان ۾ چڙهي کتولي پهتس، ۽ رات اتي گذاري صبح جو سوير پيادل هلي ڦلت پهتس.



مولانا صاحب مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو . مون سمورو احوال کيس ٻڌايو . مولانا صاحب ٻڌايو تہ ”آئون ڏاڍو پريشان ٿيس. اسان جا گهر وارا پوليس، ٿاڻي کان ڏاڍو لهرائيندا آهن. ڏاڍيون دعائون ڪيم.“

اسا جي محلي جي ويجهو ڪي مسلمان بيڪري جو ڪم ڪندا هئا. اصل ۾ اهي پونا جا رهاڪو هئا، مون حڪمت سان توهان جي والد صاحب کي راضي ڪيو تہ آئون انهن سان گڏ پونا وڃان ٿو ۽ اتي ڪو ڪاروبار ڪندس. اهڙي طرح آئون پونا هليو ويس، ڪنهن نموني مون پنهنجي گهر واريءَ کي بہ اوڏانهن سڏائي ورتو، اتي پونا ۾ مون کي وطن جي ڏاڍي سڪ لڳي. بهرحال ڪاروبار مان ڪجهہ پئسا ڪمائي کتوليءَ ۾ مسلمانن جي پاڙي ۾ جاءِ ورتم. اتي جماعت ۾ بہ وقت لڳائيندو هوس. الحمدلله دين سان ڏاڍو سنو لاڳاپو پيدا ٿي پيو . مهاراشٽر جي هڪڙي جماعت سان مظفر نگر ڏانهن بہ وڃڻ ٿيو. ان وقت مون کي زور ڀري جماعت جو امير بنايو ويو. اسين ڦلت پهتاسين. مون اذان عربي لهجي ۾ سکي هئي. ظهر جي اذان مون ڏني، مولانا صاحب سان ملڻ لاءِ سندن گهر پهتس. ان وقت تائين توهان جو والد صاحب بہ مولانا صاحب بنجي چڪو هو، آئون کيس ڇنبڙي پيس، هو مون کي سڃاڻي ڪو نہ سگهيو . جڏهن مون ٻڌايو تہ آئون کتوليءَ وارو توهان جو رَگهُو آهيان، هو مون کي منهنجي نئين مهانڊي ۾ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو . جڏهن کيس خبر پئي تہ ظهر جي اذان مون ڏني آهي، تہ هن مون کي ڀاڪر پائي سيني سان لاتو ۽ بيحد خوش ٿيو . جماعت جو اهو وقت جيڪو منهنجي پنهنجي علائقي ۾ لڳو، مون کي ڏاڍو وڻيو .

سوال: ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟

جواب: ان ڪانپوءِ آئون مولانا صاحب سان مشورو ڪري ڪتوليءَ ۾ اچي رهڻ لڳس، ۽ پنهنجن گهر وارن کي ڪتوليءَ مان خرچ پکو موڪليندو هوس، اٽڪل ڏهن سالن کان آئون ڪتوليءَ ۾ رهان پيو . پر منهنجي گهر وارن کي فقط ايترو معلوم آهي تہ آئون پونا ۾ رهان پيو . پهرئين مون حجامڪو دڪان کوليو هو پر مسلمانن جون سونهاريون ڪوڙڻ مون کي چڱو ڪونہ لڳو . نبيءَ صہ جي سنت تي پاڪي وهائڻ مون کي اگرو محسوس ٿيو . پوءِ مون جنرل اسٽور کوليو، الحمدالله چڱو پيو هلي.

سوال: ٻڌو اٿئون تہ توهان هڪڙو مدرسو بہ کوليو آهي؟

جواب: منهنجن ساهورن ۾ چڱا خاصا ماڻهو مسلمان آهن. منهنجن ٻن سالن کي الله تعاليٰ منهنجين ڪوشش سان هدايت ڏني آهي. اتي ڪنهن بہ ديني تعليم جو بندوبست ڪونہ هو . مون مولانا صاحب سان مشورو ڪيو ، هن چيو تہ مرڻ کانپوءِ لاءِ ڪو صدقو جاريہ ضرور بنائڻ گهرجي. الحمدالله، هاڻي اتي هڪڙو ننڍڙو مدرسو قائم ڪيو ويو آهي، اڳي اهو مسجد ۾ هلندو هو . هاڻي ڇوٽاڻن زمين جو ٽڪر ڏنو آهي، چار ڪمرا ٺهي ويا آهن، پنج استاد پڙهائين پيا، الله سائين جا لکين شڪرانا، ڪم سٺو پيو هلي.

سوال: توهان جو ڪهڙو اولاد آهي ۽ اهي ڇا پيا ڪن؟

جواب: منهنجا پنج ٻار آهن، ٽي ڇوڪرا محمد عثمان، محمد علي ۽ محمد حسن بہ نياڻيون آهن عائشه ۽ زينب. الحمدلله سڀ ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. وڏو پٽ سنو حافظ ٿي ويو آهي، هن وقت گجرات جي هڪڙي مدرسي ۾ پڙهي پيو . محمد عليءَ جا 16 سيپارا حفظ ٿي ويا آهن، الحمدلله محمد حسن کي بہ 3پارا حفظ ٿي ويا آهن. عائشه ۽ زينب ٻنهي قرآن شريف پورو ڪيو آهي، هاڻي حفظ شروع ڪيو اٿن. مون رمضان



شريف ۾ قدر جي رات ۽ جماعت ۾ دعا ڪئي هئي تہ اي منهنجا الله، منهنجن سيني ٻچن کي حافظ، عالم ۽ دين جو داعي بنائي ڇڏ. ۽ اصحاب سڳورن وانگر جوشيلو مسلمان بنائي ڇڏ. مون کي اميد آهي تہ منهنجو الله، جنهن مون کي اونداهہ مان ڪڍي سوجهري ۾ آندو آهي، سو منهنجي هي فرياد بہ قبول ڪندو ۽ عرض اگهائيندو . آمين.

سوال: اسلام کان اڳي جي زندگي توهان کي ڪيئن ٿي لڳي؟

جواب: آئون ان وقت جو تصور بہ ڪري نٿو سگهان ۽ ڏکيو وڃان، تہ جيڪڏهن منهنجو الله مون کي هدايت نہ ڏئي ها، ڪفر ۾ ئي مري وڃان ها، تہ ڇا ٿئي ها اوچتو مون کي غم وڪوڙيو وڃي، تہ منهنجن بد عملن جي شامت ڪري متان مون کان هي مليل اسلام جي نعمت نہ کسجي وڃي. ڇو تہ اصل ايمان تہ اهو آهي جيڪو آخري دم تائين هلي. آئون ان تصور کان ئي ڪنبيو وڃان ۽ اڪثر سجدي ۾ ڪريو پوان ۽ دعائون ٿو ڪريان تہ اي الله! تون سخين کان بہ وڏو سخي آهين، توهان جي نبي اسان کي ٻڌايو آهي تہ ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏيئي موٽائي وٺڻ ٺيڪ نہ آهي، توهين تہ ڪريمن کان بہ وڏا ڪريم آهيو . توهان مون کي هدايت ڏني آهي بنا گهرڻ جي، منهنجو خاتمو ايمان تي ڪجو، اميد اٿم تہ منهنجو الله منهنجو خاتمو ايمان تي ڪرڻ فرمائيندو . انشاء الله، توهين بہ دعا ڪريو .

سوال: ضرور، انشاء الله، وڏي مهرباني السلام عليڪم

جواب: وعليڪم السلام ورحمتہ الله وبرڪاته.

**(ماهوار ارمغان ڦلت، ڀارت آگسٽ 2004ع تان ورتل)**

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# مؤلانا محمد سليمان طاهر مرحوم

## (پنجاه سالہ تعلقات جي حوالي سان)

(ورتل بيداري ”اردو“ سيپٽمبر ۲۰۱۴)

مؤلانا محمد سليمان طاهر صاحب، لڳ ڀڳ 78 سالن جي عمر ۾ 17 آگسٽ تي ڪراچيءَ ۾ انتقال ڪري ويوانا لله وانا اليہ راجعون. موصوف جو شمار سنڌ جي انهن غير معمولي ذهين عالمن ۾ ٿئي ٿو جيڪي، الله جي طرفان مليل، فطري صلاحيتن جا حامل هوندا آهن. مولوي صاحب حضرت مولانا حمادالله هاليجوي رح جا عزيز ۽ ان جا مريد هئا، پر پوءِ مؤلانا مودوديءَ جي فڪر سان، وابستہ ٿيڻ جي ڪري، انهن سان تعلق ختم ٿي ويو.

مؤلانا موصوف شروعاتي دؤر ۾، (1954ع ۾ ) حضرت مولانا حمادالله هاليجويءَ جا ملفوظات بہ مرتب ڪيا هئا جيڪي، ٽن حصن (جلدن) ۾ ڇپجي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن.

مولانا محمد سليمان طاهر صاحب سان، منهنجي تعلقات جي ڪهاڻي، گذريل پنجاه سالہ دؤر جي ڪهاڻي آهي. 1965ع ۾، جڏهن منهنجي عمر، لڳ ڀڳ 14 سال هئي موصوف جماعت اسلامي ضلع سکر جي اميرجي حيثيت سان، اسان جي ڳوٺ جي دؤري تي آيو. مان ڪين وٺڻ لاءِ اسٽيشن تي ويس. جيئن تہ اسان جو سمورو خاندان، جماعت اسلامي سان لاڳاپيل هو ۽ سنڌ ۾ جماعت اسلاميءَ کي متعارف ڪرائڻ ۽ ڳوٺ، ڳوٺ ۾ ان جي دعوت کي ڦهلائڻ ۾ اسان جي عزيز مولانا جان محمد ڀٽو صاحب جو ڪردار اهم ۽ بنيادي هو. موصوف جي پاڪيزه عملي زندگي،



سلف صالحين جو نمونو هئي. اڄوڪي دؤر ۾ انهن جهڙا ولي صفت انسان ٿٺا ڏسجن پنجاه سالہ دؤر ۾ مولانا سليمان طاهر صاحب سان، لاڳاپن ۾، ٿوريون، گهٽيون لاهيون، چاڙهيون تہ ضرور آيون پر، ڪڏهن بہ تعلقات ٽٽڻ جي نوبت نہ آئي.

1958ع ۾ جڏهن سندن سرپرستيءَ ۾، ڪراچيءَ ۾ مسلم انسٽيٽيوٽ جي تعاون سان، اسلامي انقلاب جي ڪم لاءِ مرڪز قائم ٿيو ۽ . ”الفجر“جي نالي سان، ماهانہ رسالو جاري ٿيو تہ ان دؤر ۾ منهنجي، ڪراچي اچ وڃ وڌي وئي ۽ آئون اتي رهندو هوس. منهنجي گفتگوءَ جو موضوع گهڻو ڪري، تصوف ئي رهندو هو. جيئن تہ موصوف، ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي ڪامل ولي، حضرت مولانا حمادالله هاليجويءَ جي صحبتن مان فيض پرائي چڪو هو تنهن ڪري منهنجيون ڳالهيون، سندن دل سان لڳنديون هيون، پر جيئن تہ، مٿن دين جي غلبي ۽ اسلامي انقلاب جو رنگ غالب هو ۽ هو ذهني طور تي تصوف کي، ان رستي جي رڪاوٽ سمجهڻ لڳو هو.

مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جي عملي زندگيءَ جو سفر، ڏکن ۽ ڏاکڙن سان ڀريل آهي. حضرت مولانا حمادالله هاليجويءِ سان تعلق ڇڄڻ کانپوءِ هو ڊگهي عرصي تائين، جماعت اسلاميءَ سان لاڳاپيل هو . جماعت اسلامي ضلع سکر ۽ ان کان پوءِ، جماعت اسلامي ضلع حيدرآباد جو امير رهيو ذالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جي خلاف”متحده جمهوري محاذ“ جي نالي سان جيڪو محاذ جوڙيو ويو موصوف ان جي ” سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي پڻ رهيو . ان کان پوءِ موصوف، ڊاڪٽر ڪليم صديقي صاحب جي قائم ڪيل مسلم انسٽيٽيوٽ جي اسلامي انقلاب واري پروگرام جو علمبردار بڻيو ۽ پاڪستان ۾ اسلامي انقلاب جي لاءِ حالات سازگار ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ فڪري ۽ عملي طور تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ متعين ٿيو ۽ ورهين تائين انهيء محاذ تي ڪم ڪندو رهيو. عمر جا آخري ڇهہ ست سال

موصوف محترم نور احمد سنڌي صاحب جي اداري، " حڪمت قرآن " سان وابسته رهيو جنهن جي مقصد ۾ سرمايه دارن جي خلاف جهاد، اسلام جي نصب العيني ڪم جو حصو آهي. اها حقيقت آهي ته سرمايه دارن جي خلاف جهاد، وقت جي سڀ کان اهم ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته سرمايه دار طبقو سنگ دليء جي اهڙي مقام تي پهچي ويو آهي جيڪو حيوانيت جو بدترين مقام آهي.

عالمي سرمائيدار هجي يا مقامي سرمايه دار، هن رڳو دولت جي لاءِ، ڪروڙين اربين انسانن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هنن ڪي، مانيءَ ڳپي کان به سڪائي ڇڏيو آهي. ماڻهن جي رت جو آخري ڦڙو به، نپوڙي ڇڏيو آهي، "سرمايه دار" دراصل، اهڙي نفسيات جو نالو آهي جيڪا، حرص هوس جي بتن سان سينگاريل آهي، اهڙي نفسيات رکندڙ ، اڳي ڪٽي ڪيڏو به غريب ڇو نه هجي پر، جڏهن هو سياست، تجارت ۽ مهارت جي ذريعي، دولتمند بڻجي وڃي ٿو ته وقت جي " قارون " جي صورت اختيار ڪري ٿو وٺي، " هن قارون صفت انسان جي سڌاري جي ڪوشش " سڀني ڪمن کان وڌيڪ ترجيحي ڪم " هئڻ گهرجي، جڏهن فرد جو سڌارو ٿي وڃي ٿو ته، وڏي کان وڏو سرمايه دار به، " الله جي مخلوق کي انجو خاندان " سمجهڻ لڳي ٿو ۽، ان جي لاءِ شفيق بڻجي وڃي ٿو.

غالبًا 1983ع جي ڳالهه آهي ته محمد بن قاسم ادبي سو سائٽيءَ" جي تعطل کانپوءِ اسان، چند اهل علم دوستن، اهو سوچيو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ اهڙو علمي ادارو قائم ڪيو وڃي جيڪو اسلام جي نظرياتي محاذ تي، نئين پيڙهيءَ جي سنڌي فردن جي بهتر ۽، اثرائتي نموني رهنمائي ڪري سگهجي، ان سلسلي ۾، انور جوکيو صاحب، شڪيل احمد صاحب، مولانا محمد سليمان طاهر صاحب ۽ مون گڏجي، " سنڌ نيشنل اڪيڊميءَ " جي نالي سان ادارو جوڙيو پر، هڪڙي سال جي تجربي کانپوءِ خبر پئي ته انهن



دوستن وٽ، عملي طور تي ڪم جي لاءِ وقت نه آهي، البته هو مشاورت جي حد تائين تعاون ڪري سگهن ٿا.

تنهن ڪري انهن دوستن جي عملي طور، عدم تعاون جي ڪري هن عاجز کي، انهيءَ اڪيڊميءَ جي لاءِ ٻيا سرگرم ماڻهو ڳولڻا پيا. ٻن، اڍائي سالن جي تجربن کانپوءِ اندازو ٿيو ته، هن ڪم جي لاءِ مون کي، پاڻ ئي سمورو ڪم ڪرڻو پوندو ۽، ڪم شروع ڪرڻ کانپوءِ الله جي طرفان راهون پاڻهي کلنديون ۽ الحمدالله، ائين ئي ٿيو.

مولانا محمد سليمان طاهر صاحب، هڪ باهمت ۽ حوصله مند شخصيت بيشڪ هيو جماعتي ۽ تحريڪي زندگيءَ ۾ کيس ڪم ڪرڻ ۽ ترقي ڪرڻ جا ڪافي موقعا مليا، پر ڪجهه ته پنهنجي ڪن ڪمزورين ۽ ڪجهه فردن جي حاسدانه ۽ رقيبانه جذبات جي ڪري هو گهڻين آزمائشن جو شڪار ٿيندو رهيو پر، پنهنجي همت ۽ حوصلي ۽ صبر انهن مڙني ڏکيائين کي منهن پئي ڏيندو رهيو .

پنهنجي غيرمعمولي ذهانت، تجزياتي صلاحيت، بهترمنصوبه بندي ۽ تعلقات کي خوش اسلوبيءَ سان نڀائڻ " جهڙين خوبين جي معاملي ۾، سنڌ ۾، جماعت اسلامي ۾ مولانا جان محمد عباسي صاحب کانپوءِ سندن ئي شخصيت هئي. پر موصوف، جماعت ۾ قيادت جي مقام تي فائز ٿي ڪم ڪرڻ بدران، مورڳو جماعت جي رڪنيت تان ئي هٿ کڻي ويو. تنهن کانپوءِ هو ڊاڪٽر ڪليم صديقي صاحب جي مسلم انسٽيٽيوٽ جي، پاڪستان ۾ ڪم جو ذمه دار بنجڻ ۽ اسلامي انقلاب جي لاءِ حالتن کي سازگار بنائڻ جي ڪم ۾ جنبي ويو ۽،انهي ڪم لاءِ کيس دفتر ۽ وسيلا پڻ فراهم ڪيا ويا. ۽ هن ڪم جي لاءِ موصوف پنهنجي قوت، توانائي ۽ صلاحيتن کي آخري حد تائين استعمال ڪيو. پر، ستن اٺن سالن ۾ هو ٻيهر آزمائش جو شڪارٿيو پر پوءِ، ڊاڪٽر ڪليم صديقي صاحب جي انتقال کانپوءِ، "مسلم انسٽيٽيوٽ" جو پاڪستان ۾ سمورو ڪم ئي ختم ٿي ويو. تحريڪي ۽

جماعتي زندگيءَ ۾ مون، پنهنجي ۽ پنهنجي ساٿين جي جن نفسي خرابين جو مشاهدو ڪيو آهي، اهي اهڙيون خرابيون آهن، جو فرد جي بي پناهہ خوبين ۽ صلاحيتن جي باوجود انهن کي الميو بڻائي ڇڏين. مثلا جماعتي زندگي ۾ باصلاحيت فرد جڏهن اڳيان وڌڻ لڳي ٿو تہ، حسد ۽ ساڙ جي نفسيات سبب مون جهڙا ماڻهو ان کي ڪيرائڻ جي لاءِ سازشن جا ڄار اُڻڻ لڳندا آهن. اهڙي طرح هو شعوري يا غير شعوري طور تي پنهنجي حرڪتن سان جماعت سان گڏو گڏ، باصلاحيت فردن کي بہ شديد مشڪلات ۾ وجهندا آهن.

تصوف ۽ اهل تصوف سان لاڳاپي ڪان اڳ جماعت  اسلامي جي فڪري دائري ۾ رهندي، مزاج جي خلاف نندين نندين، ڳالهين تي اسان جا احساسات تمام شديد ٿي ويندا هئا. ان جو اندازو ڪجهہ واقعن مان لڳائي سگهجي ٿو.

1975ع ۾ لاهورمان نڪرندڙ هفتہ وار رسالي " افريشيا " ( جنهن جا مديرعبدالڪريم عابد صاحب هئا ) ان ۾ " سنڌ جي پس ماندگي ۾ سنڌ جي وڏيرن جو ڪردار"جي موضوع تي منهنجو ٻن قسطن تي مشتمل مضمون ڇپيو ، جنهن ۾ مون، تفصيل سان لکيو هو تہ، " سنڌ جي سياسي قيادت وڏيرن جي هٿ ۾ آهي ۽ هو ڪنهن بہ قيمت تي نٿا چاهين تہ سنڌ ۾ تعليم عام ٿئي ۽، آزاد سوچ کي ترقي ملي" ڪجهہ هفتن ڪانپوءِ، منهنجي هن مضمون جي برخلاف ۽، وڏيرن جي حق ۾ " افريشيا " ۾ ئي هڪ مضمون ڇپيو.

اهو مضمون " قمر شيخ " جي نالي سان، شايع ٿيو، جيڪو مولانا محمد سليمان طاهر جو گهاٽو دوست هو. مون ڪيئي پيرا بالواسطہ طور تي مولانا سليمان صاحب اڳيان پنهنجي انهن جذبن جو اظهار ڪيو تہ " هاڻي ، جماعت اسلاميءَ جي پاران وڏيرن جي وڪالت جو ڪردار ادا ڪيو پيو وڃي ۽ اهو مضمون، توهان جو ئي لکيل ٿو لڳي." ان تي مولانا صاحب



خاموش رهيو پر آخر ۾ هن، ان مضمون جو اصل مسودو ڏيکاريو جيڪو سنڌ جي جماعت اسلاميءَ جي سڀ ڪان ذمہ دار شخصيت جي هٿ جو لکيل هو جيڪو موصوف، کيس ڏنو هو تہ هو ان کي نقل ڪري رسالي کي موڪلي.

ٻيو واقعو اهو ٿيو جو " جسارت " ڪراچي ۾ 1970 جي آخر ڌاري، منهنجا مضامين شايع ٿيڻ لڳا، اخبار جي ايڊيٽر، عبدالڪريم عابد صاحب، منهنجي مضامين سان گڏ " وقائع نگار خصوصي " براءِ سنڌ " جو لاحقو بہ لڳائڻ شروع ڪيو جڏهن ان حيثيت سان منهنجا ڪيئي مضامين شايع ٿيا ۽ گهڻي مقبوليت حاصل ڪرڻ لڳا تہ مون، جماعت اسلامي سنڌ جي هڪ ذميدار شخصيت کي عرض ڪيو تہ هو " جسارت " جي مدير کي فون ڪري چوي تہ "هاڻي منهنجو جسارت ۾ باقائده تقرر ڪيو وڃي،" تہ موصوف، ائين ڪرڻ ڪان معذرت ظاهر ڪئي.

اهي ٻئي واقعات، بظاهر تہ ڪا گهڻي اهميت نٿا رکن ڇو تہ موصوف کي مون سان ۽ منهنجي راءِ سان اختلاف ڪرڻ جو پورو پورو حق حاصل هو.هو پوري اخلاص سان ائين ڪرڻ جو حق رکندڙ هئو پر، روحانيت ۽ تزڪئي جي غير معمولي کوٽ سبب اهڙا واقعا، جماعت اسلامي جي قيادت ڪان پري ٿيڻ جو ذريعو بڻجندا ويا_ پر، جڏهن اهل تصوف سان منهنجو تعلق جڙيو تہ ڄاتم، تہ اها هڪ بيمار سوچ هئي جنهن ۾، مريضانہ نفسيات جيڪري هڪ عرصي تائين آئون مبتلا هوس، هاڻي ان ڪان پوءِ جا بہ واقعا ٻڌو.

اسان 1984ع ڪان وٺي، سنڌي ٻوليءَ ۾ لادينيت جي خلاف نظرياتي لٽريچر جو ڪم شروع ڪيو. اهو باقائده ڪم تصوف سان وابستگي ڪان پوءِ شروع ٿيو، جماعت اسلامي سان فڪري تعلق رکڻ واري هڪ شخصيت، اسان ڪان هر مهيني پنج سئو ڪتاب گهرائي، سموري سنڌ جي علمي حلقن کي موڪلڻ شروع ڪيا. جڏهن ان جي خبر، جماعت اسلامي سنڌ جي هڪ ذمہ دار شخصيت کي پئي تہ موصوف هن کي مون

سان تعاون ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏيو. ان ڳالهه جي مونکي پوءِ خبر پئي تڏهن الحمدلله، موصوف جي ان ڳالهه جو منهن جي صحت تي ڪو اثر نہ ٿيو ۽ متعلقہ شخصيت مونکي چئي ڇڏيو تہ، سنڌ ۾ بنيادي مسئلو ڪنهن جماعت جي تحفظ ۽ فروغ جو مسئلو ناهي بلڪ نئين نسل کي لادينت کان بچائڻ جو مسئلو درپيش آهي، توهان ڪم ڪريو، اسان جو تعاون توهان سان جاري رهندو." 1975ع " سنڌ ۾ بي چيني جا اسباب " جي نالي سان، سنڌي ٻوليءَ ۾ اسان جو ڪتاب ڇپيو جنهن ۾ سنڌ ۾ قوم پرستيءَ جي وڌنڌڙ رجحانات جو تفصيل سان جائزو وٺي، حالتون سڌارڻ جي صورت پيش ڪئي وئي هئي،"جماعت اسلامي سنڌ جي هڪ ذميدار شخصيت" جماعتي نقطئہ نگاه کان ان کي هاڃيڪار سمجهندي، هن ڪتاب تي پابندي مڙهي ۽ مونکي اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ آڻڻ کان منع ڪري ڇڏيو پرپوءِ مون ان ڪتاب جو اردو ترجمو ڪري هن کي، "*سندھ کے حالات کی سچی تصویر*" جي نالي سان شايع ڪيو جنهن جا ڪيئي ايڊيشن ڇپيا_ جماعت اسلامي جي امير جي حيثيت سان اهو هن جو بنيادي حق هو تہ هو جنهن شئي کي، جماعت جي لاءِ نقصان ده سمجهي تہ جماعت جي رڪن کي ان ڪم کان روڪي پر، اصلاح نفس جي غير معمولي ڪوٺ جي سبب، سندس انهيءَ حڪم مونکي، شديد احساسات جو شڪار بڻايو.

هڪڙو ٻيو واقعو بہ قابل ذڪر آهي، ان زماني ۾،"روزنامہ جنگ " ۾ منهنجا مضامين ڇپجندا هئا. مون ان ۾ "*اسلام کی نشاۃ ثانیہ کیسے ہو*" عنوان سان هڪڙو مضمون لکيو جنهن ۾ مون لکيو تہ " تصوف ۽ اهل تصوف وٽان فيض پرائڻ کانسواءِ "*اسلام کی نشاۃ ثانیہ کیسے ہو*" جو ڪو ڪم ٿي سگهي ٿو ، سلف صالحين جي تاريخ ٻڌائي ٿي ائين ٿيڻ، تمام ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ، رڳو فڪر ۾ اها طاقت موجود ڪانهي جو افراد جي نفسي سوچن ۽ عادتن ۾ ڦيرو آڻي انهن کي، سنئين عادتن جو مالڪ بڻائي سگهي".



منهن جي هن مضمون کي پڙهي، جماعت اسلامي سنڌ جو سڀ کان وڏو دانشور سخت ناراض ٿيو ۽ موصوف، منهنجي خلاف، جماعت جي رسالي " وينجهار " ۾ گهٽين ئي قسطن تي مشتمل مضمون لکيو، جنهن ۾ موصوف لکيو تہ " هي اهو نانگ آهي جنهن کي، جيڪو پالي ٿو اهو ، تنهن کي ئي ڏنگي ٿو". وغيره، موصوف جي هر مضمون کانپوءِ " وينجهار " جي دفتر ۾، منهنجي ساڻس ملاقات ٿيندي هئي، تہ آئون هن کي کلي چوندو هوس تہ، "اها سڀ توهان جي غلط فهمي آهي، منهن جي تہ رڳو اها خواهش آهي تہ اشاعت دين ۽ غلبئہ دين جي ڪم ۾ سلف صالحين جي تسلسل کي سامهون رکيو وڃي".

تصوف سان وابستگي کان پهرين ۽ تصوف سان وابستہ ٿيڻ کانپوءِ وارن احساسات ۾، فرق بالڪل واضح ۽ چٽو هو، پهرين فرد جي حيثيت هڪ نفسياتي مريض جهڙي هئي ۽ پوءِ، فرد جي حيثيت حقيقي داعي جهڙي ٿي وئي جيڪو، سيني نفسياتي احساسات کان مٿانهون ٿي ويو.

اهو ئي اهو نڪتو هو جيڪو، هي عاجز ورهن تائين مولانا محمد سليمان طاهر جي گوش گذار ڪندو رهيو تہ ڪنهن الله واري جي صحبت مان فيض پرائڻ کان سواءِ، باطني فسادات کان محفوظ رهي ( خير ۽ ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ ۽ ) صالح اسلامي تحريڪ کي ترقي وٺائڻ، اها صرف خواهش تہ ڪري سگهجي ٿي پر عملاً ائين ٿيڻ ناممڪن نظر اچي ٿو.

مولانا موصوف، جيڪڏهن ائين ڪري ها تہ سندس، غيرمعمولي ذهانت مان سنڌ ۾ اسلامي تحريڪ طاقتور ٿئي ها، ۽ هو پاڻ جن آزمائشن مان گذرندا رهيا، تن کان بہ بچاءَ جي صورت پيدا ٿي پوي ها_

"تزڪيئہ نفس جي لاءِ مجاهدا ڪرڻ" واري عمل کان گذرڻ کان سواءِ، " اقامت دين ۽ انقلاب اسلامي " جو ڪم، ڪهڙي طرح متاثر ٿئي ٿو ۽ ان ۾ ڪهڙي طرح انتشار پيدا ٿئي ٿو، ان جو اندازو، مسلم انسٽيٽيوٽ ۽ ان جي پيچ ڊاهہ مان لڳائي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر ڪليم صديقي صاحب، لنڊن ۾

مذڪوره ادارو قائم ڪيو هو. ايراني انقلاب ڪانپوءِ موصوف، مسلمان ملڪن ۾ ان طرح جي انقلاب جي لاءِ سرگرميون شروع ڪيون. ڪتاب لکيا ۽ هرسال لنڊن ۾ بين الاقوامي سيمينارن جو سلسلو شروع ڪيو. پاڪستان ۾ مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جي نگرانيءَ ۾ اهو ڪم شروع ٿيو ڪتابن ۽ رسالن جي ڇپائيءَ سان گڏو گڏ، ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ اسلام جي لاءِ جذبو رکندڙ ذهين افراد سان رابطا ڪيا ويا. پنجن، ڇهن سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ " مسلم انسٽيٽيوٽ ڪراچي جي مرڪز ۾ داخلي انتشار پيدا ٿيو.

عبدالخالق شيخ صاحب ( جيڪي هن ڪم ۾ مولانا موصوف جو دست راست هو ) هن مون کي لکيو ته "هن دفعي ڊاڪٽر ڪليم صديقي صاحب ڪراچي اچي رهيا آهن ته آئون تفصيل سان مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جن جون شڪايتون کولي اڳيان رکندس".جيئن ته عبدالخالق شيخ صاحب منهنجي تربيت هيٺ به رهيو آهي ۽ غيرمعمولي ذهين نوجوان آهي (هاڻي هڪ سني سرورس ۾ آهي) مون کيس سختي سان لکيو ته ايئن هرگز نه ڪري ورنه ادارو لوڏي ۾ اچي ويندو هو نوجوانيءَ جي جوش ۾ هئو ۽ پاڻ ۾ اختلافات جي ڪري ڪاوڙ ۾ هو هن ڊاڪٽر ڪليم صديقيءَ جي سامهون، شڪايتن جي هڪ ڊگهي داستان پيش ڪئي ۽ وري، ڊاڪٽر صاحب به پنج، ڇهه سال تائين مولانا موصوف جي ڪم کان گهڻو مطمئن نه هئا. انهن عبدالخالق شيخ ۾ غيرمعمولي توقعات وابسته ڪري ورتيون ۽ فيصلو ڪيو ته "مولانا طاهر صاحب، عبدالخالق شيخ صاحب جي نگراني ۾ ڪم ڪندو".

اهڙي طرح ڏيڍ سال جي اندر ئي اداري جي حيثيت ختم ٿي وئي، پوءِ فيصلو ٿيو ته اسلامي انقلاب جو اهو ڪم صاحبزاده خورشيد گيلاني صاحب جي سربراهي ۾ لاهور مان شروع ٿئي ۽ مولانا سليمان طاهر صاحب هن جو معاون بنجي ڪم ڪري چنانچه لاهور ۾ مرڪز قائم ڪيو ويو ۽



مولانا سليمان صاحب، سندس معاون جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيو پر، ڏيڍ، ٻن سالن جي مدت اندر، اهو ڪم به انتشار جي نذر ٿي ويو.

انهن سڀني حالتن کي ڏسندي مون، مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جن تي زور وڌو ته هو حضرت ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان رح جن سان بيعت ڪري، روحاني توانائي جي حصول جي لاءِ ڪوشش ڪري ته جيئن، جماعتي زندگي ۾ اهڙي طرح جي بحرانن کان بچڻ جي صورت پيدا ٿئي. موصوف حضرت ڊاڪٽر صاحب جن کان بيعت به ٿيو ۽ ساڻن گهڻيءَ نشستن ۾ به شريڪ ٿيو پر ان سلسلي ۾ هن کان، استقامت جو مظاهرو نه ٿي سگهيو.

سنڌ ۾ اسان جي سموري حلقي ۾، هن جهڙو ذهين فرد اسان کي ڪوبه نظر ڪونه آيو هرمعاملي ۾ تجاويز ۽ مشورن جو اهڙو خاڪو پيش ڪندا هو جو عقل حيران ٿيو وڃي، موصوف، مختلف اوقات ۾ جن رسالن جو ايڊيٽر يا چيف ايڊيٽر رهيو انهن ۾"الفجر"نئين سوچ" "الولي" "آبادگار" "الحماد" "الاقتصادي" ۽ "توحيد " وغيره شامل آهن. آخر ۾ " حڪمت قرآن " انسٽيٽيوٽ جي شعبه تعليمات جو انچارج رهيو جنهن جي تحت، سموري ملڪ مان، ٽي هزار، شاگرد ڪانئس قرآن پاڪ جي تعليمات، خط وڪتابت ذريعي حاصل ڪندا رهيا.

موصوف ۾، مخالفن کي معاف ڪرڻ، سڀني سان لاڳاپا مضبوط ڪرڻ، ساٿين سان دوستي نڀائڻ ۽ انهن جي ڏک درد ۾ شريڪ ٿيڻ جي صلاحيت به بي پناه هئي.

محترم نور احمد سنڌي صاحب جي اداري سان وابسته ٿيڻ کان پوءِ، جيتوڻيڪ هن سان منهنجا گهاٽا تعلقات متاثر ٿيا پر، اهي تعلقات ختم نه ٿيا. انتقال کان به چار مهينا اڳ موصوف، حيدرآباد آيو ته ساڻس تفصيلي نشستون ۽ ملاقاتون ٿيون. دعا آهي ته الله تعاليٰ سندن مغفرت فرمائي ۽ اسان جهڙن ماڻهن جي اصلاح فرمائي جيڪي، اهڙن ذهين ماڻهن

کي اڳيان وڌندو ڏسي، کيس ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويندا آهن.

مولانا سليمان طاهر صاحب، سچي حياتي، " دين و ملت ۽ غلبئہ دين " جي ڪمن ۾ رڌل رهيو دولت ميڙڻ جي ڪُٽتي نہ هئڻ سبب سچي حياتي، مالي اعتبار کان تنگدستيءَ ۾ گذاريائون، پر بظاهر ائين رهندا هئا ڄڻ، خوشحال شخصيت هجن، حالانڪ، سچي حياتي مسواڙ جي گهر ۾ رهيا، بسن ۾ سفر ڪندا رهيا، آخري عمر ۾ سندن اها حالت هئي جو علاج معالجہ لاءِ بہ وٽن رقم نہ هئي، کيسو خالي هئن. سندن دوست واحباب جو حلقو وسيع هو، اهڙا افراد جن جي ڪنهن دؤر ۾ هنن، ذهني ۽ فڪري تربيت ڪئي هئي اهي بہ ڪافي تعداد ۾ هئا. ۽ اهي مالي لحاظ کان خوشحال بہ هئا پر ان سموري عرصي ۾ ڪنهن بہ هن جي مالي مدد نہ ڪئي، بس ڊاڪٽر نياز عامر صاحب، ڪجھ مدد ڪئي، آخري ڏينهن ۾ علاج جي لاءِ انهن ڪجھ رقم ڏني.

جنهن معاشري ۾ ملت جو ڪم ڪرڻ وارن ماڻهن جي خبرگيري جي اها حالت هجي. اهو معاشرو ترقي ڪري سگهي، بحرانن کان بچي سگهي، ڪيئن ممڪن آهي؟ الله اسان جي حالت زار تي رحم فرمائي.

مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جن جي شخصيت تي اسان پنهنجي ڪتاب "جدید سندھ کے علماء و دانشور، خطوط اور خاکے" ۾ تجزيو پيش ڪيو آهي. اهو ڪتاب آگسٽ 2000ء ۾ ڇپيو هو اهو خاڪو هتي پيش ڪجي ٿو ان خاڪي سان گڏ، موصوف جو منهنجي نالي هڪ تفصيلي خط بہ آهي اهو بہ ڏنو وڃي ٿو.

## (۲)

مولانا محمد سليمان طاهر سان گڏ، ٻي شخصيت، جن کان مون، پنهنجي شروعاتي صحافتي زندگيءَ ۾ ڪجھ سکيو ۽ حاصل ڪيو اها



شخصيت قربان علي بگٽي صاحب جي هئي، بگٽي صاحب تمام وڏا دانشور هئا. سندن مطالعو همہ جهتي ۽ غير معمولي طور تي و سيع هو، مطالعي سان گڏ حافظو بہ ايڏو قوي هو جو ان ۾ هڪ دفعو جيڪو مواد وڃو وڃي، ڪمپيوٽر وانگر اهو ان ۾ محفوظ ٿي ويندو هو. ابتدائي دور ۾ انهن ٻنهي شخصيتن جي ذهانت ۽ تجزئي جي صلاحيتن مان هن عاجز بہ خوب استفادو ڪيو، پر 1984ء ۾ جڏهن هڪ بزرگ جي صحبت حاصل ٿي تڏهن خبر پئي تہ عقل جي اڏام، مادّي دنيا جي معلومات ۽ قيل قال کان اڳيان نٿي وڃي، جڏهن فرد جي "حقيقت تائين رسائي ٿي وڃي ٿي تہ پوءِ قيل و قال ۽ تجزيا" قابلِ ذڪر اهميت نٿا رکن. ان کان پوءِ "باطني بصيرت جي" جيڪا صلاحيت پيدا ٿئي ٿي اها، مطالعي ۽ تحريري قابليت سان گڏجي، فرد کي معاشري جو نبض شناس بڻائي ڇڏي ٿي. چنانچہ انهن ٻنهي صاحبان سان دوستانہ مراسم تہ برابر جاري رهيا پر اهو فڪر دامن گير ٿيو تہ انهن ٻنهي کي اهلِ تصوف مان استفادي جي دعوت ڏني وڃي تہ جيئن، باطن جي وسيع دنيا جو ادارڪ پيدا ٿي سگهي ۽ سندن شخصيتن ۾ ديني اعتبار سان استقامت پيدا ٿئي.

## (۳)

مولانا محمد سليمان طاهر، عالمِ دين آهن، صحافي آهن، اسلامي انقلاب جا داعي آهن، سڀ کان وڏي ڳالھ تہ هو هر منجهيل معاملي ۾ سهڻي صلاح ڏيندڙ آهن. زندگيءَ جا سوين مسئلا آهن جن ۾ سندن راءِ ايڏي وزني ۽ قيمتي هوندي آهي جو ماڻهو سندن ڏاهپ جي ساراه ڪرڻ بنان نٿو رهي سگهي، ميان محمد شوڪت مرحوم چوندا هئا تہ، مولانا محمد سليمان طاهر صاحب، جيڪڏهن "زندگيءَ جي معاملن ۾ مشورن لاءِ رجوع ڪريو" جو بورڊ لڳائي ويهي رهن تہ جيڪر خلق خدا جو ڀلو بہ ٿئي ۽ ڪين عملي مسائل ۾ سٺي رهنمائي بہ حاصل ٿئي. محمد سليمان ظاهر صاحب نيڙهي ضلع

خيرپور ميرس جي ”مدرسہ جامعيہ دينيہ دار الهديٰ“ جا فاضل آهن.حضرت مولانا حماد الله هاليجوي جا صحبت يافتہ ۽ عزيز پڻ آهن.

جامعہ دار الهديٰ ٺيڙهي ۾ تعليم جي لاءِ موصوف کي حضرت هاليجوي صاحب ئي موڪليو هو. ٺيڙهي ۾ ان وقت جا فاضل مولانا، فضل الله صاحب مولانا مودودي جي فڪر کان متاثر هئا. مولانا محمد سليمان طاهر صاحب، سندن صحبت جي زير اثر، مولانا مودوديءَ جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. ان دؤر ۾، سنڌ ۾ جماعت اسلامي جي روح رواں، مولانا جان محمد ڀٽو صاحب سان ان جي تحريڪي دؤرن جي دوران، ٺيڙهيءَ ۾ سندن، ڪافي ملاقاتيون ٿيون. اهڙي طرح موصوف، جماعت جي فڪر کي ويجها ٿيندا ويا.

ٺيڙهيءَ ۾ 1960 ۾ مدرسي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، موصوف ڪجھ وقت ٽنڊو غلام علي ضلع بدين ۾ ديني درسگاه قائم ڪري، اتي ڪم شروع ڪيو. آڪٽوبر 1965ء ۾ هنن مولانا جان محمد ڀٽو صاحب جي خواهش تي جماعت اسلامي ضلع سکر جي امير جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. موصوف جو مون سان تعلق ان وقت کان وٺي آهي، 1970ء جي آخر تائين هو ضلع سکر جماعت جا امير رهيا.

1970 ۾ آئون جڏهن، جماعت اسلامي صوبہ سنڌ جي دفتر ۾ شعبہ نشرو اشاعت ۾ ڪم جي سلسلي ۾ حيدر آباد منتقل ٿيس تہ ان کان پوءِ تقريباً ڏيڍ سال کان پوءِ مولانا موصوف بہ سکر مان حيدرآباد منتقل ٿيا. موصوف ڪجھ وقت محمد بن قاسم ادبي سوسائٽيءَ جو ڪم سنڀاليندا رهيا ان کان پوءِ هو جماعت اسلامي ضلع حيدرآباد جي امير جي حيثيت سان ڪم ڪندا رهيا. هن سڄي عرصي ۾ مولانا سان منهنجو گھاٽو تعلق رهيو جيئن تہ آئون ان زماني ۾ روزنامہ ”جسارت“ ڪراچيءَ جو وقايع نگار خصوصي هوس. هر مهيني سنڌ جي صورت حال کان علاوه ملي ۽ قومي مسئلن تي پنج، ڇھ تجزياتي مضامين لکڻ. اها منهنجي منصبي ذميداري هئي. ان زماني ۾ مضامين جي سلسلي ۾ مون کي مولانا محمد سلمان طاهر



صاحب کان تمام گھڻي فڪري رهنمائي ملندي هئي. جڏهن موصوف، سياسي حالات جو تجربو ڪندا هئا ۽ ملڪ کي سياسي ۽ معاشي ۽ اخلاقي بحران مان ڪڍڻ جي سلسلي ۾ خاڪا پيش ڪندا هئا تہ ان ۾ ڪيئي اهڙا نڪتا نڪري ايندا هئا جنکي، بنياد بڻائي آئون مضامين مرتب ڪندو هوس. اهڙي طرح، مضامين جي سلسلي ۾ جڏهن بہ مون کي ڪو ”موضوع يا نڪتا“ گھربل هوندا هئا تہ آئون مولانا موصوف سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هوس. اهڙي طرح ذهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مضمون جو خاڪو تيار ٿي ويندو هو. مولانا جي ذهانت ڏسي، حيرت انگيز خوشي محسوس ٿيندي هئي پر، اهو ڏسي ڏک پڻ ٿيندو هو تہ اهڙو باصلاحيت قيمتي ۽ ذهين فرد ڪنهن بہ ارادي ۾ مستقل مزاجي سان ڪم ڪرڻ کان قاصر آهي. جنهن ڪري معاشرو، سندس غيرمعمولي صلاحيتن مان لاڀ پرائڻ کان محروم آهي.

لنڊن ۾ ڊاڪٽر ڪليم صديقي صاحب جو ادارو، مسلم انسٽيٽيوٽ هر سال، انقلاب ۽ مسلم امت جي مسائل تي غوروفڪر جي لاءِ مسلمان ملڪن جي عالمن ۽ ڏاهن جي بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد ڪندو هو. 1983ء ۾ زبير عمر صاحب جيڪي مڪہ المڪرمہ ۾ ڪنهن اسڪول ۾ استاد هوا (موصوف ڪافي وقت تائين اسلامي جميعت طلبہ جا سرگرم رڪن رهيا) انهن مسلم انسٽيٽيوٽ سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ ان وقت تائين، منهنجا ڇپيل ڪتاب بہ انهن کي ڏنا. 1983ء ۾ انسٽيٽيوٽ جي طرفان سالانہ سيمينار ۾ افراد جي انتخاب جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر غياث الدين صاحب (جيڪي ڪنهن زماني ۾ اسلامي جمعيت طلبہ جا رڪن هئا) ڪراچي آيا. موصوف نومبر 1983ء ۾ ٿيندڙ سيمينار ۾ شرڪت جي لاءِ مونکي دعوت نامون ڏنو. ۽ ان سان گڏوگڏ، انقلابي ذهن ۽ سوچ رکندڙ ٻين افراد جي نشاندهي لاءِ بہ چيو. مون کين فوري طور تي مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جو نالو ڏنو. اهڙي طرح سنڌ مان، هن سيمينار ۾ شرڪت جي

لاءِ مون سان گڏ مولانا محمد سليمان طاهر صاحب بہ شريڪ ٿيا. هن سيمينار جي لاءِ موصوف جو مقالو ”*اسلام میں جماعتوں کا تصور*“ ڪافي ڪان وڏيڪ پسند ڪيو ويو. خصوصًا ڊاڪٽر ڪليم صديقيءَ کي اهو مقالو گهڻو پسند آيو. سيمينار کان پوءِ دنيا جي مختلف ملڪن جي عالمن ۽ ڏاهن سان ڊاڪٽر ڪليم صديقي صاحب ۽ ڊاڪٽر غياث الدين صديقي صاحب جن جون پنهنجي، پنهنجي ملڪن ۾ اسلامي انقلاب جي لاءِ فضا هموار ڪرڻ جي سلسلي ۾ تفصيلي نشستون ٿيون. اهڙي قسم جون نشستون اسان سان بہ ٿيون جن ۾، مولانا محمد سليمان طاهر صاحب امان الله شاديريءَ صاحب، بگرامي صاحب ۽ سرور صاحب وغيره شريڪ ٿيا. هن سيمينار ۾ شرڪت کان پوءِ اسان مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جي عزيز، فضل الرحمن بخشي صاحب سان برمنگهم وياسين ۽ ڪجھ ڏينهن اتي رهياسين.

آئون تن ڏينهن ۾ روزنامہ جسارت ڪراچي ۾، وقايع نگار خصوصي جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو هوس، ڪجهہ مهينن تائين، مسلم انسٽيٽيوٽ جي انقلاب جي سرگرمين سان منهنجو تعلق رهيو پر جيئن تہ انهن ڏينهن ۾، منهنجي نظر ۾ ”سنڌ ۾ اسلامي لٽريچر جي تخليق جو ڪم“ وڏيڪ اهم ٿي ويو هو، منهنجو تجربو هو تہ جيستائين سنڌ ۾ ”جي ايم سيد“ جي فڪر جي ازالي ۽ ترقي پسند نظريات جي علمي رد، ۽ اسلامي نظريي جي لاءِ ذهن سازي نہ ڪئي ويندي ۽ اهو ڪم، وڏي پيماني تي نہ ڪيو ويندو ان وقت تائين انقلاب اسلامي جي لاءِ، راه جي هموار تہ پري رهيو، معاشري کي فڪري، سياسي ۽ اجتماعي انتشار کان ۽ زوال کا نٿو بچائي سگهجي.

اهڙي صورتحال ۾ دين جي ڪم جي لاءِ ماڻهن جو ملڻ مشڪل آهي، هن تجزيي ڪانپوءِ مون ذهني ۽ عملي طورتي مسلم انسٽيٽيوٽ سان پنهنجو تعلق ختم ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪم جي لاءِ مولانا محمد سليمان طاهر



صاحب کي وڏيڪ موزون سمجهي اهو ڪم مولانا موصوف جي حوالي ڪري ڇڏيو.

مولانا موصوف پنهنجي ذهانت ۽ منصوبہ بنديءَ جي بهترين صلاحيت جي ڪري، ڊاڪٽر ڪليم صديقي جي اسلامي انقلابي جي فڪر ۾ ڪافي اڳيان وڌندا رهيا. هن سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ مرڪز قائم ڪيو ويو ۽ پاڪستان ۾ اسلامي انقلاب جي سوچ رکندڙ افراد کي ذهني طور وڏيڪ تيار ڪرڻ لاءِ هڪ ماهانہ رسالو ”الفجر“ جي نالي سان جاري ڪيو ويو، ۽ سنڌي ۾ ”نئين سوچ“ جي نالي سان بہ رسالو شروع ڪيو ويو. هن سموري عرصي ۾ مولانا موصوف سان منهنجو تعلق قائم رهيو پر پاڪستان ۾ اسلامي انقلاب جي لاءِ ناسازگار حالات، باصلاحيت ۽ درد مند افراد جي کوٽ، روحاني قوتن جي گهٽتائي ۽ اهڙي طرح ٻين گهڻن سببن جي ڪري پاڪستان ۾ مسلم انسٽيٽيوٽ جو ڪم اڳيان نہ وڌي سگهيو. آخر ۾ مولانا محمد سليمان طاهر صاحب جو انسٽيٽوٽ سان تعلق رسمي نوعيت جو باقي رهيو.

مولانا محمد سليمان طاهر صاحب کي الله تعاليٰ گهڻن خوبين ۽ اوصاف سان نوازيو آهي، هو غير معمولي ذهين آهن. قومي ۽ ذهني مسائل تي سندن راءِ ڪافي وزني آهي. دوستي ڳنڍڻ ۽ نڀائڻ جي معاملي ۾ بہ هو ڪافي، اڳڀرا آهن اجتماعات، ڪانفرنسون ۽ دعوتي ۽ عملي نشستون هجن تہ بہ، انهن جي انعقاد ۽ پروگرامن کي ڪامياب بنائڻ جي صلاحيت سان مالا مال آهن. جرئت مند، بهادر ۽ حوصلہ مند پڻ آهن نون حالتن ۽ مشڪل مرحلن ۾ بہ سنئين راه ڳولي ڪيڻ جي صلاحيت پڻ رکن ٿا. سنڌ ۾ هڪڙي دؤر ۾ ربيع الاول ۾ ”جمعيت اتحاد العلماء پاڪستان“ جي پليٽ فارم تان، سيرت جي موضوع تي، سڄي سنڌ ۾ جلسا ۽ ڪانفرنسون منعقد ٿينديون هيون. انهن ڪانفرنسن جي منصوبہ بندي مولانا سليمان صاحب ئي ڪندا هئا.

موصوف جي هڪڙي ڪمي، جنهن ان کي دعوتي، تحريڪي ۽ نظرياتي طورتي آخر ۾ معطل ڪيو ۽ سڀني کان ٽٽي هڪڙي پاسي ٿيڻ تي مجبور ڪيو اها، هن جي، غير مستقل مزاجي آهي. گهڻو ڪري، مستقل مزاجيءَ جو تعلق روحانيت سان آهي. ديني ڪم جي لاءِ جيستائين قابلِ ذڪر روحانيت نه آهي ان وقت تائين داعي، ايڏين پريشانين ۾ مونجهارن جو شڪار هوندو آهي جنهن جو ڪو ڳاٽيتو ڪونهي.

هن هڪڙي شيءِ جي کوٽ جي هوندي. ماڻهوءَ جون سڀئي صلاحيتون هنڪي استقامت نصيب ڪري سگهن، مشڪل آهي.

## (۴)

17 آگسٽ 1997ء

برادرم محترم حافظ محمد موسىٰ ڀٽو صاحب!

السلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاته.

مونکي ياد آهي ته نومبر 1965ء ۾ توهان جي ڳوٺ، جندوديرو ۾ پهريون ڀيرو توهان سان ملاقات ٿي هئي، تڏهن توهان جي عمر، تقريباً 14_15 سال هئي پر ان وقت مون ڏٺو ته توهان ماهانه ترجمان القرآن جا پراڻا فائل پڙهي رهيا هئا، اها عمر عام طورتي، راند روند جي هوندي آهي ۽ هن عمر ۾، علمي مطالعوءِ نظرياتي سياسي مضامين جو فهم ناهي هوندو پر، توهانجو غيرشعوري دور ۾ به، مطالعي جو ذوق ڏسي اندازو ٿيو ته اهو علمي ذوق توهانکي ڪنهن منزل تي ضرور پهچائيندو. ان کان پوءِ سکر ۾ دار العلوم (منزل گاه) ۾ تعليم جي دوران وري ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ روزنامه "الوحيد" ۾ صحافتي زندگي جي شروعات ۾ توهان جي محنت ۽ حوصلو ڏسي اندازو ٿيو ته توهان جي شخصيت ۾ اڳيان وڌي ڪم ڪرڻ جو بنيادي جوهر موجود آهي. 1970ء کان پوءِ حيدرآباد ۾ لاڳيتيون ملاقاتيون ٿينديون رهنديون. ان وقت توهان جا مضامين ۽ سياسي تجزيا، مقبول هئا ۽



قدر جي نگاه سان ڏٺا ويندا هئا. ان وقت اهو پڻ اندازو ٿيو ته، توهان ۾ ڪنهن شخص کان اخذ ڪرڻ جي صلاحيت بهتر طورتي موجود آهي ۽ خيالن جي ڏي وٺ جي نتيجن کي، پنهنجي طور تي پيش ڪرڻ جي مهارت توهان جي اندر موجود آهي. ڪنهن سنڌي جريدي جي اجراء ۽ ادبي محاذ تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ اسان جون ڪئي ميٽنگون ٿينديون رهيون، ڪجهه دوست به شامل رهيا، بهرحال 1984ء کان پوءِ اوهان مستقل مزاجي سان، همت ۽ حوصلي سان ۽ حياتيءَ جي مقصد کي پوري ديانتداريءَ سان ۽ خاص طور تي الله تعاليٰ جي تقرب جي حصول جي لاءِ جي جيڪا محنت ۽ جاکوڙ ڪري رهيا آهي اها، تعريف جي قابل آهي، ان جو بهترين اجر يقيناً الله تعاليٰ توهان کي عطا فرمائيندو پر، هن دنيا ۾ عام مسلمانن، خاص طور تي سنڌجي اهلِ علم طبقي سنڌي نوجوانن جي لاءِ توهان جي طرفان جيڪو علمي ۽ نظرياتي رهنمائي ۽ تربيت جو ڪم ٿي رهيو آهي اهو منفرد نوعيت جو ڪم آهي.

ويهين صديءَ جي آخري ٻن عشرن ۾ ديني ۽ نظرياتي ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم ۽ ماهنامه "بيداري" جي اشاعت جي ذريعي سنڌي عوام تائين اسلامي فڪر جو پيغام پهچائڻ، هڪ اهڙو ڀلارو ڪم آهي جيڪو توهان جي ذريعي عمل ۾ آيو. هن ڪم ۾ جيڪا برڪت ۽ اثر انگيزي هئي ان جو وڏو حصو يقيني طور تي، حضرت اقدس ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان صاحب جي دعائن ۽ توجهات جو نتيجو آهي.

ڪنهن به ديني ڪم ۾ اثر انگيزي ۽ هن ڪم جا گهربل نتيجا ٻن ڳالهين تي موقوف آهن. هڪ "اخلاص نيت" يعني ڪم خالص الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي ۽ ٻيو ته، ڪم کي پوري همت ۽ حوصلي ۽ محنت ۽ جدوجهد ۽ مستقل مزاجيءَ سان ڪيو وڃي.

سنڌ ۾ گذريل اڌ صدي دوران، علمي، ادبي ۽ اشاعتي محاذ تي جيڪي ڪم ٿيا آهن انهن ۾ سيڪيولر عناصر جو ڪم وڏي پيماني تي ۽ محنت سان ڪيو ويو آهي. ڪئي اشاعتي ادارا وجود ۾ آيا، ننڍن ڪتابڙن کان وٺي روزانه اخبارن تائين بي شمار مواد تيار ٿيو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙجي ويو. هن سموري ڪم جي نتيجي ۾ سنڌ جي شناخت، ڪنهن حد تائين ”سيڪيولر سنڌ“ جي حيثيت ۾ اڀري آهي، هن سڄي ڪم ۾ سوويت يونين ۽ هندستان جي تعاون کان سواءِ، مقامي دانشور، اديبن ۽ شاعرن جي گڏيل محنت جو به عمل دخل آهي، پر ان سڄي ڪم جي مقابلي ۾ ادبي محاذ تي اسلامي طبقي جي اديبن ۽ دانشورن جي ڪا خاص منصوبه بندي، تنظيمي ڪاوش، وسائل جي يڪجائي ۽ مثبت فڪر جي لاءِ لڳاتار جدوجهد، گهٽ ئي نظر اچي ٿي.

1960ء جي ڏهائي ۾ حيدرآباد ۾ سيد سردار علي شاهه ۽ ان جي دوستن جو حلقو نمودار ٿيو پر ان حلقي جي طرفان به ڪو مثبت لٽريچر فراهم نه ٿي سگهيو. البته لا ديني فڪر ۽ انکي پيش ڪرڻ وارن جو تعاقب ضرور ٿيو ۽ پريس جي ذريعي انهن کي بي نقاب ڪيو ويو. جماعت اسلامي جي سرپرستي ۾ محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي جي پيڙهه رکي وئي، سوسائٽي پنهنجي هن ڏهن سالن جي جدوجهد ۾، سنڌ ۾ مختلف سيمينار منعقد ڪيا، ڪجهه ڪتاب به شايع ٿيا پر، سوسائٽي جي مقاصد ۾ منفي (تنقيدي) پهلو غالب رهيو پر ان کان پوءِ سوسائٽي پنهنجو وجود قائم نه رکي سگهي. سکر ۾ ”تنظيم فڪرو نظر“ قائم ٿي. هن تنظيم جون سرگرميون به گهڻو تڻو سيمينارن جي انعقاد تائين محدود رهيون،ڪجهه عالمي ۽ تاريخي ڪتاب ضرور، شايع ٿيا پر،حڪمرانن جي مداخلت جيڪري، تنظيم ۾ انتشار پيدا ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين تنظيم جي وجود کي نقصان پهچائي رهيو آهي.



ڪجهه وقت ادبي محاذ تي خلا رهيو، هاڻي ڏهن، پندرهن سالن کان پوءِ هڪ نئين لهر شروع ٿي آهي. ڪراچي ۾ ”نئي سوچ“ جي ذريعي مثبت فڪري محاذ کليو، شڪارپور ۾ ديني، علمي ۽ تاريخي ڪتابن جي ڇپائي جي سلسلي ۾، اڪيڊمي وجود ۾ آئي ۽ حيدرآباد ۾، سنڌ نيشنل اڪيڊمي جي ذريعي ديني، علمي ڪتابن جي ڇپائي جو وسيع سلسلو شروع ٿيو ۽ ماهانه رسالو به جاري ٿيو.

اسان جي دور جو وڏو الميو اهو آهي ته اسان جي مٿين طبقي يعني اهل علم خاص ڪري، داعيانه منصب تي فائز شخصيتن ۾، بردباري، عفوودرگذر ۽ ٻين جي تڪريم جو مادو گهٽجي ويو آهي. ان ڪري هڪ ٻئي سان تعاون ۽ گڏيل مقاصد لاءِ گڏيل ڪوششن جي کوٽ آهي، ۽ ان سان گڏ ”درد مند، قلبِ مطمئنه“ جيڪا، سوزوگداز ۽ محبت سان لبريز هجي. ان جي سخت کوٽ آهي. انهيءَ کوٽ جي ڪري وڏا ڪم ٿيڻ ناممڪن آهن. جيڪڏهن ڪم شروع به ٿين ٿا ته انهن ۾ برڪت ۽ نصرتِ الاهي پيدا نه ٿي ٿئي ۽ ائين ڪجهه وقت کان پوءِ اهي ڪم ختم ٿا ٿي وڃن.

خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي ته توهان پنهنجو پاڻ کي اهلِ الله سان جوڙي رکيو آهي، جنهن ڪري توهان جي دل، جذبه اخلاص ۽ محبت جي حرارت سان لبريز رهي ٿي ۽ باطني بيمارين جي احتساب جي لاءِ به، اندر جو محتسب هر وقت، سجاڳ رهي ٿو. ان جي بروقت فتوي جي پيش نظر ”اندر جي اصلاح جو عمل“ لاڳيتوجاري رهي ٿو. اهڙو دعوتي، ديني ۽ اجتماعي ڪم جنهن ۾، اهل الله جي صحبت ۽ خود احتسابيءَ جو عمل پوري قوت سان موجود هجي اهو ڪم هر قسم جي خلفشار کان محفوظ رهي ٿو.

والسلام

محمد سليمان طاهر

پروفيسر ڊاڪٽر غلام سڪينہ شيخ

# خود احتسابي جي ضرورت

سيپٽمبر 2014ع جو اردو بيداريءَ جو شمارو اکين آڏو آيو تہ جئين ئي ورق اٿلائڻ لڳيس تہ پهرين ئي اوهان جي لکيل مضمون " خود احتسابي کي تحريڪ " ( وقت ڪا سب سي اهم تقاضہ ) تي نظرون کپجي ويون.

موضوع اهڙو تہ دل تي اثر ڪيو جو هڪ ئي ساهيءَ ۾ سڄو پڙهيم. مضمون منهنجين سوچن ۽ خيالن جي مضبوط پٽين سان ائين ٽڪرايو جو ان ئي وقت قلم ۽ ڪاغذ سنڀالي اسٽڊي ٽيبل جي طرف وڌيس ۽ پنهنجي خيالن ۽ جذبن کي ڪاغذ جي سيني تي سنوارڻ لڳيس:

ادا سائين سچ پچ تہ هن اهڙي خود غرض ۽ خود پرست دؤر ۾ خود احتسابي واقعي هلندڙ وقت جي سڀ کان اولين ضرورت. آهي جو اسان سڀ کان پهريون سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان الله تعاليٰ جو خوف دل ۾ رکي خود احتسابي کان ڪم وٺون ۽ اها خود احتسابي ئي اسان جي ڪاميابين جو ڪارڻ بڻجندي.

اسان ڪيڏا نہ وڏا نقاد بڻجي ويا آهيون جو سڄو ڏينهن صبح کان رات تائين ٻين جي غلطين ۽ ڪمزورين جو راڳ ڳائي پنهنجو وقت وڃايون ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي عقل جا اڪابر ٿا سمجهون. تہ اسان کان وڌيڪ ڪو بيو سمجهدار، قابل ۽ ايماندار تہ آهي ئي ڪونہ !! هر معاملي کي اسان صرف ۽ صرف پنهنجي مفاد ۽ پنهنجي گهرج جي نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش ٿا ڪيون ۽ ان کي ٻين تي مڙهڻ جي ڪوشش پڻ.

دولت تي ٽٽي پوڻ جو سلسلو جيڪو اڄ ڪلهہ هر انسان جي اندر لالچ پيدا ڪري رهيو آهي، واقعي ان سان هر ماڻهو اهو ٿو سمجهي تہ بس



جيترو ڪمائڻو آهي ڪمائي وٺون، اهو ئي موقعو آهي، پوءِ موقعو ملي يا نہ ملي.

جيترو کنهن جو رت چوسڻو آهي، چوسي وٺون، اهوئي موقعو آهي پوءِ موقعو ملي يا نہ ملي.

جيتري بي ايماني ڪرڻي آهي، جيترا کنهن جا جائز حق ڦٻائي سگهون ٿا، جيترو حرام کائي سگهون، کائي وٺون پوءِ موقعو ملي يا نہ ملي.

هن مرض ۾ حڪمران، آفيسر، صنعتڪار، تاجر، ڊاڪٽر، انجنيئر، وغيره سڀئي شامل آهن.

افسوس !!! جو انهن ڪڏهن نہ سوچيو تہ پنهنجن انهن ڪرتوتن کان الله تعاليٰ جي در، دل جي سچائيءَ سان استغفار ڪريون. خبر ناهي زندگي ڪيتري آهي پوءِ توبہ جو اهو موقعو ملي يا نہ ملي! ايئن نہ ٿئي تہ دنيا جون هي آسائشون، هي مال و ملڪيت عهدا، غرور، هي محلات، بي ايمانيون، ناانصافيون، هي رشوتون، حق تلفيون ڪٿي اسان کي جهنم جو ڪاڄ نہ بڻائي ڇڏين. معافي گهري وٺون، اهوئي موقعو آهي پوءِ موقعو شايد ئي ملي.

بي شڪ الله تعاليٰ بي پرواهہ آهي. ان شخص جي الله تعاليٰ کي ڪا بہ پرواهہ ڪونهي، جنهن کي اها پرواهہ ڪونهي تہ هن اهو مال ڪٿان ڪمايو آهي تہ الله تعاليٰ کي بہ اها پرواهہ نہ آهي تہ هن کي دوزخ ۾ ڪٿان داخل ڪري. "

توهان ايتريون حديثون بيان ڪري اسان جون اکيون کي کولي ڇڏيو آهن تہ الله تعاليٰ ۽ سهڻي سرڪار صلي الله عليہ وسلم جن جا ڇا ڇا فرمان آهن ۽ اسان جا ڇا افعال آهن. اسان جو تہ ڪو بہ عمل قرآن وحديث جي مطابق نہ رهيو آهي.

خود احتسابيءَ جي تحريڪ هن دؤر جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي. ٻين تي آڱريون کڻڻ تمام گهڻو آسان آهي. پر ڪو اهڙو شخص

جيڪو الله تعاليٰ جو خوف دل ۾ رکي پنهنجي هر فعل جو احتساب ڪري ۽ پنهنجي فعل تي خود شرمنده ٿئي، هزارن ۾ ڪو هڪڙو نظر ايندو.

جيڪي انسان خود احتسابيءَ جي عمل کان خالي آهن، اهي اهوئي چوندي نظر ايندا آهن ته ٻيا به ته چڱائي ڪن نٿا، مان ڇو ڪريان !!!؟

جن ماڻهن جو اهو خيال هجي جو دنيا ئي انهن جو مقصود بڻجي وڃي ته پوءِ الله تعاليٰ به ڪين دنياوي بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو ۽ سندن دنياوي لالچون ڏينهون ڏينهن وڌنديون رهن ٿيون.

اسان کي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسڻو پوندو ته اسان جي ڪردار ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خرابيون موجود آهن. پنهنجي اندر اڏيل انهن ڪوڙن بتن کي خود احتسابيءَ جي عمل سان ڀڃڻو پوندو. ٻيا ڇا به ڪن اهو اسان جي مٿي جو سور نه ناهي اسان پنهنجي چوڌاري ٻاهه جو ٻرندڙ مچ وسائڻ جي ڪوشش ڪريون جيڪو اسان جي لاءِ تباهي جو ڪارڻ آهي. اهڙو آهي.

خود احتسابيءَ جو عمل اهڙو آهي جيڪو انفرادي طور شروع ٿيڻ گهرجي پوءِ اهڙي طرح اهو آهستي آهستي اجتماعي عمل بڻجي پوندو. سڀ کان پهريائين احتساب جي ڪٽهڙي ۾ پنهنجو پاڻ کي بيهارڻو پوندو.

هر فرد جڏهن پنهنجو محاسبو پاڻ ڪرڻ شروع ڪرڻ لڳندو ته فردن جو اهو عمل معاشري ۾ از خود اجتماعي خود احتسابي جي تحريڪ جي صورت اختيارڪري وٺندو.خود احتسابيءَ جا صاحب اهي ئي آهن جيڪي الله تعاليٰ سان محبت ڪن ٿا، ان جي شان عظمت مان ڊڄن ٿا ۽ هر معاملي ۾ الله ڏانهن رجوع ٿين ٿا.

الله تعاليٰ جو خوف، الله تعاليٰ جو ذڪر ۽ الله تعاليٰ سان محبت، رب جي طرف رجوع ٿيڻ جا سبب آهن. ۽ الله ڏانهن رجوع اهوئي شخص ڪندو جيڪو خود احتسابيءَ جي عمل سان پنهنجي اندر جون سڀئي خاميون دور ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشان رهندو.

مضمون نگار اهو بلڪل سچ چيو آهي ته هڪ انسان جي ڪل ضرورت روزانو چار مانيون، هڪ لباس، هڪ کٽ، هڪ ڪمرو، هڪ نوڪر



۽ هڪ سواريءَ کان وڌيڪ ڪجهه به ڪونهي. باقي سڄي دولت جنهن جي لاءِ هو پنهنجي قوم و ملت کي داءُ تي لڳائي رهيو آهي، اها هن جي ڪهڙي ڪم جي ؟؟

بلڪ ائين ڪٿي چئجي ته هو جيڪو پنهنجي ايمان جو سودو ٿو ڪري ان مان ڇا حاصل ؟ بلڪ لٽ مار سان حاصل ڪيل دولت سان ويتر پاڻ سڪون ۽ قلبي قرار کان محروم ٿي وڃي ٿو. دولت جا ميڙڱڏ ڪرڻ ۽ شان و مان جي باوجود هو تانڊن تي سمهي ٿو. نه پاڻ سک ۾ نه اهو سک ۾ جنهن جو مال ناحق طور هن هضم ڪيو آهي.

خود احتسابيءَ سان گڏوگڏ الله ڏانهن رجوع جي تحريڪ واقعي هن دؤر جي اهم ضرورت آهي.

منهنجي دعا آهي ته هي مضمون هرخوف خدا رکندڙ شخص، نه صرف پڙهندو بلڪ ان کان جيترو ٿي سگهي انهن ٻنهي تحريرن کي صاف ۽ سچي نيت سان ٻين تائين به پهچائي.

هن خود پرست ۽ خود غرض دنيا ۾ جيڪي. ديندار ڀائر ۽ ڀينريون باقي رهجي ويون آهن، انهن جي مٿان ئي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو ان ڏس ۾ جيڪو ڪجهه ڪري سگهن ٿا ته ڪين ڪرڻ. گهرجي ۽ ان لاءِ پنهنجيون سڀئي توانائيون خرچ ڪرڻ گهرجن. الله تعاليٰ نيتين کي ڏسي ٿو اهو ڪنهن جي به ذري برابر ضايع نٿو ڪري. ٿي سگهي ٿو ته اسان جون اهي ڪوششون قيامت جي ڏينهن اسان جي بخشش جو سامان بڻجن.

مان انشا الله تعاليٰ پنهنجي وس آهر جيترو مونکان پڄندو، خوداحتسابي ۽ الله تعاليٰ جي طرف رجوع ڪرڻ وار تحريڪ کي عام ڪنديس. ۽ پاڻ به اڳ کان وڌيڪ متحرڪ ٿينديس، الله تعاليٰ منهنجي مدد فرمائي . ”آمين ثم آمين.“

علي اڪبر راھمون

# اسلامي تهذيب ۽ مغربي تهذيب جو ٽڪراءُ

انسانيت جي تاريخ مذهب ۽ خدا پرستي جي تاريخ آهي. ڇو تہ مذهب ۽ خدا پرستي انسان سان گڏ پيدا ٿيا آهن. ۽ سندس فطرت ۾ شامل رهيا آهن. انسان ذات جو پهريون ڏاڏو حضرت آدم عليہ السلام نہ رڳو انسان هو پر پهريون پيغمبر پڻ هو. پيو تہ مذهب انسان جي فطرت ۾ سمايل آهي ان ڪري، خدا جو تصور انسان جي روح، قلب ۽ وجود جو حصو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو انساني تاريخ جي هر دور ۾ مذهب ۾ خدا پرستي جو تصور موجود رهيو آهي. دنيا جي ڪا بہ تهذيب ۽ قوم مذهب ۽ خدا جي تصور کان خالي ۽ ڪوري نہ رهي آهي. هن پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي تہ جديديت جي پيٽ مان پيدا ٿيل جديد مغربي تهذيب انساني تاريخ جي پهرين تهذيب آهي، جيڪا مذهب ۽ خدا جي انڪاري آهي ڪيس ان تي فخر پڻ آهي. هن تهذيب پنهنجي عظمت جو مينار انڪار تي اڏيو آهي. هن تهذيب جي خاص ڳالهہ يا سڀ کان وڏو ڪارنامو هي آهي تہ ان آسمان تان خدا کي ۽ اقتدار تان بادشاهہ کي ۽ خانداني زندگي مان مڙس کي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو يا معزول ڪري ڇڏيو آهي. خدا کي معزول ڪرڻ لاءِ ان مادي کي خدا ئي صفتن سان نوازيو بادشاه کي عوام جي اڪثريتي راءِ يا جمهوريت جي بهاني سان هٽايو ۽ گهر يا خاندان ۾ مڙس ۽ زال کي برابر جودرجو ڏنو. ۽ خاندان جي مرڪزيت ۽ ايڪائي کي ختم ڪيو. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جديديت اهي سڀ ڪم ڪهڙي اصول جي بنيادتي ڪيا؟ سموريون تهذيبون " الله ڪانسواءِ ڪوبہ ناهي" جي اصول تي بيٺل آهن. جديديت خدا کي معزول ڪري انسان جي خدائي جو اعلان ڪيو. ۽ هن عقيدي جو سڄي دنيا ۾ پڙهو گهمايو تہ "انسان ڪانسواءِ ڪو بہ ناهي" ۽ ماڻهپوءِ ئي مذهب آهي." "انسان پرستي ۽ انسان دوستي" جهڙيون نيون اصطلاحون گهڙيون. پر



سوال آهي تہ جديديت انسان کي ڪهڙي اصول جي بنياد تي خدا جو درجو ڏنو؟

مذهبي تهذيبن جو اصرار هو تہ انسان پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ آسماني هدايت جو محتاج آهي. پر جديديت چيو تہ انسان کي ڪنهن آسماني رهنمائي جي ضرورت ناهي. انسان جو پنهنجو عقل سندس رهنمائي لاءِ ڪافي آهي. اهوئي انسان جي خدائي جو يا خودسري اعلان آهي. اهو بہ ياد رکڻ کپي تہ جديديت وٽ عقل جو تصور ڇڙو ناهي، پر جديديت عقل کي سائنس جي تجربي ۽ مشاهدي جو پابند بنايو آهي. ان چيو تہ عقل ۽ دانش جي ڳالهہ اها ئي آهي جيڪا سائنسي تجربي ۽ مشاهدي سان ثابت ٿي هجي. ڇئبو تہ سائنسي تجربي سان ۽ مشاهدي سان نہ خدا جو وجود ثابت آهي، نہ وحي جي موجودگي ثابت ٿي ٿئي، نہ جنت ۽ دوزخ جو خارجي وجود ثابت ٿو ٿئي، نہ فرشتا ۽ نہ خير، شر جا تصور سمجهہ ۾ ٿا اچن.اهو ئي ڪارڻ آهي جو سائنس جو دائرو صرف مادو آهي. ۽ مذهب جي حقيقت غير مادي يا روحاني خالص آهي.

جديديت، عيسائي دنيا جي تخليق هئي. انڪري هن جو پهريون ٽڪراءُ خود عيسائيت سان ٿيو. هن ٽڪراءُ ۾ جديديت جي حوالي سان عيسائيت ۾ رد عمل جون ٽي صورتون ظاهر ٿيون. هڪ مزاحمت ٻيو مفاهمت ٽيون هزيمت ۽ جديديت جي غلامي. يورپ ۾ سائنسدانن نين دريافتن ۽ ايجادن جو سلسلو شروع ڪيو تہ عيسائيت ڪين مذهب جي خلاف قرار ڏنو ۽ سخت مزاحمت ڪئي. مثال طور عيسائين جو هڪ عقيدو هو تہ ڌرتي، شمسي نظام جو مرڪز آهي . پر جديد سائنس دريافت ڪيو ۽ اعلان ڪيو تہ سج شمسي نظام جو مرڪز آهي. ڌرتي، سج جي چوڌاري گهمي رهي آهي. عيسائيت هن ۽ اهڙين سيني دريافتن کي ڪفر قرار ڏنو. هن بنياد تي سائنسدانن کي جيئري جلايو ويو يا انهن جو سماجي بائيڪاٽ ڪري ڪين پنهنجن نظرين کان ڦرڻ تي مجبور ڪيو ويو. تنهن هوندي بہ

عيسائيت جديد نظرين جي آڏو بند ٻڌڻ ۾ ناڪام ٿي ويئي. اهڙي طرح جديد سائنسي نظرين کي طاقت ملندي رهي تانجو هڪڙو اهڙو ڏينهن آيو. جڏهن نتشي اعلان ڪيو ته ( معاذ الله ) خدا مري ويو آهي. هن اعلان جي تشريح ۾ تعبير به آهن. هڪ ته سائنس ۽ فلسفي، خدا کان سواءِ ڪائنات جي وجود کي ممڪن بنائي ڇڏيو. تنهن ڪري ڪائنات جي تشريح جي لاءِ خدا جي عقيدي جي انسان کي وڌيڪ ضرورت نه رهي آهي هن اعلان جي ٻي معنيٰ هيءَ آهي ته عيسائي دنيا ۾ خدا جو وجود محض هڪڙو خيال بنجي ڪري رهجي ويو آهي. هاڻ ان جو زندگي تي ڪو به اثر نه رهيو آهي.

يورپ ۾ جديديت سان عيسائيت جي مفاهمت جي سڀ کان وڏي علامت "مارٽن لوٿر" ۽ ان جي مذهب جي سڌاري جي تحريڪ آهي. مارٽن لوٿر خدا جو انڪاري يا لادين ڪونه هو پر هو هڪ ناليوارو پادري هو. ان جي تمنا هئي ته عيسائيت کي "عقلي بنياد" مهيا ڪري ڏنا وڃن. پر سندس عقلي بنيادن جا خيال جديديت کان ورتل هئا. اهڙي طرح سندس عقليت پسندي جو پهريون نتيجو هيءَ نڪتو ته مارٽن لوٿر عيسائين جي ڪتاب مقدس انجيل جا تيرهن باب افسانا جادو ۽ عقل ۾ نه ايندڙ ڳالهيون قرار ڏيئي ڪري انجيل مان ئي خارج ڪري ڇڏيا. مارٽن لوٿر جي تحريڪ جا عيسائيت لاءِ به خطرناڪ نتيجا نڪتا. هڪ ته عيسائي مذهب ۾ پروٽيسٽنٽ ازم جي نالي سان مستقل باغي فرقو پيدا ٿي پيو. ٻيو ته مارٽن لوٿر جي مذهبي اصلاح جي تحريڪ آخرڪار يورپ ۾ هڪ انڪاري تحريڪ بنجي ويئي. اهڙي صورتحال کي ڏسندي عيسائي مذهب وارن ڪٽي هٿيار ڇڏيا. نتيجي طور عيسائي مذهب پوري مغربي دنيا ۾ هڪ نجي ۽ ذاتي معاملو بنجي ڪري رهجي ويو. اهڙي طرح هن کي سماجي زندگي مان تڙي ٻاهر ڪيي ڇڏيو ويو. اجو ڪي صورتحال هيءَ آهي ته جديديت جي اثر ۾ اچي ڪري عيسائي مذهب گناهن جو جواز ڳولڻ ۽ بهانا گهڙڻ وارو مذهب بنجي ويو آهي.



مسلمان هندستان تي هڪ هزار سالن تائين حڪومت ڪئي پر انهن هن عرصي دوران ڪڏهن به هندوئن جي مذهبي روايتن ۽ زندگي ۾ ڪنهن قسم جي هٿ چراند يا مداخلت ڪونه ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هندوئن جي مذهبي زندگي پنهنجن عقيدن ۽ روايتن سان لاڳاپيل ۽ آزادي سان اڳتي وڌندي رهي. پر انگريزن به سئو سالن اندر هندستان کي سيڪيولر بنائي ڇڏيو. راجا رام موهن راءِ هندوئن ۾ سرسيد بنجي اڀريو. جنهن هندو ڌرم ۽ سماج ۾ سڌارن جي تحريڪ هلائي. هندوئن ۾ جديد مغربي تعليم جو ڪيس ڪاميابي سان وڙهندي انگريزن جو ڪلچر عام ڪرڻ ۽ رواج وجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. نتيجي طور هندوئن جي تهذيب انگريزن جي تهذيب جو حاشيو بنجي ڪري رهجي ويئي. هندوئن ۾ اسلام جي مقابلي ۾ هندو ڌرم جو دفاع ڪرڻ وارا ته اڄ به گهٽا ئي آهن. پر جديديت جي مقابلي ۾ هندو ازم جو بچاءُ ڪرڻ وارو ڪير به ڪونهي ان جو اخلاقي معيار ڪري چڪو آهي. هاڻ هن تهذيب کي پنهنجي تهذيبي ۽ تاريخي حيثيت تي ڪوبه فخر جو حق نه رهيو آهي. جيڪا پاڻ کي پنج هزار سال پراڻي تهذيب ڪوٺائيندي هئي. جاپان ٻي عالمي جنگ تائين ٻڌ ازم ۽ شنتوازم جو وارث والي سڏائيندو هو. سندس اها تهذيب پڻ دنيا جي قديم تهذيب ليکبي هئي. پر جديد مغربي تهذيب صرف اڌ صدي جي عرصي ۾ هن تهذيب جو نالو نشان ئي ميساري، جديديت جي رنگ ۾ رنگي ڪين غلام بنائي ورتو. هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ شبهو ناهي ته جاپان دنيا جي ٽيون نمبر وڏي معيشت آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ۾ هن بي مثال ترقي ڪئي آهي. پر هن تهذيب کي به جديد مغربي تهذيب آڏو هٿيار ڦٽاڪندي ۽ ان جي بالا دستي قبول ڪندي هڪ وڏو عرصو گذري چڪو آهي.

جديد مغربي تهذيب جي مقابلي ۾ مذهب اسلام جو رد عمل عيسائي مذهب وارن، هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم وارن جي بلڪل ابتڙ آهي. عيسائي، هندو ۽ ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ جديديت جي تقليد ۽ غلامي قبول ڪري چڪا آهن. پر

اسلامي دنيا ۾ جديديت جي طوفان آڏو اسلام جي دفاع ۽ احياء جون وڏيون وڏيون تحريڪون فڪري ۽ عملي ميدان ۾ اڀري آيون آهن. هن صورتحال کي علامہ اقبال پنهنجي خوبصورت شعر ۾ هن طرح چٽيو آهي.

مسلماں کو مسلماں کردیا طوفان مغرب نے
تلاطم ہائے دریا ہی سے ہے گوہر کی سیرابی

يعني جديديت يا مغربي تهذيب جي اچڻ ۽ عام ٿيڻ کان پهرين مسلمان غفلت جي ننڊ ستا پيا هئا، کين پنهنجي شناخت، بقاءِ سلامتي جو جو ڪو بہ فڪر ڪو نہ هو. پر مغربي تهذيب جي طوفان انهن کي سجاڳ ڪيو ۽ انهن جي ستل صلاحيتن کي بيدار ڪيو. اسلام جديد مغربي تهذيب جي مقابلي ۾ جيڪي تحريڪون اٿاريون، تن جو بهتر مطالعو بر صغير جي سرزمين کان وڌيڪ ٻيو ڪٿي ٿي سگهي ٿو؟ هن جا ٻہ سبب آهن. هڪ تہ ڏکڻ ايشيا جي مسلمان امت، مغربي تهذيب جو مقابلو هر ميدان ۽ محاذ تي ڪيو آهي ۽ ان کي منطقي انجام تي پڄ پهچايو آهي. ٻيو سبب هيءَ آهي تہ ڏکڻ ايشيا مسلمانن جي عالمي آبادي جي اعتبار کان سيني جو نمائيندو ۽ وڏو علائقو آهي. جديديت جي حوالي سان پهريون رد عمل سر سيد احمد خان جي صورت ۾ سامهون آيو. سرسيد جي فڪر، تحريڪ، شخصيت ۽ ملت اسلامي جي حوالي سان ان جي سچي ڪردار کي هڪڙي جملي ۾ بيان ڪجي تہ چئبو سرسيد انگريزن جي عسڪري فتح کي تهذيبي سوڀ ۾ بدلائي ڇڏيو ان جو بنيادي سبب هو تہ سر سيد جي نفسيات تي انگريزن جي نفسيات غالب اچي چڪي هئي. مسلمان ڏکڻ ايشيا ۾ فاتح بنجي پهتا هئا. انڪري سرسيد مسلمانن جي مقابلي ۾ هندوئن کي هميشہ گهٽ درجي وارو ۽ هيچ سمجهندو هو. پر ساڳي علائقي ۾ مسلمان انگريزن جي هٿان شڪست کائي ويٺا هئا. انڪري سرسيد جي



نظر ۾ مسلمان ۽ انهن جي پوري تهذيب هيچ ۽ حقير ڏسڻ ۾ آئي. ان جي نظر ۾ هيءَ اصول مرڪزي اهميت وارو لڳي ٿو تہ جيڪو ڏاڍو آهي سو ئي حق تي آهي. ڇاڪاڻ تہ هو حق تي نہ هجي ها تہ ڪڏهن بہ سوڀ حاصل نہ ڪري ها. انڪري سر سيد جي نفسيات ۾ هيءَ اصول پختو هو تہ جيڪو ڏاڍو آهي. سوئي حق تي آهي ۽ اهو ئي تقليد جي لائق آهي. سرسيد، مارٽن لوٿر کان بہ متاثر هو ان جي نقش قدم تي هلي ڏکڻ ايشيا جي مسلمانن ۾ مارٽن لوٿر بنجڻ جي پڻ ڪوشش ڪندو رهيو . اهڙي طرح هو جوش ۾ اچي ۽ ٻارهن سئو سالن جي تفسيري سرمايي ۽ فقهي اتهاس جو مذاق اڏائيندو ۽ ان تي رد قد ڪندو رهيو ۽ مسلمانن جي بنيادي عقيدن جي ذاتي راء سان تشريح ڪندو رهيو. جهڙي طرح ان چيو تہ فرشتن جو ڪو بہ حقيقي ۽ خارجي وجود ناهي، اهي انسان جون محض باطني قوتون آهن. ان جنت دوزخ جي خارجي وجود کان بہ انڪار ڪيو، ۽ چيو تہ جنت جو مطلب هي آهي انسان ذهني طور خوش هجي ۽ دوزخ جو مطلب آهي تہ انسان ذهني اذيت ۾ مبتلا هجي. پر ڏکڻ ايشيا جي اسلامي مذهبي فڪر ۽ شعور ۾ اجان ايتري طاقت موجود هئي، جو ان سر سيد جي باطل ۽ غلط مذهبي تشريح کي هڪدم رد ڪري ڇڏيو ۽ ان جو سمورو مواد تاريخ جي ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڦٽو ڪيو ويو. هن سلسلي ۾ سر سيد جي پڳ مٽ يارن بہ جن ۾ الطاف حسين حالي بہ شامل هو. سيني سندس مذهبي فڪر کي قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

مغربي تهذيب جي جديد فڪر ڏکڻ ايشيا جي عالمن ۾ هيءَ خدشو پيدا ڪيو تہ اهڙي صورتحال ۾ اسان جا نقلي ۽ عقلي علم ڪٿي فنا نہ ٿي وڃن. هن فڪرمندي ۽ بي چيني جي نتيجي ۾ ديوبند ۽ بريلي ۾ وڏا وڏا ديني مرڪز وجود ۾ آيا. جيتوڻيڪ اهي مرڪز اسلامي فڪر جي سرمايي کي ڪو غزالي ۽ رازي تہ ڏيئي نہ سگهيا. پر مذهبي علمن جي حفاظت، فروغ

۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ڪرڻ جي عمل ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو اڄ برصغير ۾ جيڪو علم جو سرمايو موجود آهي، اهو انهن مرڪزن جي ئي محنت جو ثمر آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ جديد مغربي تهذيب جي خلاف مزاحمت جو پهريون اظهار اڪبرالاهه آبادي جي شاعري آهي. اها شاعري ڇا آهي؟ هن شاعري جو خمير هن دکدائڪ احساس مان اٿيو آهي ته هڪ نهايت وڏي درجي واري تهذيب رڳو عسڪري ڪمزوري جي ڪري هڪ گهٽ درجي واري تهذيب کان شڪست کائي ان جي بالادستي قبول ڪري ويٺي آهي. اڪبرالاهه آبادي جو تخليقي جوهر، هڪ عالمي ليول جو آهي. علامه اقبال ان جي وفات تي پنهنجي تعزيتي خطاب ۾ چيو هو. ته اڪبرالاهه آبادي جي شاعري ۽ شخصيت هڪ اهڙي انوکي آهي جنهن جو مثال پوري ايشيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. سچ پڇ ته اقبال جي هن تبصري ۾ ذري برابر به مبالغو ناهي.

جديديت ۽ مغربي تهذيب جي خلاف مزاحمت جي ٻي وڏي علامت اقبال خود آهي. اڪبر الاهه آبادي کان اقبال جو قدان ڪري وڏو آهي. ته اقبال جي هٿ ۾ ڍال به آهي ۽ تلوار به آهي. ڪيس هڪڙي پاسي اسلام جي طاقت جو پورو اندازو آهي ته ٻئي پاسي جديد مغربي تهذيب ۽ ان جي فڪر جي ڪمزوري جو به پورو احساس موجود آهي. هنن حقيقتن جي شعور ۽ ڄاڻ اقبال جي دل دماغ تي سرمستي طاري ڪري ڇڏي هئي. ان سرمستي مان اها شاعري پيدا ٿي، جيڪا رڳو خواب ئي ڪونه ٿي ڏسي، پر ٻين کي خواب ڏيکاري به ٿي، جيئن اقبال چيو.

من کی دنیا میں نہ پایا میں نے فرنگی کا راج
من کی دنیا میں نہ دیکھے میں نے شیخ و برہمن
تمہاری تہذیب اپنے خنجر سے آپ ہی خود کشی کریگی



جو شاخ نازک پہ آشیانہ بنے گا ناپائیدار ہوگا
اٹھ کہ اب بزم جہاں کا اور ہی انداز ہے
مشرق ومغرب میں تیرے دوٗر کا آغاز ہے

مسلمانن وٽ تجديد ۽ اجتهاد هڪ مستقل داخلي اداري جي حيثيت رکندڙ آهي. جتي به مسلمانن جي زندگي ۾ نوان مسئلا ۽ مشڪلاتون رنڊڪ بڻبيون آهن اتي تجديد ۽ اجتهاد جي مدد سان جلدئي رستو صاف ٿي ويندو آهي. باقي سمورن مذهبن وٽ تجديد ۽ اجتهاد ته پري جي ڳالهه آهي، پر ان جو اشارو ڪونه ٿو ملي.

قومن جي تاريخ جو تجربو انهن جي عمل ۽ جوابي عمل کي متعين ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهم هوندو آهي. مسلمانن جو تاريخي تجربو آهي. ته انهن پنهنجي تاريخ جي هر دور ۾ باطل کي سڃاتو ۽ ان کي مڙسيءَ سان منهن پڻ ڏنو آهي. پوءِ اهو فڪري محاذ هجي يا عسڪري مزاحمت جو ميدان هجي. امام غزالي يوناني فڪر جو اڪيلي سر مقابلو ڪيو. مسلمانن تي صليبي جنگيون مڙهيون ويون. ته مسلمانن ان جو عسڪري ميدان ۾ ملاکڙو ملهائي ڏيکاريو تاريخي تجربي جي هڪڙي اهميت هيءَ آهي ته اهو قومن ۽ امتن جي ايندڙ زمانن ۾ سدائين رهنمائي ڪندو رهندو آهي. ٻين قومن جي تاريخ ۾ عسڪري مزاحمت جا مثال ملي ويندا پر انهن وٽ فڪري مزاحمت جا مثال اڻ لڀ آهن.اهڙي طرح جديد مغربي تهذيب جي مقابلي ۾ عيسائيت، هندوازم توڙي ٻڌزم فڪري مزاحمت کان قاصر ۽ بي وس آهن. واحد مذهب اسلام ئي آهي، جيڪو مغربي تهذيب ۽ ان جي جديد فڪر سان هر ميدان ۾ مزاحمت ۽ مقابلي جي پوري صلاحيت رکندڙ آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# انساني شخصيت ۾ ڪتل بت

### ”ماڏي حسن تي فدائيت جو ”بت“
### ۽ انجي پرستش“

اڄوڪي دؤر جو هڪ وڏو ” بت “ جنهن جي پوڄا، عام طور تي ڪئي وڃي ٿي، اهو ” مادي حسن تي فدائيت جو بت“ آهي. تي وي ۽ انٽرنيٽ ڪوليا وڃن تہ فرد و افراد تي، مادي حسن تي فريفتہ ٿيڻ جو اهڙو تہ ” جنون “ طاري ٿئي ٿو جو ڏينهن رات، ماڻهوءَ جي ذهن تي اهي ئي سوچون سوار رهن ٿيون (سوچ جو رخ اهوئي بڻجي وڃي ٿو)،اخبار ۽ رسالن جا، رنگين صفحا، انهيءَ مادي حسن جي مظاهر سان ڀريل هوندا آهن شهرن ۾، وڏن بورڊن تي، شهواني جذبي کي ڀڙڪائيندڙ مرد ۽ عورتن جون تصويرون لڳل هونديون آهن. ڪاروبار جي فروغ جي نالي تي، انهن بورڊن تي اعتراض ڪرڻ ۽ انهن کي هٽائڻ جي ڳالهہ ڪرڻ بہ غير قانوني حرڪت سمجهي وڃي ٿي، ڇو تہ اهي شيون هاڻي ڪاروبار جو حصو ٿي ويو آهن. ( هڪ ” اسلامي مملڪت “ جي اهڙي ڪريل سوچ تي حيراني ٿيندي آهي، جنهن ۾ هر نئين پروڊڪٽ جي ڪامياب وڪري جي ضمانت ”عورت“ جي تصوير کي سمجهيو وڃي ٿو... ).

” مادّي حسن تي فدائيت “ جي اسان جي هن عنوان، مان اسان جي مراد آهي جائز ۽ نا جائز طريقن سان جنسي جذبات کي تسڪين ڏيڻ لاءِ بيچين رهڻ، سهڻين صورتن کي ڏسندو رهڻ جي آرزو جو غالب هجڻ، نئين، نئين مادي حسن تي فريفتہ ٿيڻ، مخالف جنس سان، لاڳاپا قائم ڪرڻ لاءِ مضطرب رهڻ، مخالف جنس جو آواز ٻڌڻ سان سڪون حاصل ٿيڻ، حسين



چوڪرن سان، الفت جو تعلق قائم ڪرڻ ۽ دل جو انهن ڏانهن ڇڪجڻ، ناچ ۽ واهيات گانا، ٻڌندي ئي، دل جي سازن جو وڄڻ ۽ جنسي اشتعال جي جذبن جو بي قابو ٿيڻ، مرد ۽ عورت جو هڪٻئي جي لاءِ برسر عام والهانہ جذبات جو مظاهرو ڪرڻ ۽ قومي ۽ تهذيبي ادارن ۽، ميڊيا جي طرفان، مرد ۽ عورت جي عاشقانہ ادائن کي عام ڪرڻ ۽ ناظرين مان خصوصاً نوجوان طبقي کي ان جي ” سحر “ ۾ مبتلا ڪري انهن جي، توانائي ۽ صلاحيتن کي مفلوج ڪرڻ وغيره وغيره، اهي سڀ شيون، ” مادي حسن تي فدائيت جي بت“ ۾ شامل آهن_ مادي حسن جا اهي سڀ مظاهرا اهڙا آهن جيڪي اڄوڪي دؤر ۾، مادّہ پرست تهذيب جو حصو آهن. جيئن تہ اها ”عالمي تهذيب“ سڄي دنيا تي غالب آهي ان ڪري، اسان جو ميڊيا بہ انهيءَ تهذيب جي ترقي، فروغ ۽ خدمت لاءِ، آلو بڻجي ويو آهي، ۽ مسلمان ملت ۾، ان ”مادّي عشق “ جو روح ڦوڪڻ ۽ ان تي فدا ٿيڻ ۽ ان کي ئي حياتيءَ جو ” نصب العين “ قرار ڏيڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي.

قادر مطلق، انسان جي تخليق، اهڙي نموني ڪئي آهي جو هن جي لاءِ، دنيا ۾، ” لازوال حسن “ کان فيضياب ٿيڻ يا بهر مند ٿيڻ ناممڪن آهي، هر جنسي تسڪين ۽ عارضي ۽ مادي حسن جي مظاهري کان پوءِ ”هل من مزيد“ جي ( اڃان وڌيڪ ڪپي ) صورت پيدا ٿيندي رهندي آهي، وقتي لذت کانپوءِ، جذبات حسن وري ڀڙڪي اٿندا آهن، اهڙي طرح محدود صلاحيتن ۽ طاقتن جو حامل انسان، جنسي تسڪين ۽ مادي حسن ۾، پنهنجي طاقت ۽ قوتون وڃائي“ ذهني عدم توانائي ۽ اعصابي قوت جي غير معمولي کوٽ جو شڪار ٿي وڃي ٿو_ مادي حسن تي فريفتگي جو ٻيو وڏو نقصان اهو آهي تہ، فرد و افراد ۾، فطرت ۾ موجود، معنوي حسن ۽ حقيقي حسن جي ”صداءِ عالم امر“جي ٻڌڻ ۾ اچڻ واري ” الست بربكم“ واري گونج جو ” احساس ۽ ادراڪ سلب “ ٿي وڃي ٿو_ انهيءَ ادراڪ جي سلب ٿي وڃڻ سبب، دنيا ۾ حقيقي انساني اوصاف ۽ محبوب حقيقي، سان والهانہ محبت جي بنياد تي تعمير

ٿيڻ واري ڪردار کان محروم ٿي، انسانيت " اسفل السافلن " جي درجي ۾ ڪرڻ لڳي ٿي.

" مادي حسن تي فدائيت " وارا جذبا، اصل ۾ " رڃ " جي حيثيت رکن ٿا. انسان جهڙي طرح، صحرا ۾، پاڻيءَ جي ڳولا ۾ ڀٽڪندو رهندو آهي ۽ رڃ کي پاڻي سمجهي، اوڏانهن رخ ڪندو آهي، ويجهو وڃڻ تي به واري نظر ايندي آهي، پاڻي حاصل ناهي ٿيندو. آخرڪار انسان، ڊوڙندي، ڊوڙندي اڃايل ئي مري ويندو آهي، هتي به اها ئي صورتحال آهي ته، جنسي جذبن جي تسڪين جي لاءِ، سهڻين صورتن کي ڏسندو رهڻ کي، زندگيءَ جو مقصد قرار ڏيڻ کان پوءِ به ان مان دل نه ڀرجڻ تي، فرد بلآخر ٿڪجي، توانائين کي آخري حد تائين استعمال ڪرڻ کانپوءِ، مري ويندو آهي آبِ حيات" وري به هٿ ناهي ايندو.

مادي حسن جي ڳولا ۾، اڄوڪي دؤر جو انسان، ڀٽڪندو وتي ٿو پر، حقيقي سونهن ته هن کي، فطرت ۾ موجود، حسن جي خالق هستي" جي انوار حسن جي مشاهدي سان، حاصل ٿي سگهي ٿي جنهن جا رستا، بدقسمتيءَ سان، اڄوڪي دؤر جي، جديد انسان، بند ڪري ڇڏيا آهن.

مادي دنيا ۽ مادي حسن تي، توانائيون خرچ ڪرڻ جو، انسان کي جيڪو نتيجو حاصل ٿيو آهي اهو اهو آهي ته زبان جي لذت ۽ ذائقي جي چٽخاري لاءِ نت نئون "سامان" ٿيو آهي، انسان هر وقت مادي حسن جي عريان نظارن سان محظوظ ٿي پنهنجي حيواني جذبات جي تسڪين جو انتظام ڪري سگهي ٿو ڇو ته، انهن جذبن جي تسڪين جون، نيون، نيون صورتون حاصل ٿي ويون آهن_ " اشرف المخلوقات " جي اها حالت ٿي وڃڻ ۽ "انسان جي جوهري وجود" جي اهڙي تباهيءَ تي، زمين و آسمان، جيترو به ماتم ڪن اهو گهٽ آهي. ڇاڪاڻ ته، سموري ڪائنات کي اشرف المخلوقات جي خدمت جي لاءِ ئي پيدا ڪيو ويو آهي، ۽ ڪائنات جو سڀ



شيون، انهيءَ لاءِ خلقيون ويون ته، انسان جي خدمت ڪن ۽ ان کي  فائدو پهچائين.

اڄوڪي دؤر جو سڀ کان وڏو چئلينج ( جيڪو سڀني چئلينجز کان وڏيڪ ڳرو آهي، اهو اهڙو هڪ سنجيده مسئلو آهي جنهن کي حل ڪرڻ ۾ اسان جا، نوان ۽ پراڻا سڀ تعليمي ادارا ناڪام آهن ) اهو آهي ته، (معصوم انسانيت کي ) افراد کي هر گهر، هر دفتر، هر دڪان ۽ " هر ڪيسي" مان، بلند ٿيندڙ مادي حسن جي صدائن کان ڪيئن بچائجي ؟ مادي حسن جون اهي صدائون اهڙيون آهن، جو نفس کي انهن سان گهڻي رغبت آهي ۽ نفس انهن حسين صورتن ۽ حسين آوازن جي گرفت کان پاڻ کي بچائي سگهي، نهايت ڏکيو آهي_

مادي حسن ۾ مادي عشق به اچي ٿو وڃي، جنهن ۾، مرد عورت جي باهمي جنسي لاڳاپن سان گڏ، ٻنان ڏاڙهي واري نوجوانن سان عشق جو تعلق به شامل آهي، اڄوڪي دؤر ۾، جڏهن کان، مادي حسن جا مناظر ۽ مظاهر عام ٿيا آهن، اليڪٽرانڪ ميڊيا جي  ذريعي، سهڻين صورتن کي، گهر گهر پهچائڻ جي صورت عام ٿي آهي، تڏهن کان، مادي عشق ۽ جنس پرستيءَ جي بيماري به عام ٿي وئي آهي ( هاڻي ته هن، وبائي صورت اختيار ڪري ورتي آهي جنهن جي ڪري، شريف والدين جي لاءِ، پنهنجي عزت کي بچائڻ ڏکيو ٿي ويو آهي ) ۽ هر اهو نوجوان جنهن کي مناسب ديني تعليم ۽ تربيت نه ملي آهي اهو ڪنهن نه ڪنهن طرح، حسن پرستيءَ جي مرض ۾ مبتلا نظر ايندو انهيءَ موضوع تي،" علامه ابن قيم " جي ڪتاب " دواءِ شافي " جو هڪ، تفصيلي اقتباس، هيٺ پيش ڪجي ٿو.

" عشق " انسان کي، ديني ۽ دنياوي " مصالح " کان با لڪل غافل ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڪيس،عشق جي مشاغل ۾ ئي مصروف رکي ٿو انهي ڪري "عشق ۽ حسن پرستي " کان وڌيڪ، دين ۽ دنيا جي مصالح (چڱائي ۽ خير ۽ ڀلائي ) کي ضايع ڪرڻ واري ٻي ڪا به شئي ڪانهي، ڇو ته، " ديني

مصالح “ جو دارو مدار ”جميعت قلب “، جميعت خاطر، ۽ توجہ الي الله تي آهي، عشق ۽ صورت پرستي، قلب ونظر کي، بالڪل ئي متفرق ( منتشر ) ڪري ٿي ۽ دنياوي مصالح“ جي حقيقت، ديني مصالح تي موقوف آهي. بس جنهن جا ديني مصالح، ضايع ٿيندا، يقينًا ان جا دنيوي مصالح گهڻي کان گهڻا ضايع ٿي ويندا_

عشق جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جون آفتون، ايتري قدر گهڻيون ۽ شديد هونديون آهن جو جيئن سڪل ڪاٺيءَ کي باهہ ۾ وجهڻ جي دير هوندي آهي بلڪ، سڪل ڪاٺيءَ ۾ بہ باهہ، ايتري جلد نہ ٿي پڙڪي جيتري شديد، ” عشق جي باهہ هوندي آهي، ان جي وجہ اها آهي تہ عشق جيتري قدر، ” قلب “ جي ويجهو ٿيندو ويندو آهي، ۽ عاشق سان جيتري قدر، ان جو اتصال وڌندو ويندو آهي، اوترو ئي اهو الله سائينءَ کان پري ٿيندو ويندو آهي. عاشقن کي جيتري قدر، الله تعاليٰ کان ” بعد ۽ دوري “ هوندي آهي اوتري ٻي ڪنهن کي بہ ناهي هوندي، انسان جو ” قلب “ الله سائينءَ کان پري ٿي وڃي تہ، هر طرف کان ان تي آفتون اچڻ ٿيون، شيطان جو هن تي غلبو ٿي وڃي ٿو ۽، ظاهر آهي تہ جنهن ماڻهوءَ تي ان جو دشمن غالب ٿي وڃي تہ، اهو مصيبت ۾ وجهندي دير نہ ڪندو، جيتري قدر ان کان ممڪن ٿيندو، اهو تڪليف ۽ ڏک ضرور پهچائيندو ۽ ڪا گهٽائي نہ ڪندو . سوچيو تہ، ان ”قلب“ جو ڪهڙو حال ٿيندو جنهن تي ان جو قوي ترين دشمن، غلبو حاصل ڪري حاوي ٿي وڃي. ان جو اهڙو دشمن جيڪو، سموري مخلوق کان وڌيڪ ان جي عيب جوئي ۽ تخريب ۾ لڳل هجي، ۽ ان کي پنهنجي سچي دوست ( الله سائينءَ ) جي دوستي ۽ ويجهڙائپ کان پري ڪري، نافرمانين تي مائل ڪري، جنهن جي دوستي ۽ ويجهڙائپ کان سواءِ ( ان قلب ) کي فرحت ۽ مسرت ۽، فلاح ۽ ڇوٽڪاري جي سعادت ميسر نٿي ٿي سگهي_



جڏهن انسان جو اهو دشمن، ان جي قلب تي قابض ٿي، ان تي پنهنجي سلطنت ۽ فرمان روائي قائم ڪري وٺي ٿو تہ پوءِ، هو ان جي ذهن کي بالڪل، خراب ڪري ٿو ڇڏي ۽ ان جي اندر وسوسن جون گندگيون پري ٿو ڇڏي، ۽ ڪڏهن، ڪڏهن تہ ان کي صفا چريو بڻائي ٿو ڇڏي، ائين، ماڻهو پنهنجي عقل مان ڪنهن بہ، قسم جو ڪو فائدو بہ نٿو وٺي سگهي.

عاشقن جي اها حالت، هر جاءِ تي هوندي آهي. ڪجهہ واقعات، مشاهدي مان گذريا آهن،

اهو امر واضع آهي تہ انسان ۾، اهم ترين قوت ” عقل “ آهي، انهي عقل جي سبب، انسان، ٻين ( مخلوقات ) ۽ حيوانات جي مقابلي ۾ ممتاز حيثيت رکي رکي ٿو، اهو عقل ئي مفلوج ٿي وڃي تہ پوءِ انسان، جانور ٿي وڃي ٿو بلڪ، جانور کان بہ بدتر ٿي وڃي ٿو_ ” مجنون “ جي عقل کي بہ، ليليٰ“ جي عشق ئي خراب ڪيو ۽ اهڙي طرح ٻين عاشقن جابہ اڻ ڳڻت مثال آهن، جن جي عقل کي، معشوقن جي محبت ۽ عشق ئي متاثر ڪيو، ( اهو جذبو جڏهن، انتهائي شدت تي پهچي ٿو تہ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي قوت سلب ٿي وڃي ٿي ) جنون تہ عجيب وغريب جذبو هوندو آهي، هڪڙو جنون، ٻئي کي مات ڏيئي ٿو ڇڏي، ڪنهن شاعر چيو آهي =

قابوجننت بمن تهوي فقلت لهم،
العشق اعظم مما باالمجانين

( ماڻهن چيو تہ تون، پنهنجي محبوب جي محبت ۾، ديوانو ٿي ويو آهين، مون انهن کي چيو تہ، ” عشق “ ديوانن جي روڳ کان بہ وڏو روڳ آهي )

العشق لا يستفيق الدهر صاحبہ،
انما يصرع المجنون بالحين

( عشق کي ڪڏهن بہ افاقو نہ ٿو ٿئي ۽، ديوانن تي تہ ڪڏهن، ڪڏهن ئي دؤرو پوندو آهي )

” عشق “ انسان جي حواسن کي بگاڙي، بالڪل ” فاسد “ ڪري ٿو ڇڏي، اهو فساد معنوي بہ هوندو آهي ۽ صوري بہ. ” معنوي فساد “ قلب جي فساد جي تابع هوندو آهي، اگر انسان جو قلب فاسد ۽ خراب ٿي وڃي تہ، هن جا هٿ ڪن، اکيون ۽ زبان وغيره. سڀ شيون فاسد ۽ خراب ٿي وينديون آهن، هو پنهنجي معشوق جي خرابين کي بہ خوبيون سمجهڻ لڳي ٿو جيئن تہ هڪ حديث پاڪ مان معلوم ٿئي ٿو حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو=

” حبک الشئيء يعمي ويصم“ ( ابو داؤد: ادب ) ترجمو = هڪڙي شئي جي محبت توهان کي انڌو ۽ ٻوڙو بڻائي ٿي ڇڏي_

محبت، قلب کي ” انڌو “ ڪري ٿي جنهن سبب، عاشق کي محبوب جون اوڻايون ڏسڻ ۾ نٿيون اچن، ڪنن کي ” ٻوڙو “ ڪري ٿي تہ، ان جا ” ڪن “ دنيا جي ملامت، نٿا ٻڌن، وري معشوق جي لاءِ ان جي ” رغبت “ معشوق جي عيبن جي پرده پوشي ڪندي رهي ٿي، انسان، جنهن سان محبت ڪندو آهي ان جا، عيب ناهي ڏسندو عيب تڏهن نظر ايندا جڏهن ان سان محبت گهٽ ٿي ويندي آهي، شديد ترين محبت ۽ شوق، ۽ افراط محبت، ان جي اکين تي، هڪ مضبوط پردو وجهي ڇڏي ٿي جنهن سان هو، شين کي اصلي حالت ۾ ڏسڻ کان قاصر رهي ٿو_

هڪڙي دفعي ” عرفات “ جي ميدان ۾، هڪ نوجوان کي، حضرت ابن عباس جي سامهون پيش ڪيو ويو، هي نوجوان، بالڪل ڏٻرو ٿي چڪو هو، هڏن تي کل کان سواءِ ڪجهہ نہ هوس ابن عباس هن کي ڏسي پڇا ڪئي تہ هن جو اهو حال ڪيئن ٿيو؟ ماڻهن ٻڌايو تہ، عشق ۽ محبت، هن جو اهو، حال ڪيو آهي، ان ڏينهن کان حضرت ابن عباس، روزانو عشق کان پناهہ گهرندا هئا.

” عشق “ افراط محبت جو نالو آهي محبت، ايتري غالب ٿي وڃي جو انسان جي قلب ۽ ذهن تي معشوق جي حڪومت قائم ٿي وڃي، ۽ ان جي



خيالات، تصورات، ذڪرو فڪر تي پوري طرح ڇانئجي وڃي، ۽ ڪنهن بہ وقت هن جو دل ۽ دماغ، معشوق جي تصور کان خالي نہ هجي_ نوبت جڏهن، ان حد تائين پهچي وڃي تہ پوءِ، ان جو نفس ”خواطر نفسانيہ“ جي اندر ئي منجهي پوي ٿو ۽ اهڙي طرح، نفس جون، سڀئي قوتون، معطل ٿي وڃن ٿيون، ان تعطل جي وجہ سان، جسم ۽ روح تي اهي آفتون ۽ مشڪلاتون اچن ٿيون جو، انسان جو جيئڻ ڏکيو ۽ ان جو علاج ناممڪن ٿي وڃي ٿو_ پوءِ انجا سڀ افعال ۽ ڪردار، مقاصد و مطالب ۽ اوصاف واطوار متغير ۽ مختل ٿي رهجي وڃن ٿا ۽ انسان پنهنجي اصلاح ۽ بهبود کان قطعي قاصر ٿي وڃي ٿو_ (”دواءِ شافي“ صفحو 517)

جيئن تہ هن وقت، خوبصورت ڇوڪرن جي عشق جي بيماري بہ عام ٿي وئي آهي، تنهن ڪري، ان سلسلي ۾ ڪجهہ احاديث ۽ ڪجهہ وڏن بزرگن جا اقوال پيش ڪيا وڃن ٿا= حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ، تون، شهزادن وٽ نہ ويهہ ڇو تہ، انهن جو فتنو، نوجوان ڇوڪرين جي فتني کان بہ سخت آهي_ حضرت ابو هريره کان بہ اهڙي ئي روايت موجود آهي.

وفد عبدالقيس، رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ آيو ان ۾ هڪ نو عمر، خوبصورت ڇوڪرو بہ هو، رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن ان کي، پنهنجي پٺيءَ مبارڪ تي ويهاريو_

حضرت عمر بن خطاب جو قول آهي تہ مون کي، ڪنهن عالم تي، نو عمر ڇوڪري جي طرفان، جيڪو خطرو آهي اهو، ايذاء پهچائيندڙ درندي کان بہ وڌيڪ آهي .

”حضرت جنيد “ جو چوڻ آهي تہ، ” امام احمد بن حنبل “ وٽ هڪڙو شخص آيو، ان سان گڏ هڪ، خوبصورت ڇوڪرو بہ هو، پاڻ هن کان پڇيائون تہ، هي ڇوڪرو ڪير آهي؟ جواب ڏنائون تہ منهنجو پٽ آهي، حضرت” احمد بن حنبل “ ان کي چيو تہ، ” ٻيهر هن کي، پاڻ سان گڏ نہ وٺي

اڇجاڻ،“ جڏهن اهو شخص وڃڻ لاءِ اٿي بيٺو ته، حضرت امام کي چيو ويو ته اهو شخص پرهيزگار آهي ۽ سندس پٽ، ته ان کان به وڌيڪ نيڪ آهي، ته امام احمد رحمة الله عليہ فرمايو ته، اسان هنن ٻنهي جي باري ۾ جيڪو چاهيو ان ۾ پرهيز گاري مانع ناهي، يعني پرهيز گار هئڻ جي باوجود، نوعمر، خوبصورت ڇوڪري کي ساڻ وٺي اچڻ مناسب نه آهي.

” ابو ايوب “ جو چوڻ آهي ته، اسان ” ابو نصر بن حارث “ سان گڏ هئاسين، انهن جي سامهون هڪ ڇوڪري آئي جنهن کان وڌيڪ خوبصورت ڇوڪري اسان ناهي ڏٺي، اها پڇڻ لڳي ته، اي شيخ ! باب حرم ڪٿي آهي؟ پاڻ هن کي ٻڌايائون ته، هن طرف آهي_ ان کان پوءِ هڪ خوبصورت ڇوڪرو آيو اهڙو جو هن کان وڌيڪ سهڻو اسان نه ڏٺو آهي، ان به شيخ کان باب حرم جي دريافت ڪيو ابو نصر، ڪنڌ جهڪايو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون، اسان هن ڇوڪري کي ٻڌايو ته ( هن طرف آهي ) جڏهن ڇوڪرو هليو ويو ته، اسان شيخ کان سوال ڪيو ته، توهان جي سامهون ڇوڪري آئي ته توهان ان کي، ڏٺو ۽ جڏهن ڇوڪرو آيو ته توهان ان سان ڪو نه ڳالهايو چيائون ته، سفيان ثوري جي روايت آهي ته، پاڻ فرمائيندا هئا ته، ” ڇوڪريءَ سان گڏ هڪڙو شيطان هوندو آهي جڏهن ته، خوبصورت ڇوڪري سان گڏ، ٻه شيطان هوندا آهن، آئون پنهنجي نفس تي ان جي ٻن شيطانن کان ڊڄي ويس“ هڪڙي روايت ۾ آهي ته، ڇوڪري سان گڏ، ڏهن کان وڌيڪ شيطان هوندا آهن ( تلبيس ابليس _ صفحو نمبر، 429_ 430 )

” مادي حسن تي فدائيت “جي موضوع تي اسان، پنهنجي ڪتاب ” الله جي طالب جو سفر “ ڪتاب ۾ بحث ڪئي آهي، انهي سلسلي ۾، اها بحث پيش ڪئي وڃي ٿي_

### حسين صورتن ۾ سرگردان رهڻ جي،
### جديد افراد جي نفسيات ۽ ان جو علاج

جديد دؤر جو هڪ وڏو فتنو جنهن ۾ خاص طور تي اسان جي نئين نسل، پوري طرح مبتلا آهي، اهو نظرن جو فتنو آهي_ ڇوڪرو چاهي ٿو ته،



هر وقت، جنس مخالف جون، سهڻيون صورتون هن جي، اکين اڳيان هجن، ۽ ڇوڪري به اهوئي چاهي ٿي ته هن کي، مخالف جنس جي صورتن کان لذتياب ٿيڻ جو موقعو ملندو رهي، مرد و عورت جي تصويرن جي عام اشاعت، ٽي. وي انٽرنيٽ ۽ اخبارات ۾، ڇپجندڙ عريان ۽ حسين تصويرن جي موبائل ۾ موجود، مادي حسن جي مناظر جي مشاهدن جي لاءِ، ” مضطربانه ڪيفيت“ پيدا ڪئي آهي.

رسمي دينداري جي باوجود، اها حالت عام آهي ۽، مخالف جنس جي حسن جي مشاهدي جا، جيترا به موقعا ملندا آهن، ان سان، ” مادي حسن تي فدائيت “ جون عادتون، اجان وڌيڪ فروغ پذير ٿيڻ لڳڻ ٿيون، اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جو نه رڳو نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، بلڪ، وڏي عمر جا افراد به، مخالف جنس سان، تعلقات رکڻ، سندن آواز ٻڌڻ ۽ انهن جي صورتن کي ڏسي حظ حاصل ڪرڻ، ۽ انهن کي هڪڙي نظر سان ڏسڻ لاءِ، چريائپ وارين حرڪتن تي لهي آيا آهن، ۽ انهن جي دلين ۾، جذبات جو هڪ سمنڊ آهي جيڪو هڪ ٻئي سان ميلاپ جي لاءِ موجزن آهي.

عالمي سطح کان وٺي محلہ جي سطح تائين، ” مادي حسن “ جهڙي طرح عريان ٿي، هر ننڍي، وڏي جي سامهون آيو آهي، اهو انهيءَ صورتحال جو لازمي نتيجو آهي.

هڪڙي عالم دين، پنهنجي هڪ عزيز جو واقعو ٻڌايو ته هو شروع ۾ گهر ۾، ٻارن کي، ٽي وي ڏسڻ کان، سختيءَ سان روڪيندو رهيو پر، ٻار باز نه آيا، هو پاڻ عمر رسيده هو 75 سال کان وڌيڪ سندس عمر هئي، آهستي آهستي هو پاڻ به ٽي ويءَ تي ڊراما ۽ مادي حسن جا مناظر، ڏسڻ لڳي ويو، ڪجهه ڏينهن ۾ سندس دلچسپي ايتري ته وڌي وئي جو هر وقت، هن جون اکيون ٽي ويءَ تي ڪتل رهڻ لڳيون.

جڏهن عمر رسيده فرد جي اها حالت آهي ته ان سلسلي ۾ نوجوانن جي جيڪا حالت ٿئي ٿي ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونهي، جڏهن کان، موبائيل تي " پيڪيج " اچڻ لڳو آهي، ان جي نتيجي ۾ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ۽ پوري رات، هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه ۾ مشغول رهڻ لڳا آهن. "مادي حسن" تي ايئن فدا ٿيڻ،"عزت وعصمت ۽ شرم وحيا" تي ٻڌل روايات ۽ پاڪيزه جذبات جو اهو حشر، مسلم معاشري جو ايڏو وڏو الميو آهي جنهن تي، جيترا به ڳوڙها ڳاڙيا وڃن، اهي گهٽ آهن، اهو معلوم ڪري ته دل ڏک ۽ اذيت جي احساسن سان لبريز آهي ته نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي حالت "اختلاط" جون تصويرون ڪڍي موبائيل جي ذريعي، هڪٻئي کي موڪلڻ جو رواج به شروع ٿي ويو آهي، اهو قيامت کان پهرين قيامت جو منظر آهي.

امت مسلمه جي دشمنن جي، عرصي کان اها خواهش ۽ ڪاوش هئي ته مسلم معاشرو جنس زدگيءَ جي، هيجان ۾ مبتلا ٿي وڃي ۽ ايئن هو مغربي معاشري جي تقليد شروع ڪري، مغربي معاشري جي نقاليءَ جي راه تي هلڻ اختيار ڪري، ڇو ته مسلم معاشري کي پنهن جي، پاڪيزه تهذيب ۽ خدائي نصرت کان محروم ڪرڻ جي سڀ کان بهتر صورت اها ئي آهي.

مغربي معاشري جي افراد جڏهن اهو ڏٺو ته عورت جي حسن جي مشاهدي ۽ ان سان ميلاپ کان سواءِ هو به چار ڪلاڪ به نٿا رهي سگهن ته ان مقصد جي لاءِ هتي، عورت ۽ مرد جي " مساوات جي تحريڪ " جنم ورتو صنعتي معاشري ۽ جديد تهذيب، هنن جي ضرورتن کي وڌائي ڇڏيو ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ پيدا شده معاشرتي بحران، عورت کي نوڪريءَ جي لاءِ گهر کان ٻاهر ڪڍي، مرد سان گڏ ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو .

هن سلسلي ۾ اهائي صورتحال، مسلم معاشري ۾ به تيزيءَ سان پيدا ٿي رهي آهي، هاڻي عورت جو گهر کان ٻاهر نڪري، نوڪري ڪري پئسا



ڪمائڻ، رڳو مجبوري ناهي رهيو بلڪ، اهو ڪم هاڻي " ترقي يافته " سڏائڻ جي شوق ۾ ٿي رهيو آهي ۽ نئين تهذيب جو معيار پڻ سمجهيو وڃي ٿو . جيڪي عورتون هاڻي، گهرن ۾ رهي ڪم ڪري رهيون آهن انهن کي رجعت پسند ۽ فرسوده سوچ جو حامل سمجهيو وڃي ٿو.

" مادي حسن تي فريفتگي " ۽ سادگيءَواري زندگيءَ تان دستبرداري، اسان جي معاشري کي به قدم بقدم، مغربي معاشري جي راه تي آڻي رهي آهي، ان جو جيڪو نتيجو ظاهر ٿيندو، اهو انسان کي حيوان سمجهي، حيوان جي انهن ضرورتن جي پورائي لاءِ، " سمورين پاڪيزه اخلاقي قدرن " جي، پامالي ٿيندي ۽ ان جي نتيجي ۾، خاندانن جي تباهي، ۽ سنگدليءَ جا مظاهرا عام ٿيندا، اڪيلائيءَ جو احساس وڌندو ۽ خود اعتماديءَ جو بحران پيدا ٿيندو_ اعصابي ۽ ذهني ونفسياتي بيمارين، وباء جي صورت ۾ ائين پکڙ جنديون جو سڄي ملت کي لوڏي ڇڏينديون، جهڙي طرح، مغربي، معاشرن ۾، " رشتن جو تقدس " ختم ٿي ويو آهي.

ڪوئي ڪنهن جو حال پڇڻ وارو ناهي، هر ڪو پنهنجي دنيا ۾ مگن آهي، مصيبت پريشانين، ڏک ۽ اذيت، تڪليف ۽ بيماريءَ جي موقعن تي، قريبي عزيزن جو ڪو سهارو ڪونهي هوندو، نفسا نفسي جي فضا غالب آهي، اها ئي صورت حال، اسان وٽ، پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي، بلڪ عملاً اها صورتحال پيدا ٿيڻ شروع ٿي ئي آهي .

مادي حسن مٿان فريفتگيءَ جي اها، اها سزا آهي جيڪا، قدرت جي طرفان، هر ان قوم کي ملندي آهي جيڪا خود فراموشي ۽ خدا فراموشي ۾ مگن ٿي، مادي حسن کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ان جي پرستش ۾ جنبي وڃي ٿي .

" مادي حسن " تي فدا ۽ شيدا ٿيڻ واريون اهي عادتون جنهن ۾ ماڻهو مبتلا ٿيڻ کان پوءِ پنهن طاقت دولت ۽ پنهنجو جو هر حيات، وڃائي رهيا

آهن. اهو افراد جي هڪڙي ئي بنيادي غلطيءَ جو نتيجو آهي. اها غلطي فطرت ۾ موجود، طاقتور ترين داعيي (تقاضا) کي نه سمجهڻ جي غلطي آهي. جيستائين فطرت جي طاقتور ترين داعي کي سمجهي، ان داعيي جي تسڪين جو انتظار نه ٿيندو تيستائين. ماڻهو " مادي حسن " جي غلاظت ۾ دڦجندو ويندو ۽ ان گندگيءَ مان نڪرڻ جي واٽ نه لهندو. اهڙي طرح هو سڪون ۽ سڪينيت جي بربادي سان گڏو گڏ. وقت، قوت ۽ توانائي جي ضياع جا مرتڪب ٿيندا، ۽ شيطانيت جا شڪار ٿيندا رهندا.

فطرت ۾ موجود، اهو طاقتور داعيو ڪهڙو آهي؟ اهو محبوب حقيقيءَ سان والهانه محبت جو داعيو آهي جنهن کي، عشق حقيقي به چيو وڃي ٿو. انهي والهانه محبت جي ذريعي دل ۾ روح، وجد جي حالت ۾ اچڻ لڳن ٿا، انڪري کين محبوب جي انوار حسن کان فيضياب ٿيڻ جي اها، لازوال نعمت عطا ٿئي ٿي جنهن تي هو سڄي دنيا ۽ دنيا ۾ موجود مادي حسن کي ٺڪرائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. محبوب حقيقيءَ سان اها والهانه محبت، ذڪر و فڪر و افراد کي، محبوب جي اطاعت جي راه تي گامزن ڪرڻ جو ذريعو پڻ بڻجي ٿي ـــ

اسان وٽ مرد و عورت جي آزادانه ميلاپ ۽ هڪ ٻئي جي حسن کان متمتع ٿيڻ جي رجحانات جو اندازو روزنامه جنگ جي 14 مئي 2011 ع جي اشاعت ۾ شايع ٿيل، ڪراچي يونيورسٽي جي هڪ شريف شاگردياڻي جي هن خط مان، لڳائي سگهجي ٿو جيڪو هن، اخبار جي ممتاز ڪالم نگار، انصار عباسي صاحب کي لکيو هو. اهو خط موصوف، پنهنجي ڪالم ۾ شايع ڪيو هو. خط جا الفاظ هي آهن.

محترم انصار عباسي صاحب!

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته.



تي، چار ڏينهن پهريان، مون، اي ميل جي ذريعي توهان کي گذارش ڪئي هئي ته توهان گڏيل تعليمي نظام جي خرابي جي باري ۾ ۽ تعليمي ادارن ۾، تيزيءَ سان پامال ٿيندڙ اسلامي قدرن، جي موضوع تي به ڪالم لکو.

سائين! آئون پاڻ، ڪراچي يونيورسٽي جي شعبه ....... ۾ ٻئي سال جي شاگردياڻي آهيان، ۽ جڏهن تعليمي ادارن ۾ نوجوان، ڇوڪرن، ڇوڪرين جو آزادانه ميل جول، پڪنڪ پارٽيز (بي حجابانه ڳالهه ٻولهه) فيس بوڪ ۾ موبائيل چيٽنگ ڏسندي آهيان، ته حيران ٿيندي آهيان، ته ڇا، اهوئي، اسلامي جمهوريه پاڪستان آهي؟ جنهن نئين نسل کي، اسلامي نظام نافذ ڪرڻ جو بار کڻڻ کپندو هو اها، (نئين نسل) پاڻ هن مملڪت اسلام تي، "ڳرو بار" بڻجندي پئي وڃي، يا هن کي (هڪ مضبوط) سازش هيٺ، تيار ڪيو پيو وڃي؟

يقين ڄاڻو دل، رت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي، منهنجي چاچي جي پٽ، هن سال، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي ته ان کان انٽرويو ۾ پڇيو ويو ته، ڪيترين گرل فرينڊز اٿئي؟ ۽، ڏاڙهي ڇو رکي اٿئي؟ مون سان پهرين سال، اسان جي انگلش جي هڪ پريزنٽيشن جي دوران به ايئن ئي ٿيو ٽيچر مون کي چيو ته آئون، تنهن جا نمبر ڪٽيندس ڇو جو تون پردو ٿي ڪرين ۽ آئون تنهنجا تاثرات، ڏسي نٿي سگهان، مون چيس ته ڀلي نمبر ڪٽي ڇڏيو، اسان هر و پرو فرانس کي ٿا ڇئون، مملڪت پاڪستان جو اهو حال آهي.

پوءِ ٽيچر ڪلاس ۾ ڳانن جو مقابلو ڪرايو پريزنٽشن جي دوران هڪڙي گروپ ۾ موجود، چار ڇوڪرن ۽ چار ڇوڪرين کي سڏيو ويو هر ڇوڪري کي ڏهه منٽ ڏنا ويا، ۽ چيو ويو ته جيڪو ڇوڪرو ڏهن منٽن ۾ جيترين گهڻين ڇوڪرين سان دوستي ڪري ڏيکاريندو اهو کٽندو ٽيچر کٽڻ واري گروپ کي گهڻو ساراهيو بلڪ، جنهن ڇوڪري انهن ڏهن منٽن

۾ چوڪرين ڪان موبائيل نمبر به هٿ ڪري ورتا هئا ان ڪي پيٽيون مارڪون مليون.

سر! گهڻي ڏک جي ڳالهه اها آهي ته، مخلوط تعليم جي خلاف، هاڻي ڪو آواز ئي نٿو اٿاري جيئن پهرين ٿيندو هو لڳي ٿو ته مهاڻن جي وسنديءَ ۾ رهندي , رهندي، مائي ڪلاچيءَ وانگر، اسان کي به هاڻي مڇيءَ جي ڌپ نٿي اچي .

پهرين ته گڏيل تعليم کي خراب سمجهيو ويندو هو، اهڙن ادارن کي سٺي نظر سان ڪو نه ڏٺو ويندو هو يا بالڪل مجبوريءَ جي حالت ۾ قبول ڪيو ويندو هو هاڻي، مغربي پروپيگنڊا، مخلوط تعليم کي، " اعتماد حاصل ڪرڻ جو ذريعو " ڄاڻائي، هن سوچ کي به ختم ڪري ڇڏيو آهي .

سر! مون کي اندازو آهي ته پاڪستان، جو تعليمي نظام، وسائل جي ان کوٽ جو شڪار آهي، جو عورتن جي لاءِ الڳ ميڊيڪل ۽ انجينئرنگ يونيورسٽيون قائم ڪرڻ مشڪل آهن، پر خالص نيت رکي، ڪوشش ڪجي ته، ڪيئي رستا نڪري سگهن ٿا، گهٽ ۾ گهٽ چوڪرن ۽ چوڪرين جا الڳ سيڪشن ته ناهي سگهجن ٿا، پر، نيت جو اهو" اخلاص" ڪنهن اهل اقتدار واختيار وٽ ڪٿان اچي؟ هن طبقي جو وس هلي ته، اسلامي جمهوريه پاڪستان مان، سڀ ڪان پهرين ته لفظ " اسلامي " کي ڪيڏي ٻاهر ڪن، مون کي هن ڳالهه جو به اندازو آهي ته، منهنجو اهو آواز " نقارخاني ۾طوطي " جي آواز مثل آهي هن ڪمزور آواز جي ڪا اهميت نه آهي پر حشر ڏهاڙي، گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ " برائيءَ کي برو سمجهڻ " تي شايد، ڪجهه ته درجا وڌيڪ ملندا. انشاء الله تعاليٰ



محمد موسيٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

# سنڌ جي ممتاز صوفي شاعرن جي شاعري

## شاهه ڪريم بلڙي وارن جو ڪلام

## ۽ ان جي تشريح

### تعارف

شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، ( 1538 ع _ 1623ع ) سنڌ جو ممتاز عارف، درويش، ۽ بزرگ شاعر هو ان جو مزار بلڙي شريف ضلع ٺٽي ۾ آهي، انهن جون ڪجهه خصوصيات اهڙيون آهن جيڪي انهن کي، گهڻن بزرگن کان منفرد مقام ڏين ٿيون. هڪڙي خصوصيت ته اها هئي ته مريدن ۽ معتقدن جي وڏي تعداد جي هوندي، هو پنهنجي گذاري لاءِ پاڻ، ٻني ٻارو ڪندا هئا، ڊگهن سان هر هلائڻ کان وٺي فصل لڻڻ تائين سڀ ڪم، هاريءَ جي حيثيت سان پاڻ سرانجام ڏيڻ" اها انهن جي زندگي جي هڪ نمايان وصف هئي.

انهن جي ٻي وڏي خصوصيت اها هئي ته، خانقاهه تي روحاني فيض جي لاءِ اچڻ وارن مريدن جي کائڻ لاءِ هو پاڻ، گهر، گهر وڃي ماني گهرندا هئا، ان ۾ معمولي به حجاب نه محسوس ڪندا هئا_ هڪ دفعي ڳوٺ جي زميندار جي پٽن سان، هن جي پٽن جو ڪنهن ڳالهه تان، جهيڙو ٿي پيو پٽن چيو ته " هاڻي هن زميندار جي گهران ماني ناهي وٺڻي" پر پاڻ شاهه صاحب

ان ڏينهن سڀ کان پهرين وڃي انهي زميندار جي در تي مانيءَ جي صدا لڳائي.

سندن ٽين وڏي خصوصيت اها هئي ته هو ڪشف، ڪرامتن ۽ الهام کي، ڪنهن اهميت جو حامل نه سمجهندا هئا. پنهن جي مريدن جي تربيت اهڙي طرح ڪندا هئا جنهن ۾ هو " خواب ۽ القاء " وغيره جي خواهش ۽ انتظار ڪرڻ بدران الله جي ذڪر ۽ ان جي عبادت کي ئي زندگيءَ جو اصل مقصد سمجهن. انهي ڪري .

" بيان العارفين وتنبيه الغافلين " ۾ سندن ڪرامتون نه هئڻ جي برابر آهن.

هڪڙي ملفوظ ۾ پاڻ فرمايو اٿن ته " آئون ڏهه سال لڳاتار سنڌ جي وڏن بزرگن جي ( جن ۾ خاص طور تي مخدوم نوح هالائي شامل آهن ) مجلسن ۾ شريڪ رهيس. انهن جي صحبت مان فيض پرايم. پر مون، ڪنهن به بزرگ وٽ، ڪشف ۽ ڪرامتن جون ڳالهيون نه ٻڌيون سواءِ ذڪر جي تلقين جي.

حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي ملفوظات جي ڪتاب ۾ املهه ماڻڪ ۽ موتي شامل آهن. ڪجهه ملفوظات پيش ڪجن ٿا:

جڏهن الله تعاليٰ، حضرت محي الدين عبدالقادر جيلاني تي پنهنجي خاص عنايت فرمائي ۽ کين چيو ته ڪشف، ڪرامت ۽ غوثيت وغيره قبول ڪريو ته پاڻ معذرت ڪيائون.

آخر ۾ جڏهن " فقر جي دولت " جي کين پيشڪش ڪئي وئي ته اها قبول ڪيائون "فقر" پنهنجي ليکي ڪو مقام ناهي، پر اهو هر عهدي ۽ هر خواهش تان هٿ کڻڻ جو نالو آهي. انهي ڪري چيو ويو آهي ته .

شهرت جو بکيو روزانو ڪيئي ڀيرا قتل ٿئي ٿو جڏهن هو ٻين وٽ پنهن جي عزت ۽ تعريف ٻڌڻ لاءِ وڃي ٿو ۽ عزت نه ٿي مليس ته ڄڻ، هو قتل ٿئي ٿو.

ان ڏينهن کان ڊڄڻ گهرجي جنهن ڏينهن، سڀ لڪل ڳالهيون ظاهر ڪيو وينديون.

درويش وٽ ڪنهن دنيادار ماڻهوءَ جو اچڻ، ستر جنن ۽ شيطانن کان وڌيڪ شديد آهي، ڇاڪاڻ ته، شيطان، لاحول پڙهڻ سان ڀڄي ٿو وڃي پر، شهرت ۽ دولت جي بکئي دنيادار ماڻهوءَ مٿان انهن ڪلمن جو ڪو به اثر نه



ٿو ٿئي ( مالدار ماڻهوءَ جو پنهنجي اصلاح جي نيت سان اچڻ ته سٺي ڳالهه آهي ).

طالب کي کپي ته جڏهن، ڪنهن بزرگ کان، ڪا حڪمت جي ڳالهه ٻڌي ته دل جي ڪنن سان ٻڌي ۽ ائين نه چوي ته " مون اها ڳالهه پهرين به ٻڌي آهي "، چاهي اهو ( حڪمت ڀريو ) نڪتو پهرين به ٻڌل هجيس، پر جي ائين چيائين ته اها، سخت دلي جي علامت آهي. آخر اهڙي ڳالهه ٻڌڻ مان ڪهڙو فائدو جنهن تي، عمل نه ڪيو وڃي؟

" جن " ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا شيطان جي صورت ۾، ٻيا "انسان " جي روپ ۾ . شيطاني جن " لاحول " پڙهڻ سان ڀڄي ٿا وڃن پر، " انساني جن " ترڻ جو نالو ئي نه وٺندا آهن. هڪڙو انساني جن، هزار شيطاني جنن تي ڳرو آهي.

درويشن جي دنيا" ڪرامت ۽ پيٽ ڀرڻ " ناهي_ فقير کي کائڻ پيئڻ، ملڻ، جلڻ، پهرڻ اوڍڻ ۾ ٻين کان مختلف هجڻ کپي ( مطلب ته سادگي ۽ درويشي حيثيت ۾ حياتي گهارڻ گهرجيس ).

جيڪڏهن ڪو خدا جو طالب، مهمان بڻجي اچي ته ماڻهوءَ کي کپي ته گهُري يا قرض وٺي به سندس خدمت ڪري، جي ميزبان کان اهي ٻئي ڳالهيون نه پڄيون، ته سمجهيو ويندو ته، ميزبان ڪوڙو آهي، يا.. وٽس مال متاع موجود آهي ( هو خدمت جي جذبي کان محروم آهي ).

" عمل " ڪانسواءِ " علم " جو مثال، ان اڄايل وانگر آهي جيڪو پاڻي، پاڻي جي صدا ته لڳائي ٿو ( پر پيئي نه ٿو ) جيستائين هو پاڻيءَ جو پيالو نه پيئندو ته، ان جي اڃ نه لهندي .

" قرآن " جا حافظ ته گهڻا آهن پر، " حدود ( الله ) جا حافظ " يعني الله جي حدن جي حفاظت ڪرڻ وارا تمام گهٽ آهن. " علم جا طالب " به گهڻائي آهن پر، " علم " ( ذات خداوندي ) جا طالب نه هئڻ برابر آهن.

جيڪو ماڻهو ( رڳو ) رزق جو طالب هجي ته ان کي " الله " جو نالو وٺڻ نه ٿو سونهي پر، کيس کپي ته " رازق " جي نالي جو ورد ڪري ڇو ته، الله جي طالب جو " مقصود " صرف الله ئي هجڻ گهرجي.

جي توکي ڪا اهڙي شئي ملي جنهن سان تون روحاني ترقي ڪري سگهين پر، خدا جو قسم، جي اها شئي " قرآن ۽ سنت " جي ابتڙ آهي ته، تون ان کي ڇڏي ڏي، ڪٿي توکي ان مان ڪيڏو به فائدو ملندو هجي.

جيڪڏهن " طالب حق " کان ڪو گناهه سر زد ٿي پوي ته، ڏک ۽ افسوس ۾ وقت نه وڃائي بلڪ . يا غفار يا غفار " ۽ " يا غفور " پڙهي اڳيان وڌي ۽ الله جي ذڪر " ۾ مصروف ٿي وڃي. (متان نفس ماڻهوءَ کي، گناهه جي معاف ٿيڻ ۽ نه ٿيڻ جي وهم ۾ مبتلا ڪري، الله سائينءَ جي ذڪر کان غافل نه ڪري).

الله جو ذڪر نه ڪرڻ واري جو مثال جانور وانگر آهي، جانور ۽ ان جي وچ ۾ فرق، رڳو اهو آهي ته هن کي پڇ ڪونهي (حديث پاڪ ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن، ذڪر ڪرڻ واري کي " زنده " ۽ ذڪر نه ڪرڻ واري کي " مرده " قرار ڏنو آهي).

جيڪو ماڻهو الله سائينءَ جي محبت کان محروم آهي اهو اعتبار جي قابل نه آهي، (ان جي دل وحشت سان ڀريل رهي ٿي) ان جي لاءِ ڪک به وڏي بلاءِ وانگر آهي، يعني ان کي معمولي واقعات پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿا ڪن.

طالب کي هر حال ۾، الله جو ذڪر ڪندو رهڻ کپي، ڪٿي حالات سازگار هجن يا نه هجن، دل چوي يا نه چوي، هر حالت ۾، راه محبت ۾ هلڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته، جڏهن باغبان، پنهي هٿن سان زمين جي کوٽڻ لاءِ ڪوڏر هلائي ٿو ته، ان جي محنت جي نتيجي ۾، مشڪل سان زمين جو ڪو ٽڪرو تيار ٿئي ٿو.

طالب جيستائين، پنهنجي دل کي سيني خطرن ۽ خيالن کان خالي نه ڪندو تيستائين، ان جي دل ذڪر جي لذت کان آشنا نه ٿيندي ڇو ته، جيستائين، جهنگ جي ڀريل زمين کي " صاف " نه ڪبو تيستائين، ان ۾ ڪو ٻج نه ڦٽندو .

اهو خيال ڪرڻ ته " فلاڻن ڪمن مان واندو ٿي، پوءِ آرام سان ذڪر ڪندس " اهو اجايو خيال آهي ڇو ته، دنيا جا ڪم ڪٽڻ جا ناهن نوان، نوان ڪم نڪرندا رهندا اهڙي طرح، زندگيءَ جي مصروفيات مان واندڪائي نه ملندي، دنيا جي ڪمن جو مثال، ان ماڻهوءَ وانگر آهي جيڪو مٽيءَ سان



ڀريل " ڇاڻي " مٿي تي ڪٽي هلي ٿو هلڻ سان مٽي ڇاڻيءَ مان ڪرندي ويندي ۽ هو ڪوشش جي باوجود، اڏامندڙ مٽيءَ جي دز کان بچي نه سگهندو.

مريدن منجهان جيڪو مونکان ڪٽي ڪيترو به پري رهندڙ هجي جيڪڏهن اهو الله جي ذڪر ۾ مصروف آهي ته ڄڻ اهو منهنجي قريب آهي اهڙي طرح، جيڪو ماڻهو بظاهر ڪٽي ڪيڏو به منهنجي ويجهو هجي اگر، هو ذڪر کان غافل آهي ته اهو مون کان گهڻو پري آهي."

# الله جي محبت جو سفر
## ۽ ان جا تقاضا

تون چئو الله هيڪڙو وائي ٻي ۾ سڪ.
سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لِک.

تنهنجي زندگيءَ جو دستورالعمل اهو هئڻ گهرجي جو تون، چئو ته " الله هڪ آهي، ۽ پوءِ ان تي ثابت قدم رهه. الله کان سواءِ سڀني کان بي پرواهه ٿي وڃ. قل الله ثم ذرهم " (تون الله چئو ۽ پوءِ انهن کي هنن جي حال تي ڇڏي ڏي) يعني، جيڪي، الله جي ذڪر کان غافل آهن ۽ توکي پڻ، الله جي ياد کان غفلت ۾ مبتلا ڪري توکي، پنهي جهانن جي خساري ۾ وجهڻ ٿا چاهين. انهن کي سندن حالت تي ڇڏي ڏي، تون الله سائينءَ جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ، ان جي نالي جو ذڪر ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃ ۽، ان کانسواءِ سڀ تصور ۽ فڪرون فنا ڪري ڇڏ.

" الله " جي ان سچي ۽ بابرڪت نالي کي دل جي گهراين ۾ ڄمائيندو وڃ، اهو الله جو ذاتي اسم آهي اهو ذاتي نالو جڏهن دل جي وسيع دنيا ۾ سمائڻ لڳي ٿو ته، فرد جي دل، مادّي دنيا کان مٿي اٿي صرف، الله جي رضامندي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ، الله جي لاءِ محبت ۽ نفرت ڪرڻ ۽ الله جي راه ۾

دل کولي خرچ ڪرڻ، جي سليقي سان بهره ور ٿئي ٿي، جڻ تہ قرآن پاڪ جي اها آيت ان تي ٺهڪي اچي ٿي ” ان صلاتي ونسکي ومحياي ومماتي لله رب العالمين “ ( بي شڪ منهن جي نماز منهن جي قرباني، منهنجي حياتي ۽ منهنجو موت، الله رب العالمين جي لاءِ آهي).

اصطلاح ۾ ان کي ” مراقبو “ بہ چوندا آهن. اهو مراقبو ” الله جي اسم ذات “ جي ڏيان کي غالب ڪري، ” الله جي اخلاق “ ( تخلقوا باخلاق الله ) مان فيضياب ٿيڻ جو پڻ ذريعو آهي.

الله جي نالي جي هن ذڪر ( مراقبي ) جون، جيتريون بہ فضيلتون بيان ڪجن، اهي گهٽ آهن. اهو الله جي ذاتي نور کي دل ۾ سمائڻ ۽ اخذ ڪرڻ جو بہ موجب آهي.

هي ذڪر، فرد و افراد کي انسانيت جي سڀني جوهرن مان فيضياب ڪري انهن کي معاشري جي لاءِ رحمت جو باعث بڻائين ٿا.

هن ذڪر جي بدولت، اسلامي شريعت جي هر حڪم تي عمل ڪرڻ جي باري ۾ ” حساسيت “ ۽ ” لطافت “ تيز کان تيز تر ٿيڻ لڳي ٿي، هي ذڪر ماڻهوءَ کي نفس جي سمورين بيمارين کان ڇوٽڪارو ڏياري ڪيس، سندس ذات جي لاءِ پڻ، باعث خير بڻائي ٿو،، عارف شاعر چون ٿا تہ، الله واحد آهي توکي الله جي نالي ۾ ايڏي مهارت حاصل ڪرڻ کپي جو، ان ڪانسواءِ ڪا ڳالھہ يعني محبوب ڪانسواءِ ڪا بہ ڳالھہ تنهنجي زبان تي نہ اچي ” الله “ جي هن سچي نالي جو بس، دل ۾ لاڳيتو ورد ڪندو رھ. دل کي بس انهي نالي سان آشنا ڪري، سنواريندو ۽ اجرو ڪندو رھ......

ڏکين ڏات پئو، هينئڙو لوھ سنداڻ جيئڻ
سنپاري کي سڄڻين، ورچي تان نہ وئو.

منهنجي دل، هٿوڙي وانگر ڏکن جي عادي ٿي وئي آهي ان ڪري، محبوب جي ياد، ان جي ذڪر ان جي انوار جي بارش سان هي دل، پگهرجي ختم ٿيڻ جو نالو نہ ٿي وٺي، يعني دل، محبوب جي ذڪر سان اهڙي آشنا ٿي آهي ۽ هن جي، ذڪر مان برڪتون ۽ نور حاصل ڪرڻ جي طاقت، ايتري تہ



وڌي وئي آهي جو، راتو ڏينهن اسم الاهي جي ذڪر ۽ ان جي مراقبي ۾ مصروفيت جي باوجود، ٿڪجڻ جو نالو ئي ناهي بلڪ، ” هل من مزيد “ جيان، حرص وڌندي وڃي ٿي، جيئن تہ دل جي اصل غذا محبوب حقيقيءَ جو ذڪر ئي آهي هن ذڪر جي، سڀ کان وڏي خصوصيت اها آهي جو هن مان انساني شخصيت جي ٻين سڀني جذبن جي تسڪين ٿيڻ لڳي ٿي، آخر ۾ اچي فرد جي اها حالت ٿيڻ لڳندي آهي جو سندس رڳو اها خواهش هوندي آهي تہ هو، پاڻ بہ انوار حسن مان فيضياب ٿيندو رهي ۽ افراد معاشره کي بہ انهيءَ فيض مان بهره ور ڪندو رهي پر،،،، شروعات ۾ نفس ۽ ماده پرست قوتن جي گهري اثرن جي ڪري ماڻهوءَ جي دل ذڪر ۽ مراقبي جي لاءِ مشڪل سان تيار ٿيندي آهي، هو ذڪر ۽ مراقبي کان لنوائڻ ۽ مسلسل نٽائڻ ۽ فرار اختيار ڪرڻ لڳندي آهي، جي زور ڀري مراقبي لاءِ ويهاري بہ ڇڏجي تہ، تحت الشعور ۾ موجود، سڄي زندگيءَ جا واقعا، وسوسن جي صورت ۾، ايڏي طاقت سان حملو ڪن ٿا جو مراقبي جو تصور ڄمي ئي نہ ٿو، پر..... اها صورتحال شروع ۾ ڪجھہ عرصي تائين رهي ٿي پوءِ آهستي، آهستي دل پنهن جي اصل غذا سان مانوس ٿيڻ لڳي ٿي ۽ جڏهن دل، هرڻ لڳي تہ پوءِ سالڪ تي هينيون بيت صادق ٿيڻ لڳي ٿو.

ڇرين جيئن ڇت ڪري، سڳ سيئي ڇن
جي پانئين پرين مڙان تہ، مت منهنجي ڳن.

عارف شاعر هن بيت ۾ ، ان حديث جو مفهوم پيش ڪن ٿا تہ ” الله جو ذڪر ايڏي ڪثرت سان ڪريو تہ جو ماڻهو توهان کي چريو چوڻ لڳن “ چون ٿا تہ جيئن چرين جي دل، دنيا کان بي نياز، پنهنجي حال ۾ مست ۽ عقل جي چٽي ۾ ناهي تئين، تون بہ پنهنجي دل کي اهڙو ڪري ڇڏ جو سڀني کان لاڳاپا ٽوڙي رڳو، محبوب حقيقيءَ جي ياد ۾ مصروف رھہ.

جي تون چاهين ٿو تہ، محبوب جو قرب حاصل ٿئي يعني، هر وقت سندس تات ۽ فڪر غالب هجي ۽، محبوب جي مقابلي ۾ نفسي ۽ مادي

قوتن جي سرڪشي ختم ٿئي تہ پوءِ توکي، منهنجي اها نصيحت ڳنڍ ۾ سان ٻڌڻ گهرجي ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

جڏهن ماڻهو هر شئي کان بي نياز ٿي، محبوب حقيقي جي ذڪر قرب ۾ لذت حاصل ڪري ٿو تہ دنيا، حقير ٿي ان جي سامهون پيش پوي ٿي پر، سالڪ هاڻي اهڙي لذ ت کان آشنا ٿي چڪو هجي ٿو جنهن کان پوءِ سندس نظر ۾ سموري دنيا جي دولت راند، تماشي کان وڌيڪ ڪا حيثيت نہ ٿي رکي، ان ڪري هو دنيا کي ٺڪرائي ٿو ڇڏي ۽ ضرورت کان وڌيڪ، دنيا قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي.

پريان سندي ڳالهڙي، جيڪو ٻي ڪري
مت منهنجي ڪن ڪري تنهن کي جاب مَ ڏي

سالڪ کي نصيحت ڪندي چون ٿا تہ، جيڪو تو سان، محبوب حقيقيءَ کان سواءِ ڪا ٻي ڳالهہ ڪري، تو کي کپي تہ ان کي جواب ئي نہ ڏي.

هيءَ متوسط سالڪ جي حالات جي عڪاسي آهي جيڪو مجاهدن جي ذريعي، محبوب جي انوار مان ايترو فيضياب ٿي ويندو آهي جو ان جي دل جي اُجَ ڪنهن طرح گهٽ نہ ٿي ٿئي، ان جو جيڪو وقت، الله جي ذڪر ۽ مراقبي، فرائض ۽ سنتن جي ادائيگيءَ کانسواءِ ٻين ڪمن ۾ گذري ٿو ان سان هن کي، غير معمولي، اذيت محسوس ٿئي ٿي، ضرورت کان وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ سان هن کي، بي زاري ٿيڻ لڳي ٿي، مبتدي جيستائين پهرين درجي ۾ آهي تيستائين، ذڪر سان ان جي اها مناسبت پيدا نہ ٿي ٿئي پر، متوسط سالڪ جي لاءِ غير ضروري گفتگو محبوب الاهي جي ذڪر کان سواءِ ٻين ڳالهين ۾ مصروفيت سان ان کي، پنهنجي زندگي عذاب ٿي لڳي، هن جو ذهن ۽ دل "محبوب" کان سواءِ ٻين شين ۾ مشغول ٿيڻ جو متحمل نہ ٿو ٿئي.

منتهي سالڪ جي حالت جيتوڻيڪ، گهڻي بهتر ٿي هوندي آهي، اهو سالڪن جي تربيت جي ڪم تي متعين ٿو هجي انهيڪري ان جي لاءِ گهڻي ڳالهہ ٻولهہ نقصان ڪار نہ آهي پر جيئن تہ هن جي دل، اهڙي لازوال



حسن جي مشاهدي سان بهره مند هوندي آهي جو جنهنجي اڳيان سڄي ڪائنات جو حسن ذري مثل بہ ناهي، انهي ڪري "منتهي" جي دل بہ دنياوي معاملات جي سلسلي ۾ گهڻي ڳالهہ ٻولهہ سان اذيت محسوس ڪري ٿي، هو بہ اهو ٿو چاهي تہ اگر، گفتگو هجي تہ "حسن اعليٰ" جي هجي، هو بي وس هجي ٿو تہ، مجلس ۾ ٿيڻ واري ڳالهہ ٻولهہ جو رخ "محبوب اعليٰ" جي انوار حسن ڏانهن ڦيرائي.

عارف شاعر، هن بيت ۾، صادق عاشقن جي جذبن جي تمام سهڻي، ترجماني ڪئي آهي.

اهل معرفت جي هن "حال" جي شهادت قرآن ۽ حديث مان بہ ملي ٿي، قرآن شريف ۾ آهي "مايلفظ من قول الا لديہ رقيب عتيد" (انسان زبان مان ڪو لفظ نہ ٿو ڪڍي جنهن کي، محفوظ ڪرڻ وارا، محفوظ نہ ڪندا هجن) حديث پاڪ ۾ آهي تہ، رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "توهان مون کي "زبان" ۽ "شرمگاه" جي ضمانت ڏيو تہ مان توهان کي بهشت جي ضمانت ڏيان" روايتن ۾ اچي ٿو تہ، هڪ دفعي حضرت ابوبڪر صديق پنهنجي زبان کي ٻاهر ڪڍي موڙي رهيا هئا تہ صحابہ ڪرام پڇيو تہ اي اميرالمؤمنين ! هي ڇا ٿا ڪريو ؟ فرمايائون تہ، "زبان گهڻو ڳالهائڻ جي ڪري گستاخ ٿي وئي آهي، ان ڪري سزا ٿو ڏيان،"

وائي ٻي مَ پيل، مروئان، موران، پکڻان
بالله سندو سڄڻين، هو هلا ڇو هل

ڪائنات ۾ جيڪو شور برپا آهي ۽ صدائون بلند ٿي رهيون آهن، هي سڀ محبوب حقيقي جي لاءِ صداءِ باز گشت آهي (ڪائنات جي هر شئي پکي پکڻ، جانور ۽ جيت، ويندي نباتات ۽ جمادات هر شئي، الله سائينءَ جو ذڪر ۽ تسبيح بيان ڪري رهي آهي) ڪائنات جي هر شئي محبوب جي وجود ۽ هستي جي شاهد آهي، خدا جو قسم هر شئي ۾ محبوب جون نشانيون ئي نظر ٿيون اچن.

ان ڪري توکي، ڪائنات جي محبوب جي نشانين کي سمجهي محبوب سان وصال جي لاءِ مصروف ٿيڻ کپي ۽ ٻيائي ۽ دورنگي کان بچڻ لاءِ مسلسل مجاهدن کان ڪم وٺڻ گهرجي. جيستائين ٻيائي جا اثرات موجود رهندا ان وقت تائين، ڪائنات جو شيون محبوب جي مشاهدن جو ذريعو ۽ موجب بڻجي سگهن، نا ممڪن آهي.

متيون ميڙي ڪانءِ واڇا ڪجي وچ پئہ
جو تو سائر پاڻيو سوهر ٻوئي ناهہ

ڪائنات ۽ حقيقت ڪائنات جي باري ۾ عقل جي فيصلي کي آخري نہ سمجهو انهن معاملن ۾ عقل کي بيوس سمجهي، ان جي فلسفيانہ ڳالهين کي ڪا اهميت نہ ڏيو محبوب جي معرفت تہ دل جي ذريعي ئي حاصل ٿيندي، محبت جي ذريعي سفر ڪريو تہ منزل حاصل ٿئي، محبوب تائين پهچڻ جي جنهن مقام کي توهان، دريا پار ڪرڻ مثل سمجهيو آهي اهو درياءَ ۾ هڪڙي ڪناري کان ٽپي هٽي ٻي ڪناري تي پهچڻ مثل ناهي بلڪ، محبوب جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ نفس پرستيءَ جا هزارين درياءَ پار ڪرڻا پوندا آهن، تڏهن وڃي دل صاف ٿئي ٿي ۽ ان ۾ محبوب جا انوار اخذ ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.

ڪڏيون ۽ ڪروڙون، اي پڻ سڳر ٽوڪ.
هينئون ڏجي حبيب کي لڱ گڏجن لوڪ.

عبادت جا مرڪز (پاڪيزه) ۽ بهترين مرڪز آهن پر، محبوب جي اصل تجلي گاه، دل آهي، هن دل کي پاڪ صاف ڪري محبوب جي حوالي ڪرڻ گهرجي. جڏهن دل، غير ۽ ماسوا الله کان پاڪ ٿي وڃي تہ عبادت گاهن ۾ جيڪا عبادت ٿيندي آهي اها، خالص الله رب العالمين جي لاءِ ٿيندي آهي، رڳو رسمن جي پورائي نہ هوندي آهي، اهڙي عبادت جيڪا



خالص معبود حقيقي لاءِ هجي ان سان اهڙو انسان وجود ۾ اچي ٿو جيڪو جوهر انسانيت سان مالا مال هجي اهو الله جي لاءِ جيئي ۽ مري ٿو سندس سموري حياتي عبديت جو مظهر بنجي وڃي ٿي.

(هن بيت جي ٻي سِٽ ۾ عارف شاعر اهو ئي پيغام ڏنو آهي تہ ”جسماني طرح ڀلن ماڻهن سان مصروف هجو دنيا جا ڪم ڪار ڪندا رهو پر، دل (هينئون) ڏٽيءَ سان ڳنڍيل هجي، ان کي هر وقت حاضر سمجهي جيڪو بہ عمل ڪندؤ اهو شريعت مطابق هوندو).

وهاڻيءَ ئي وچ تونہ سرندو تن ريءَ
تان سا وڃي پيچ پئي جا ڪاڻ پرين سين.

رات جو وقت، جيڪو محبوب حقيقيءَ سان قرب وندڻ جو وقت آهي تنهن کي ائين نہ وڃاءِ، جي سڄي رات ۽ اڌ رات نہ سهي، آخري حصي ۾ ئي اٿي، الله جو ذڪر ۽ پاڪائي بيان ڪر ان سان رازو نياز جو ڳالهيون ڪر، جيئن تہ محبوب حقيقيءِ جي حسن جون تجليون تو ڏٺيون آهن، هاڻي ان کان سواءِ تنهن جي ڪانہ سرندي. جي هاڻي تو سستي ڪئي ۽ پوئين رات جي رحمت وارين گهڙين کي ائين وڃايو تہ توکي سک نہ ملندو تنهنجي حياتي اجائي ويندي.

محبوب سان، تنهنجي تعلق جي مضبوطي جي صورت اهائي آهي تہ رات جي آخري حصي کي، ننڊ ۾ ضايع نہ ڪر ۽ (اٿي ربّ کي ٻاڏاءِ) ۽ رات جو ڪجهہ حصو عبادت ۽ ذڪر و فڪر لاءِ مخصوص ڪر.

اٿي چل چرين جيئن سگ سيئي چن
جي پاڻيئين پرين مڙان تہ مت منهنجي ڳن.

جي تنهنجي اها خواهش آهي تہ، محبوب سان وصال جي سعادت حاصل ٿئي تہ پوءِ، منهنجي صلاح اٿئي تون، اٿي ڪڙو ٿيءُ سيني کان بيپرواه ٿي، رڳو ان (الله) ڏي ڏيان ڏري، چرين جيان ان راه تي نڪري پئو.

” ذڪر “ جيئن تہ انسان جي ” حياتياتي غذا “ آهي، ان کان سواءِ ”نفس جي بلا “ معاشري جي افراد کي ڏنگڻ ۽ جوکو رسائڻ کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهي، افراد جو ذهني توازن بہ برقرار نہ ٿو رهي سگهي، ان ( ذڪر جي نعمت کان سواءِ ) الله جي هيءَ زمين ” شر ۽ فساد “ سان ڀرجي وڃي ٿي ۽ افراد ۽ قومن جي وچ ۾ اڻ کٽ ٽڪراءُ “ جو سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو ۽ ”حڪمران ۽ دولت مند “ پنهنجي اقتدار ۽ دولت جي دائري کي، وسيع کان وسيع تر ڪرڻ جي چڪر ۾ ” انسانيت “ خلاف سازشن جا ڄار وڇائيندا آهن، ۽ ” حرص ۽ هوس “ جا ” اڻ کٽ “ جذبا افراد معاشره کي هڪ ٻئي خلاف، ويڙهاند تي مجبور ڪندا آهن، انهي ڪري، عارف شاعر تلقين ڪن ٿا تہ ” ذڪر ۽ فڪر “ جي ذريعي محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي جي راه “ توهان جي لاءِ زندگي موت جو سوال آهي. چنانچہ سيني کان بي نياز ٿي، محبوب جي راه تي وک وڌايو.

هتي، هن ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ وڏيڪ ضروري آهي تہ ” عام افراد“ ” مصروف افراد “ ( ڀرپور عملي زندگي گذارڻ وارا افراد ) ۽ ” خاص افراد “ ٻنهي جي سلوڪ جي وچ ۾ غيرمعمولي فرق آهي. خواص جو سلوڪ، مصروف افراد جي سلوڪ کان بلڪل جدا گانہ آهي.

عارف شاعرن، خواص جي سلوڪ تي ئي زور ڏنو آهي، جڏهن تہ مصروف عملي زندگي گذارڻ وارن جي لاءِ تہ عملاً اهڙو سلوڪ ناممڪن آهي“ انهن جو سلوڪ رڳو ايترو آهي جو شروع ۾ پندرنهن ويهہ منٽ صبح ۽ پندرنهن ويهہ منٽ شام جي وقت مراقبو ڪرڻو آهي، ۽ ٻن چئن سالن ۾ مراقبي جي هن وقت کي وڌائي، هڪ يا ڏيڍ ڪلاڪ تائين پهچائڻو آهي. ۽ ”شريعت تي عمل، فرائض جي پابندي ۽ منع ٿيل ڪمن کان هر ممڪن حد تائين بچڻ جي ڪوشش.“

”عام افراد“ جي لاءِ انوار الاهي جي ڪجهہ نہ ڪجهہ ” اجزاء “ جو هجڻ ضروري آهي تہ جيئن، روزاني زندگيءَ ۾ سرانجام ڏيڻ وارن ڪمن جي باري



۾ انهن جي اندر جو ” مفتي “ سجاڳ ڪيس فتويٰ ڏيندو رهي ۽ ”ذڪر جي نور“ جي تاثير واري ان فتويٰ سان ماڻهوءَ ۾ براين کان بچڻ ۽ صالح عمل ڪرڻ جي توفيق پيدا ٿئي خواص جو سلوڪ اهو آهي تہ ” شروع “ ۽ ” درميان “ ۾ انهن جو گهڻو وقت ” ذڪر و فڪر “ جي لاءِ مخصوص هجي ۽ ضروري ڪم ڪارين کانپوءِ ان جو سمورو فارغ وقت، محبوب سان راز ونياز ۾ گذري هو ، پنهنجو جيترو وقت، محبوب جي معيت ۾ گذاريندا، ان جي برڪت سان سندن ” وقت “ علم “ ۽ ” روزيءَ “ ۾ برڪت ٿيندي ويندي. ٿورو وقت ڏيڻ سان، هنن جا، گهڻا دنياوي ڪم ڪار سر انجام ٿيندا، ٿوري علم سان، هنن جي زبان مان، حڪمت جا اهڙا موتي ظاهر ٿيڻ لڳندا جو علم ۽ عقل وارن جي لاءِ، ان جي حڪمت جي هڪ حصي تائين بہ رسائي نہ ٿي سگهندي. ان جي رزق جو انتظام بہ اهڙي هنڌان ڪيو ويندو جو ظاهري علم رکندڙ حيرت ۾ گم ٿي ويندا.( ومن يّتّق الله يجعل له مخرجا ويرزقہ من حيث لا يحتسب “ ط )

( هونئن اها ڳالهہ آزمايل آهي تہ ” سلو ڪ “ جي پانڌيئڙن کي، جي ڪڏهن خيال ايندو آهي تہ سامهونء واري جي خراب رويّئي جو جواب سٺي رويئي سان ڇو ڏيان ؟ تہ اوچتو ” اندر جو مفتي “ هڪل ڪندو آهي تہ متان ! تہ اها هڪل ٻڌي هو الله کان معافي گهرندو آهي.)

الله جي لاءِ پنهنجيون سموريون طاقتون ۽ صلاحيتون، خرچ ڪرڻ جي نتيجي ۾ الله جي طرفان انهن تي خصوصي انعام ٿئي ٿو.قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ ففرو الي الله ( الله ڏانهن ڀوڙو ) صادق عاشقن جو چوڻ آهي تہ هن آيت ۾ الله ڏانهن ڀوڙڻ جو مطلب نفس ۽ مادّي دنيا کان بينياز ٿي، محبوب ۽ معبود حقيقيء جي عبادت ۾ مصروف ٿي وڃڻ آهي“ عبادت ڪو ٿوري وقت ياگهڙي ڪن جو معاملو ناهي، ”عبد “ ( ٻانهو ) سدائين ٻانهو آهي هن جي حياتيءَ جو ڪو حصو ۽ ڪوئي وقت ” ٻانهپ “ جي آداب جي ادائيگيءَ کان خالي نہ ٿو هجي.

ڀانهو جڏهن آقا جي لاءِ محبت جي سيني جذبن سان، پنهنجيون توانائيون " وقف " ڪري ٿو ته آقا، ان جي سيني ضرورتن لاءِ ڪافي ٿي وڃي ٿو.

جي جاڳندي من ۾، ستي پڻ سيئي.
من پريان نيئي، پڳهيو پاڻ ڳري.

عارف شاعر هتي، عاشق صادق جي حالات جي عڪاسي ڪندي چون ٿا ته، سجاڳيءَ جي حالت ۾ ته هن جي دل محبوب سان مصروف هوندي ئي آهي پر، ننڊ جي حالت ۾ به سندس دل، محبوب حقيقيءَ جي لاءِ تڙپندي رهي ٿي، محبوب ان جي دل کي پاڻ وٽ قابو ڪري رکيو آهي.

عارف شاعر جو بيان ڪيل اهو نڪتو، انسان جي ان خصوصيت جي نشاندهي ڪري ٿو ته جڏهن فرد، ڪنهن به علم ۽ فن جي، شعبي ۾ پنهنجي سموري توانائي خرچ ڪري ٿو ڇڏي ۽ ان ۾ فنا ٿي وڃي ٿو ته ان، فنائيت جي نتيجي ( ننڊ جي حالت ۾ به جڏهن شعور ستل هوندو آهي ) ان کي جيڪي شيون نظر اچڻ لڳن ٿيون، اهي، انهي علم ۽ فن جي متعلق هجن ٿيون اهڙي طرح، فنائيت سان لاڳاپيل علم ۽ فن جي باريڪين تائين پهچ ٿيڻ لڳي ٿي.

جيڪي سالڪ، حياتيءَ جي ڏکهي عرصي تائين، هر دم محبوب جي لاءِ تڙپندا رهن ٿا، سخت مجاهدن جي ذريعي دل تان " مادي نقش " مٽائي محبوب جا نقش اجاگر ڪندا رهن ٿا، انهن جي " دل " ننڊ جي حالت ۾ محبوب جي سفر تي گامزن آهي.

پاڻياري سيڪا جا سر گهڙو پري
ڪا ليءِ سندي سڄڻين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري.

راه سلوڪ ۾ هلندڙ مختلف افراد جي حالات جي عڪاسي ڪندي، عارف شاعر، فرمائين ٿا ته "ڪجهه ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن جي، سلوڪ جو مقصد محبوب سائينءَ جي ذات اعليٰ نه پر، ڪشف، الهام، سٺا خواب،



بشارت جي اطلاع، ارواح سان ملاقاتون، تصرف جي قوت ذريعي ٻين کي مسخر ڪرڻ، ٻي دنيا جا مشاهدا، بزرگ بنجڻ جو شوق، پنهنجي روحاني قوتن ۾ واڌارو آڻي، پنهنجي چوڌاري مريدن جو هجوم گڏ ڪرڻ جي آرزو ۽ طلب وغيره " هوندي آهي،اهڙا سالڪ " نفس جا غلام آهن اهي، الله جا طالب هرگز ناهن.

سلوڪ جي " ابتدائي " دؤر يا وچواري " دؤر ۾، آزمائش طور ڪجهه ماڻهن کي ڪشف ٿيڻ لڳندو آهي ۽ انهن کان " تصرفات " ٿيڻ لڳن ٿا، جيئن ته " مبتدي " ۽ متوسط " جو نفس، سڌاري جي، شروعاتي مرحلن ۾ هجي ٿو تنهن ڪري هن طرح جي الهامات ۽ تصرفات سان هو " دعويٰ " ۾ مبتلا ٿيڻ لڳي ٿو ۽، سلوڪ ۾ داخل ٿيڻ جو جيڪو " مقصد " هوندو آهي يعني، " غير الله جي نفي " اهو هن " مقصود " کان پري ٿي، فتنن ۽ آزمائشن ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو.

مٿئين بيت جو لفظي ترجمو ائين آهي ته "مٿي تي دلو ( گهڙو ) رکي کوهه تان پاڻي پرڻ واريون عورتون ته گهڻيون ئي آهن پر، ڪن جو مقصود " محبت " هوندو آهي يعني ( مڙس ۽ ٻارن جي خدمت ) ته وري ڪن عورتن جي سامهون رڳو مزوري جي رقم جو حصول هوندو آهي".

ور وسري ته ڪوهه ؟ پر ور نه وسريوس
ڪونه چوندو ڪڏهين ته، اگهڻ اونداهوس

جي مرشد جي ياد باقي نه رهي ته ڪو حرج ناهي پر ( مبتدي ) سالڪ جو محبوب حقيقي جي ذڪر کان غافل ٿيڻ صحيح نه آهي، محبوب جي ياد ڪانسواءِ، دل صاف نه ٿي ٿي سگهي.

هن بيت ۾، عارف شاعر اهو نڪتو بيان ڪيو آهي ته ڪجهه مريد اهڙا هوندا آهن جيڪي، صاحب دل شخصيت جي صحبت ۾ رهڻ کي ئي وڏو ڀاڳ سمجهندا آهن ۽ هن سعادت کي، وڏي فخر سان ماڻهن آڏو بيان ڪندا رهندا آهن يا بزرگ جي قربت کي پنهنجي بزرگي جي دعويٰ طور استعمال

ڪرڻ لڳندا آهن. اهڙي طرح هو بزرگ سان وابسته حلقي ۾ پنهنجو رعب ڄمائڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن. بزرگ جي قربت ۽ معيت جي باوجود انهن کي، محبوب جي ذڪر ۽ فڪر، ۽ مخلصانه عبادت ۽ نفس جي خراب عادتن کي سڌارڻ جي سعادت حاصل نه ٿي ٿئي، اهڙا مريد قربت جي باوجود محروم رهجي وڃن ٿا. جڏهن ته گهڻائي سالڪ اهڙا آهن جن کي، صاحب دل شخصيت کان پري رهڻ جي ڪري، بار بار صحبت جو موقعو نه ٿو ملي پر هو ذڪر و فڪر ۾ اڳ پرو رڙهندا رهن ٿا ۽، مراقبي سان انهن کي مناسبت پيدا ٿي وڃي ٿي، اهي وڏا " ڀاڳوارا " سالڪ آهن. ڇو ته اصل مقصود، محبوب جي ياد ۽ ان جي تصور جو غلبو آهي، بزرگ جي صحبت ان جو ذريعو آهي...

مٿين بيت جو ظاهري مطلب ته ڪجهه ٻيو آهي پر، اسان جي نظر ۾ ان جو مفهوم اهو ئي آهي ڇو ته، ملفوظ ۾، جنهن واقعي جي ضمن ۾ اهو بيت لکيو ويو آهي اهو واقعو اسان جي هن تشريح جي تائيد ڪري ٿو.

( منهنجي خيال ۾ هن بيت جي لفظي معنيٰ اها آهي ته = جيڪڏهن ڪٽي، ٻانهي کي دل ۾ ايئن محسوس ٿئي ته ڪيس " الله " وساري رکيو آهي ( حالانڪ ائين ناهي الله سائين، پنهنجي ٻانهن جي حال کان، هر پل باخبر آهي ) ته به ٻانهي کي گهرجي ته، هر دم ربّ سائينءَ جي ذڪر ۽ ياد ۾ مشغول رهي، ائين، هن جي "اندر" جي اونداهي ختم ٿيندي ۽، سندس دل روشن رهندي ). مترجم

مٺ پيڙپائي پلي، جي اپٽي ته واءُ
جه پڌر وڏي ڳالهڙي ته، ڇڏي وڃي ساءُ

هن بيت ۾ عارف شاعر، سالڪ کي اها تلقين ڪن ٿا ته، راه محبت ۾ هلندي جي، محبوب طرفان ان کي، ٻي دنياجو مشاهدو ڪرايو وڃي ۽ ڳجهه ۽ اسرار جو ڳالهيون ظاهر ڪيو وڃن ته، محبوب جي انهن رازن جي حفاظت



ڪجي، ڪنهن سان اهي راز نه سلجن، نويڪلائي ۾ حاصل ٿيندڙ محبوب جا اسرار سالڪ جي همٿ وڌائڻ لاءِ هوندا آهن، اهي راز کولڻ جي نتيجي ۾ محبوب طرفان، وڌيڪ ڳجهه ۽ اسرار جو انڪشاف بند ٿي وڃي ٿو ۽ مٿن ناراضگي جو اظهار به ٿئي ٿو.

جيڪي گهران مَ وڃ جيڪي موٺ م سهٽي
هيڪڙيائي هٿ ڪر، ٻيون پيري پيچ

عارف شاعر، راه حق جي سالڪ کي مخاطب ٿيندي چون ٿا ته، اي سالڪ! يا ته توکي محبوب جي محبت جي راه اختيار ئي نه ڪرڻ کپندي هئي، هاڻِي جڏهن تو اهو رستو اختيار ڪيو آهي ته پوءِ، واپسيء جي وسوسن کي هرگز غالب نه اچڻ ڏي، سڀني محبتن تان هٿ ڪڻي، محبوب حقيقيءَ جي وحدانيت جي رنگ کي غالب ڪريو، انهيءَ راه تي، همت ۽ حوصلي سان هلندو رهه.

سوئي هيڏان، سوئي هوڏان، سوئي من وساء
تنهين سندي سوجهري، سوئي سو پساءِ

اهو محبوب اعليٰ، جنهن پوري ڪائنات جو احاطو ڪري رکيو آهي، هر هنڌ جنهن جو شان ۽ عظمت غالب آهي، اهو ئي، دل ۾ به موجود آهي، ڪائنات جي هر شئي، هن جي " نور " سان منور آهي اهڙي عظيم هستي جيڪا ٻانهي جي دل ۾ وسندڙ آهي ان جون تجليون تڏهن نظر ايندين جڏهن دل کي، " نفس " جي ڪثافتن کان پاڪ ۽ صاف ڪبو.

ڪاٺياريون ڪيئن ڪن، عمر اچا ڪپڙا،
جنين جا ٿرن ۾، وَرَ ٿا ويڙ سهن.

محبوب سان محبت ڪرڻ وارا ۽ ان جي درد و فراق ۾ روئڻ وارا، ظاهري زينت ۽ ( سونهن وارا وڳا پائي، دل وندرائڻ ڪي وقت جو زيان ٿا سمجهن، سندن دل، دنيا ڪان بيزار آهي ۽ من ۾، مالڪ جي محبت جو درد سمايل آهي ).

بيت جو لفظي ترجمو هن طرح آهي= اي عمر بادشاهه ! جنهن جي دل مڙس جي ( جدائي ۾ غمگين هجي، اهي ڪيئن صاف ڪپڙا پائي سينگار ڪن جڏهن ته هنن جي مڙس کي ٿر ۾، ماڻهن جا مهڻا سهڻا ٿا پون. )

متار ڪا ڳپرو گرٽ نه پڏن گوڏ
آيا اڳڻ هوڏ، سر ڏيو سروپين.

الله جي عشق و محبت جي پنڌ تي هلندڙ پانڌيئڙا، پاڻ سان سفر جو سامان نه ٿا کڻن، اهي هٿين خالي هوندا آهن. سندن سڀ اميدون محبوب سان لاڳا پيل هونديون آهن، اهي مرشد جي مئيخاني ۾ پهچي، هر ويلي عشق جو جام پيئن ٿا ۽ ان ۾ مست رهن ٿا، شراب - عشق حقيقي جو نشو انهن کي محبوب حقيقيءَ ڪانسواءِ سيني فڪرن ڪان ڇوٽڪارو ڏياري ٿو يعني هو، دنيا ۾ رهڻ ۽ جنس ۽ پيٽ جون حاجتون رکڻ جي باوجود ( الله جي حدن جي حفاظت ڪن ٿا ) دولت ۽ شهرت جي بک نه ٿا رکن، مادّي ضرورتون انهن کي، الله جي محبت، ان جي ذڪر ۽ ياد ڪان غافل نه ٿيون ڪن، الله جو عشق هنن کي، دنيا جي حرص ۽ لالچ ڪان بچائي ٿو.

جاتو گهيڙي گهٽ مانگرياڙي مڇڙا
ان ڪنڊيءَ ڪيڍي ڪيترا نيئي پڇاڙيا پٽ.

" ائي مهاڻا! ( سامونڊي شڪاري ) مگر مڇ مارڻ جي اها ڪنڊي جيڪا، تو ڳچي ۾ وڌي آهي ان، پهريان ئي گهڻن کي ماري ختم ڪيو آهي."



يعني " ذڪر " جو مزاجي سانچو مستحڪم ٿيڻ ڪان پهرين، گهر ٻار ۽ ڪارو بار جي مصروفيت، افرادڪي عام طور تي، حق وصداقت تي قائم رهڻ نه ٿي ڏئي، انهن کي " حرام " ڪوڙ ۽ مڪر و فريب ڪان بچائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي ٿئي. " يا ايهاالذين امنو لا تلهڪم اموالڪم ولا اولادڪم عن ذڪر الله ومن يّفعل ذالک فا ؤلائک هم الخاسرون ط "

( ائي ايمان وارؤ! ائين نه ٿئي جو توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد توهان کي، الله جي ذڪر ڪان غافل ڪري ۽ جن ائين ڪيو اي ئي نقصان وارا آهن ).

انساني معاشري ۾، شروع ڪان وٺي اڄ تائين جيڪو فساد برپا ٿيو آهي، جي ان جو تجزيو ڪجي ته خبر پوندي ته اهو سڄو فساد، " الله جي محبت ڪان اڻ ڄاڻائي، ذڪر جي لذت ڪان محرومي ۽ فرعونِ نفس جي سرڪشيءَ جو نتيجو رهيو آهي" فرعونِ نفس کي سر ڪشي جو موقعو تڏهن ملي ٿو جڏهن، " انسان جي دل ۽ روح کي، محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي جي غذا نه ٿي ملي" " نفس" جيئن ته، مادّي دنيا جي طاقتور ترين شئي آهي، هن کي جڏهن اقتدار ملي ٿو ته پوءِ هي ( بگهڙ ڪان وڌيڪ خطرناڪ آهي ) انسانيت جو دشمن ٿيو پوي پوءِ هو وڌيڪ دولت ۽ وڌيڪ اقتدار جي خاطر انساني قدرن کي آخري حد تائين پامال ڪرڻ لڳي ٿو، پنهنجي ذليل مقاصد جي حصول لاءِ هن کي انسانيت خلاف ڪنهن به سازش ڪرڻ ۾ عيب نه ٿو محسوس ٿئي، نفس جي درندگيءَ کي انساني جوهرن ۾ تبديل ڪرڻ جو طريقو بس رڳو هڪڙو ئي آهي ته هن کي محبوب حقيقي جي آتشِ عشق ۾ ساڙيو وڃي، آتشِ عشق ۾ ساڙي دل ۽ روح کي ان جي قيد مان آجو ڪجي. ائين "نفس امّاره" کي "نفس مطمئنّ" ۾ تبديل ڪيو وڃي .

ڏورا پسي ڏور، جي وئين وهرو نڪري
مانگرياڙي مچڙا هڏ نہ وڏين هور.

اي الله جا ٻانها! جي تون، نفس پرستي ۽ ماده پرستيءَ جي وڌندڙ طوفان کي ڏسي، شروع ۾ ئي پاڻ سنڀالين ها تہ اڄ اها نوبت نہ اچي ها، جي اڳواٽ ئي ” محبوب حقيقيءَ جي محبت ۽ معرفت جي ذريعي“ ان جي راهہ تي وک وڌائين ها تہ ( هنن خوف خطرن ۽ نفسي حملن ) کان بچي پوين ها، ” نفس پرستيءَ جي ڄار“ ۾ اهي ئي ماڻهو ڦاسن ٿا، جيڪي، عشق جي ذريعي وحدت جي درياهہ ۾، ٽٻيون هڻڻ جي سگهہ نہ ٿا سارين.



محمد عثمان عباسي

# سنڌ جي عالمن سان شاهہ ولي الله جا رابطا

معرفت جي صاحب حضرت شاهہ ولي الله (1114_1176هہ) جي غير معمولي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي. شاهہ صاحب رحہ دنياءِ اسلام جو وڏو نامور بزرگ ٿي گذريو آهي ۽ سندن نالي کان علمي دنيا جوهر شخص آگاهہ آهي.ڪين پنهن دور جي عالمن تي نمايان مٿڀرائپ حاصل هئي. ٻارهين صدي هجري جو هڪ ميجيل اهل الله مرزا مظهر دل وارو دلبر شهيد سندن بابت فرمائي ٿو: ” الله تعاليٰ مون کي سموري زمين جو هٿ جي تري وانگر سير ڪرايو مون پنهنجي دور ۾ شاهہ ولي الله صاحب جهڙو ڪنهن کي بہ نہ ڏٺو. “ شاهہ صاحب رح پنهنجي تعليمات ۽ عملي تصنيف جي ذريعي اسلام ۽ مسلمانن جي اها خدمت سر انجام فرمائي جنهن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. پاڻ هڪ ئي وقت ۾ پنهنجي صديءَ جو مجدد، اسلام جو عظيم مفڪر، وڏو مجد، مفسر، حڪيم ۽ رباني عالم هو. پاڻ شريعت، طريقت، فلسفي، تصوف ۽ جملي عقيلہ ۽ نقليہ علمن ۾ نئين انداز ۽ حڪيمانہ طرز تي ڪلام فرمائي ڪري بعد ۾ اچڻ وارن جي لاءِ سوچڻ جون نيون راهون کولي ڇڏيون.

ٺيڪ ان دور ۾ سنڌ زمين بہ علم ۽ عرفان جو گهوارو هئي. هتي مخدوم ابوالقاسم نقشبندي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ خواجہ محمد زمان لواري واري جهڙا اولياء ۽ چوند پسند ڪيل عالم موجود هئا جن جو فيض پري پري تائين پهچي چڪو هو. هتي هيءَ سوال پڇي سگهجي ٿو تہ ڇا ٻارهين صدي جي ان علمي دور ۾ شاهہ ولي الله صاحب رحہ جا سنڌ جي عالمن ۽ فاضلن سان علمي ۽ روحاني رابطا هئا؟

ان سلسلي ۾ اسان کي سنڌيءَ جي ٽن انتهائي معزز عالمن جا نالا مبارڪ ملن ٿا جن سان شاهه صاحب جو سڌو سنئون علمي تعلق رهيو آهي. انهن ٽن بزرگن مان هڪ ته شيخ القراء محمد فاضل سنڌي آهي، جيڪو شاهه صاحب رحه جي فن قرائت ۾ استاد هو. ٻيو مخدوم محمد معين ٺٽوي صاحب " الدراسات " جنهن جي شاهه صاحب موصوف کان علم حديث جي اجازت عطا ٿي. ٽيون بزرگ محمد شريف بن خير الله سنڌي آهن جنهن شاهه صاحب رحه کان باطني فيض جي سند ۽ خرقو خلافت حاصل ڪيو.

شيخ القراء محمد فاضل سنڌي سنڌ ۾ ڪٿي ڄاتو هو. سندن رهائش ڪٿي هئي. اهو ڪيئن دهلي ويو ۽ ڪڏهن ويو. انهن سڀني سوالن بابت هتان جا سيئي تذڪرا خاموش آهن. " نزهة الخواطر " جيڪو ان صديءَ جي تصنيف آهي، ان مان فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو ته شيخ عالم مجود ( تجويد جو ماهر )محمدفاضل سنڌي دهلي ۾ شيخ القراء هو. شيخ عبدالخالق دهلوي کان بروايت امام حفص قرآن پڙهيو ۽ کانئن شاهه ولي الله ٻين ڪيترن ئي ماڻهن فيض ( 1 ) حاصل ڪيو. شاهه صاحب رحه پاڻ به قرآن پاڪ جي فارسي ترجمي فتح الرحمان جي مقدمي ۾ هن طرح لکن ٿا.

قال العبد الضعيف ولي الله بن عبدالرحيم عفي عنه قرائت القران کله من اوله الي آخره بروايته حفص عن عاصم علي اصالح الثقة حاجي محمد فاضل السندي سنه 1154 هه قال تلوته الي آخره بروايته حفص علي الشيخ عبدالخالق شيخ القراء سمحروسته دهلي. (2)

" ( الله پاڪ جو ) ڪمزور بندو ولي الله بن عبدالرحيم عفي عنه چوي ٿو ته مون قرآن کي اول کان آخر تائين بروايت حفص عن عاصم، صالح معزز ماڻهو حاجي محمد فاضل سنڌيءَ کان سنه 1154هه ۾ پڙهيو ۽ ان چيو ته مون ان کي اول کان آخر تائين بروايت حفص دارالسلطنت دهلي جي شيخ القراء شيخ عبدالخالق کان پڙهيو. "



ٻيو سنڌي عالم مخدوم محمد معين سنڌي آهي. جنهن سان شاهه صاحب رحه جو سڌو سنئون علمي تعلق رهيو آهي. ان بزرگ عالم جي فضل ۽ ڪمال جي جيتري تعريف ڪئي وڃي ٿوري ٿيندي موصوف علم حديث جو سمنڊ هو. عربي ادب جو شهنشاهه ۽ علم الڪلام جو دنيا ۾ بيمثال ڄاڻو هو. فلسفي ۾ سندن قلم جي زور جو هي عالم آهي ته سندن طرز تحرير ۾ ملا صدرا جي مشهور ڪتاب، "اسفار اربعه " جهڙي رواني محسوس ٿئي ٿي. سنڌجي مشهور مؤرخ مير علي شير قانع ٺٽوي سندن بابت پنهنجي تاثرات جو هن طرح اظهار ڪيو آهي.

مخدوم محمد معين شاگرد مخدوم عنايت الله مذکرواست، خدا تعاليٰ آن ذات حميده صفا رادر زمان خود جامع جميع فنون کمال آفريده، در منقول و معقول نحريرعصر و علامه دهر شد باوجودآن کمالات علمي آشنا شده بسا بزرگ دين را محبت کرميان ابوالقاسم نقشبندي که مذکور شد ارادت اتم يافت دورادا خرايام بجناب کرامت نصاب سيد عبداللطيف تارک لقب بوضع يارانه د ارادتمندانهجو شيده. (3)

مخدوم محمد معين رحه شاهه ولي الله رح کان عمر ۾ ويهه سان وڏو هو. مخدوم صاحب جي ولادت سنه 1093ع ۾ ٿي (4) ۽ وفات سنه1163هه ۾. شاهه صاحب جو سنه ولادت سنه 1114هه ۽ سن وفات سنه 1174 هه آهي. ان مان واضع ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب شاهه صاحب جو شاگرد فقط اجازت حديث جي حد تائين آهي. باقي هن شاهه صاحب کان ڪو ڪتاب نه پڙهيو هو.

عربي جي مختلف علمن ۽ فنن بابت عام طور تي هي دستور رهيو آهي ته مستند عالمن ۽ مشهور ڪتابن جي مصنفن تائين پنهنجي سند ۽ روايت جو سلسلو محفوظ رکندا آيا آهن. علم حديث ۾ ته ان جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. ان تعلق ۾ تصديق ۽ اسناد ( اهي ڪتاب جن ۾ حديثون راوين جي نالي سميت لکيل هجن ) جا ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا

آهن. ان اجازت ۾ هي ضروري نٿو ٿي تہ جن ڪتابن جي روايت ڪئي، جيڪڏهن ڪنهن بزرگ عالم کان اجازت ورتي وڃي تہ اهي ڪتاب ان کان پڙهيا بہ وڃن. ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو تہ هڪ علم جو درياءِ عالم آهي جنهنجو هنن علمي سندن جو سلسلو معتبر استادن جي ذريعي مٿي وڃي ٿو تہ اهو پاڻ جهڙي ڪنهن ٻئي بزرگ عالم کي پنهنجي مرويات جي روايت ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيندو آهي. اهڙي اجازت روبرو بہ ڏني ويندي آهي. ۽ پر پٺ ( غائبانہ ) بہ مخدوم محمد معين صاحب کي شاھ صاحب کان اهڙي قسم جي اجازت ملي. ان ملاقات ۾ مخدوم صاحب جيڪو نهايت ئي نهنو ۽ صوفي بزرگ هو.

شاھ ولي الله صاحب کان حديث جي ڪتابن ۾ ٻين علمن جي روايت جي اجازت حاصل ڪئي. باقي هيءَ ملاقات ڪٿي ٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟ ان بابت قياس آرائين ڪانسواءِ ڪوبہ ثبوت نٿو ملي. مناسب معلوم ٿئي ٿو تہ ان سلسلي ۾ مخدوم محمد معين صاح جي پنهنجي وضاحت پيش ڪئي وڃي.

فقير ڪتب ستہ احاديث و معلجم وڪتب علم ڪلام وڪتب علم اصول وڪتب علم ادب و ڪتب شريفہ علم شريف تصوف بند متصل الي المصنيفين حتي الڪافية في النحو. سندها المتصل الي ابن حاجب از دو شيخ روايت ميڪند يکي قدوة العلماء الراسخين في دقة شيخ عبدالقادر مفتي المڪة باجازتہ الخاصة لي بروايت ها بجميع مافي فهرست الجامع الصحيح مروياتہ.

” فقير صحاه ستہ، معلجم، علم الڪلام، علم اصول علم ادب ۽ علم شريف تصوف جي ڪتاب جي انهن جي مصنفن تائين ( ايستائي جونجو جي ڪتاب ڪافيہ جي مصنف ابن عاجب ) ٻن شيخن کان روايت ڪري ٿو. هڪ پنهنجي دور جي مضبوط عالمن جي اڳواڻ شيخ عبدالقادر



مفتي مڪي کان، جنهن جامع صحيح جي فهرست جي سڀني روايت ڪيلن جي مونکي خاص اجازت عنايت فرمائي“.

شيخ سوم کہ اجازت حديث باين فقير داده قدوة المشائخ في بلدنا فيض بن العارف والقطب في وقة الشيخ آدم تتوي کہ اين شيخ ڪريم اجازت ازشيخ حسن عجيمي دارد کہ از عمده مشائخ حضرت شيخ عبدالقادر مذکور است اسانيد اين هر دو شيخ از شيخ عجيمي بالاترمي ردد. با آنڪہ شيخ عبدالقادر از مشائخ ببار ديگر هم روايت دارد.

” ٽيون شيخ جنهن هن فقير کي حديث جي اجازت عنايت فرمائي، اسان جي ملڪ جي ديني اڪابرن جي اڳواڻ سيخ فيض بن عارف ۽ وقت جو قطب شيخ آدم ٺٽوي آهن. شيخ حسن عجمي کان اجازت مليل اٿن. شيخ عجمي کان اجازت مليل اٿن. شيخ عجمي شيخ عبدالقادر مڪي جي وڏن اڪابرن مان آهن. انهن ٻنهي بزرگن جي سندن جو سلسلو بوسيد شيخ عجمي مٿي وڃي ٿو. شيخ عبدالقادر ٻين ڪيترن اڪابر کان بہ روايت ڪئي. “

شيخ چهارم کہ اين، فقير اجازت از ايشان دارد حضرت عارف بن عارف الڪاشف المشاهد شيخ اجل زڪي الله سرهندي است قدس سره.

چوٿون شيخ جنهن کان هي فقير اجازت رکي ٿو: حضرت عارف بن عارف صاحب ڪشف ۽ مشاهدات شيخ اجل زڪي الله سرهندي قدس سره آهن“

پنهنجي سلسلي روايت جي انهن چئن اڪابر شيخن جي ذڪر ڪانپوءِ فرمائين ٿا: شيخ پنجم کہ فقير اجازت از ايشان دارد. حضرت ولي الوقت حضرت ميان ولي الله بن شيخ عبدالرحيم است.

” پنجون شيخ جنهن کان هي فقير اجازت رکي ٿو: حضرت ولي وقت حضرت ميان ولي الله بن شيخ عبدالرحيم آهن.“

ذڪر ڪيل عبارت مان تہ فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ انهن پنجن تي اڪابر عالمن کان مخدوم محمد معين کي اجازت مليل آهي پر انهن شيخن کان هي اجازت بالمشافہ ( روبرو ملاقات ۾ ) ملي يا خط وڪتابت جي ذريعي ۽ خاص طور شاهہ ولي الله صاحب جي معاملي ۾ تہ هي سوال وڏي اهميت رکي ٿو. ڇو تہ مخدوم محمد معين ٺٽوي جي تنقيد نگارن مخدوم محمد معين ٺٽوي جي تنقيد نگارن مخدوم صاحب جي تاليف " دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب" جي هن عبارت کي ( جنهن ۾ شاهہ ولي الله صاحب جن هڪ ملاقات ۾ مخدوم محمد معين کي ان جي تحقيق ۾ منفرد قرار ڏنو ) غلط ٻڌايو آهي ۽ لکيو آهي تہ اهو سنڌ کان ٻاهر ٿي نہ ويو. ان ڪري وري هي تحسين ( تعريف ) ڪيئن ٿي سگهي ٿي.... وغيره وغيره.

پر هي تنقيد نگارن جي بي انصافي ۽ هٺ ڌرمي آهي مخدوم عبداللطيف ٺٽوي " ذب ذبابات الدراسات " جي مصنف مخدوم محمد معين کان گهڻو ننڍا آهن. خود مخدوم عبداللطيف جا والد بزرگ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد معين کان عمر ۾ ننڍا آهن ۽ پاڻ کان فائدو وٺندڙ آهن جنهن جو اعتراف ان پنهنجي انهن رسالن ۾ ڪيو آهي، جيڪي هُن پنهنجي شيخ مخدوم محمد معين سان اختلاف ڪندي رد ۾ پڇا ڳاڇا جي طور تي لکيا آهن. اهڙين حالتن ۾ ان طرح ڪوڙو سمجهڻ واري حالت نامناسب معلوم ٿئي ٿي ڇو تہ همعصرن ۾ مخدوم محمد معين صاحب جي ڪتاب "دراسات" جي ذڪر ڪيل عبارت کي ڪنهن بہ ڪوڙو نہ ڪيو. ان سلسلي ۾ اسان هتي مخدوم محمد معين جي قلمي رسالن مان شاه ولي الله سان ان جي ملاقات جي بابت وضاحت پيش ڪريون ٿا. پاڻ فرمائي ٿو:

سواء دو شيخ اول کہ از ايشان اجازت بالمکاتبه است ازين سہ شيخ اجازت بالمشافہ و من الاثنين منهم بالمکاتبة ايضاً حاصل دارد رحم الله الکل برحمه واسعتہ وزاد في عمر الخامس ونورنا بنوره.



"پهرين ٻن شيخن کانسواءِ جن کان اجازت خط و ڪتابت جي ذريعي ورتي آهي. باقي ٽئين شيخن سان ملاقات ۾ اجازت ملي آهي ۽ انهن مان ٻن کان اجازت خطن ذريعي بہ حاصل آهي. الله سڀني تي رحم فرمائي ۽ پنجين (شاهہ ولي الله) جي عمر وڌائي ۽ انجي نور سان اسانکي روشن فرمائي."

اڳتي هلي ڪري حضرت شاهہ ولي الله صاحب جي سلسلي بابت هڪ لطيفو بہ ذڪر فرمائي ٿو:

از عجائب اتفاقات آنکہ سلسلہ حضرت ميان شاهہ ولي الله و سلسلہ حضرت ميان زکي الله بحضرت قطب الاقطاب مجدد الف ثاني رضي الله عنہ مي رسد ومن نعماء الله الهنية.

"هي عجيب اتفاق آهي تہ ميان شاهہ ولي ۽ حضرت ميان زڪي الله ٻنهي جو سلسلو حضرت قطب الاقطاب مجدد الف ثاني رضي الله عنه تائين پهچي ٿو. هي الله پاڪ جي مبارڪ نعمتن مان هڪ نعمت آهي."

هن وضاحت کانپوءِ تہ منهنجي خيال ۾ هڪ انصاف ڪندڙ ۽ محقق جي لاءِ مخدوم محمد معين صاحب جي شاهہ ولي الله صاحب سان ملاقات ۾ شڪ ڪرڻ جي ڪابہ گنجائش نٿي رهي.

آخر ۾ اهو لکي ٿو تہ انهن روايتن جي حوالي سان شيخن جي سَندَن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ تہ هڪ سڄو ڪتاب گهرجي. هتي تبرڪ طور فقط بہ لاڳيتيون سندون لکيون وڃن ٿيون. پهرين سَندَ حضرت شاهہ ولي الله جي طريقي جي آهي ۽ ٻي شيخ زڪي الله جي طريقي جي. اسان هتي پهرين طريقي جي سند کي ان جي لفظن ۾ پيش ڪريون ٿا ڇو تہ ان ۾ "ابناني" (مونکي خبر ڏني) جو لفظ استعمال ڪيو آهي جيڪو ملاقات جي صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي. لکن ٿا:

ابناني و انا الفقير محمد المقلب عيوبهما وغفر ذنوبهما. ولي الله بن عبدالرحيم عاملهما الله بلطفہ الجيم قال: سمعت الحديث المسلسل بالاولية

من الثقة الثبت حاجي محمد افضل قال سمعت عن الشيخ عبدالاحد قال سمعت عن ابي الشيخ احمد السرهندي رضي الله عنہ و سمعت من حاجي محمد افضل قال سمعت من الشيخ عبدالله المكي البصري بسنده المذكور في مسنده. (5)

"مونکي فقير المسمي محمد المقلب معين بن محمد المقلب امين کي (الله ٻنهي جي عيبن کي ڍڪي) ولي الله بن عبدالرحيم جن (الله ٻنهي کي پنهنجي عظيم لفط سان نوازي) فرمايو تہ مون حديث لڳاتار پهرين معزز ماڻهو ۾ لکيل حاجي محمد افضل کان ٻڌو ۽ ان ٻڌايو تہ مون ان کي شيخ عبدالواحد کان ٻڌو ۽ ان ٻڌايو تہ مون ان کي پنهنجي پيءُ شيخ محمد سعيد کان ٻڌو ۽ ان ٻڌايو تہ مون انکي پنهنجي والد شيخ احمد سرهندي رضي الله عنہ کان ٻڌو. هن روايت جو هڪ ٻيو طريقو سند سان آهي تہ مون حاجي محمد افضل کان ٻڌو. ان ٻڌايو تہ مون شيخ عبدالله المڪي البصري کان ٻڌو. ان سند سان جيڪا ان جي مسند ۾ ذڪر ٿيل آهي."

شاهہ صاحب ۽ مخدوم محمد معين جو پاڻ ۾ خط و ڪتابت جو سلسلو بہ هو معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم محمد معين پنهنجي هڪ خط ۾ شاهہ صاحب کان پهريان پهريان پادرين جي سردار جي ايجاد ۽ ٻين مسئلن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي هوندي. جيئن تہ شاهہ صاحب مخدوم محمد معني جي نالي پنهنجي خط ۾ انهن مسئلن تي روشني وڌي آهي. ان خط جي شروعاتي عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب مخدوم صاحب کي وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو. عبارت ڏسو.

درجواب سوال مخدوم از بعض اشكالات تائيد الهي شامل حال آن نقاد اقوال الرجال باد عنايت نامہ شكين شمامہ از اموري كہ عواقب آن انشا الله تعاليٰ بخير است رسيد فقير را مخلص صميمي و دعا گوئي خلا دملا قصور فرمائيد جعل الله لكم من كل ضيق فخرجا الخ. (6)



"مخدوم محمد معين جي ڪجهہ علمي ڏکين سوالن جي جواب ۾ ماڻهن جي قولن جي نقاد (مخدوم معين) سان گڏ الله جي تائيد شامل حال هجي. مشڪ جهڙي هٻڪار خوشبو وارو عنايت نامو (انهن حالتن بابت جن جي انشاء الله پڇاڙي سٺي آهي) پهچاءِ ان فقير کي مخلص سچوءِ تنهائي ۾ توڙي سڀني کي سامهون دعاگو خيال فرمايو. دعا آهي تہ اوهانکي هر تنگيءَ کان ڇوٽڪاري جو رستو عنايت فرمائي."

ٽيون بزرگ شريف محمد شريف پٽ خيرالله پٽ عبدالغني سنڌي آهي. جيڪو ٺٽي جي آسپاس اگهم ڪوٽ جو رهاڪو هو. باطني فيض جي اڄ ۾ طلب ڪين ٺٽي جي خدمت ۾ سلوڪ جي سفر جو پورائو ڪيائون.

هن سنڌي بزرگ جي سوانح حيات جي سلسلي ۾ بہ هتي جا تذڪرا خاموش آهن. شاهہ صاحب ڪين خرقہ خلافت سان گڏ جيڪا سند عنايت ڪئي هئي. ان مان هن سنڌي بزرگ جي ڪمالات تي روشني پوي ٿي. هتي مناسب معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب جن ڪين ارشاد ۽ تلقين جي اجازت ڏيندي جيڪا سَندَ عطا فرمائي هئي. ان جو ترجمو هتي پيش ڪجي ٿو:

شاهہ صاحب فرمائي ٿو: سڀ تعريفون ان الله جي لاءِ آهن جنهنجي نعمت سان نيڪيون پوريون ٿين ٿيون ۽سڀني حالتنب ۾ ان جي فضل تي ڀروسو ۽ انحصار آهي. سيدنا محمد ۽ سندن آل اصحاب تي الله جي رحمت هجي.

حمد ۽ صلوات ڪانپوءِ ٻندو ضعيف الله ڪريم جي رحمت جو محتاج ولي الله پٽ عبدالرحيم العمري الدهلوي (الله ان تي ۽ ان جي ديني اڪابرن ۽ والدين تي احسان فرمايو) چوي ٿو تہ سنہ 153هہ جي مهينن ۾ اسانجي پاءُ الله جي طرف پهچڻ جو خواهشمند محمد شريف پٽ خير الله ۽ پٽ عبدالغني سنڌ ملڪ شهر ٺٽي جي آسپاس اگهم ڪوٽ جي رهاڪو صوفي طريقي جي ڳولا ۾ مهاجر ٿي ڪري مون وٽ آيو. ان ڪان اڳ هڪ

وقت تائين اهو صوفي طريقي جي عملن، مشغلن ۽ مراقبن جي روزاني مشق ڪري چڪو هو. ان جي لاهن چاڙهن کان واقف هو ۽ ان علم جي ننڍن وڏن مسئلن جي تحقيقات ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري چڪو هو. مون ان کي نفس جي نرم پاڪ صاف، هر لطيفہ سنئي شيءِ جي، مخصوص جايون ۽ نسبتون سڀ سمجهايون ۽ اهي نسبتون بہ سمجهايون جن تي مشهور طريقي جو مدار رهيو آهي ۽ ان کي هي بہ سمجهايو تہ سلوڪ جي رستي جو طالب هڪ لطيفہ کان ٻئي لطيفي تائين ۽ هڪ نسبت کان ٻي نسبت ڏانهن ڪهڙي طرح منتقل ٿيندو آهي. اهڙي طرح مون ان کي (ان علم جون) خاص ڏکيائون سمجهايون.

مون ان کي عادتن جي خلاف (ڪرامتن) ظاهر ٿيڻ جي حالت ۽ ان جي دعوت ڏيندڙ ۽ سبب ٻڌايا هي سڀ شيون مون ان کي اهڙي طرح سمجهائي ڇڏيون، جهڙي طرح الله تعاليٰ منهنجي مٿان انڪشاف ڪيو ۽ مونکي سمجهايو هو ۽ مون پنهنجي اڪابرن کان وراثت ۾ حاصل ڪيو هو. الله تعاليٰ ان ۾ برڪت فرمائي هئي (منهنجي سمجهائڻ ڪانپوءِ) هو ان کي مناسب طور تي سمجهي ويو. مون پنهنجي ميزان (عقل) سان جيڪو منهنجي پروردگار مون کي عطا ڪيو هو ان کي معلوم ڪرڻ چاهيو تہ مون ان جي سمجهہ (کي) صحيح سمجهيو. والحمدلله. هاڻي مان انهن طالبن کي مختلف صوفي طريقين جي ارشاد جي اجازت ڏيان ٿو. اهڙي طرح انهن کي خرقہ (جبو) پارائڻ، انهن ڏانهن توجہ ڪرڻ ۽ انهن کي صحبت سان فائدو پهچائيندي ۽ صوفي جبي جي نسبت عطا ڪرڻ جي اجازت ڏيان ٿو جهڙي طرح جو ان جي منهنجي شيخ مرشد، منهنجي والد منهنجا آقا، منهنجي نڪاڻي ۽ جن تي سيني حڪمن ۾ منهنجو اعتماد رهيو آهي، انهن مون کي هدايت ڪئي ان جي اجازت ڏني ۽ مون کي ان جو جبو پارايو.

الله تعاليٰ ان جي روح کي راحت عطا فرمائي ۽ انهن کي حرمين محترمين جي سيني مشائخن کان (بہ) جيڪي مون وٽ اجازتون آهن، انهن سيني جي اجازت ڏيان ٿو.



مون انهن کي ٻڌايو تہ سهروردي طريقي ۾ انهن ذڪرن ۽ ورد وظيفن ڪرڻ کي سٺو سمجهيو ويندو آهي. جيڪي ڪتاب عوارف المعارف ۾ ذڪر ڪيل آهن. مون انهن کي هي بہ ٻڌايو تہ مون مديني جي هڪ شيخ کان ٻڌو آهي تہ انهن وٽ (سلوڪ ۾) احياءُ ۽ قوت القلوب تي عمل ڪرڻ بهتر سمجهيو ويندو آهي.

مون انهن کي ٻڌايو تہ جيترا بہ (اولياء الله) جا طريقا جنيد تائين پهچن ٿا، اهي سڀ توڙي جو شغل، ذڪر ۽ مراقبن ۾ هڪٻئي کان مختلف آهن پر تهذيب، لطائف ۽ نسبتن ۾ سڀئي ساٿي ۽ دوت آهن. ها ڪي نسبتون اهڙيون بہ آهن جا جا طريقا هڪٻئي کان مختلف هوندا آهن ۽ تهذيب نفس جي تعبيرن ۾ بہ ڪجهہ اختلاف ڏٺو ويو آهي، جنهنجو اصلي سبب هي آهي تہ ڪي صوفي (اولياء الله) ڪنهن مددگار ۽ مخصوص لطيفہ جو نالو ذڪر نٿا ڪن پر هن لطيفہ جي جيڪا مخصوص نسبت هوندي آهي، ان جو ۽ تهذيب نفس تي ان جو جيڪو اثر مرتب ٿيندو آهي (فقط) ان جي طرف اشارو ڪري ڇڏيندا آهن. جنهنجو اسان هڪ مثال پيش ڪريون ٿا:

چشتيہ طريقي وارا ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جي مرتبن جا ذڪر ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي سرور، محبت ۽ انبياء جي روحن سان گڏ گهمڻ جي ڪيفيت (جيڪا تهذيب روح جو نتيجو آهي) حاصل ٿئي تہ اهڙي شخص جي حق ۾ اولياء الله هي چوندا آهن "فتح الله عليه الملڪوت" يعني فلاڻي شخص تي الله تعاليٰ ملڪوت کي چٽو ڪيو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي لاءِ لطيفہ خفيہ جي تهذيب جو ثمر "حق کي مخلوق ۾ ڏسڻ مخلوق کي حق ۾ ڏسڻ" واضح ٿئي ٿو تہ ان وقت اهڙي شخص جي لاءِ هيئن چوندا آهن تہ فلاڻي شخص تي الله تعاليٰ مرتبہ لاهوت کي ظاهر ڪيو.

عبارا تناشي و حسنک واحد. وکل الي ذاک الجمال يشير.

يعني اسانجون عبارتون مختلف آهن ۽ تنهنجو هڪ ئي حسن آهي. هر هڪ عبارت هن هڪ ئي حسن ۽ سونهن جي مخبري ڪري رهي آهي.

هن سمجهاڻي جي آخر ۾ شاهه صاحب رحه پنهنجي مريد ۽ عقيدتمند محمد شريف سنڌي کي ڪجهه وصيتون فرمائين ٿا:

”هاڻي مان انهن کي خاص سندن نفس جي لاءِ ظاهر ۽ باطن ۾ تقويٰ جي وصيت ڪريان ٿو ۽ ان جي به ته اهو ٻڌي ۽ شرائع جو خيال رکي. صوفيه جنديه جي طريقي جو پابند رهي. مان انهن کي طالبن قرب خدا جي متعلق هي وصيت ڪريان ٿو ته ان سان گڏ شفقت سان پيش اچي ۽ ان کي نيڪ ڪم ڪرڻ جو چون ۽ برائي کان منع ڪن ۽ انهن کي علم حديث جي روايت ڪرڻ جي رغبت ڏيارن.

والحمد لله اول و آخر!

(ماهنامه الرحيم ج 1 ش 7 رجب 1383هه ڊسمبر 1943ع)

حوالا:

نرهة الخواطر، ج 6 ص 342

مقدمه فتح الرحمان فارسي

تحفة الڪرام فارسي، ج 3، ص 229

هڪ قلمي بياض مان جيڪو فضلائي سنڌ کي ماده هائي تاريخ جو هڪ مجموعو آهي. مخدوم صاحب جي هيءَ تاريخ ڄمڻ جي اسان کي ملي سگهي آهي ۽ هيءَ هن مصرعي مان نڪري ٿي: ”مخدوم عالم محمد معين“ عجيب ڳالهه آهي ته هن مشهور شخصيت جي ڄمڻ جي تاريخ بابت ان جي ڪنهن به سوانح نگار ڪجهه به نه لکليو.“

مجموعو رسائل مخدوم معين (قلمي) ڪتب خانه قاضي محمد مراد سيوهاڻي.

تفهيمات الهيه، ج 1 ص 109، طبع مجلس علمي. تفهيمات ج 1 ص 102 ـ 103 ـ 104.